مصیبت ماریا، سائیبن سنواریا

از

شمس العلماء مرزا قلیچ بیگ

مصيبت ماريا، سائين سنواريا

از

شمس العلماء مرزا قليچ بيگ

سندي ادبي بورڊ،
حيدرآباد سنڌ.

چاپو پهريون سال ١٩٦١ع تعداد ٢٠٠٠
چاپو ٻيو سال ١٩٧٧ع تعداد ٢٠٠٠

قيمت: ٥-٠٠ روپيا

ملڻ جو هنڌ:
سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال،
جنرل پوسٽ آفيس باڪس نمبر ١٢
حيدرآباد سنڌ.

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس، تلڪ چاڙهي،
حيدرآباد سنڌ ۾ ڇپيو، ۽ مسٽر غلام رباني آگري،
سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

پڌرو هجي ته

هي ڪتاب وڪٽر هيوگو جي مشهور فرينچ ناول مان هڪڙو آهي، ۽ انگريزيءَ توڙي ٻين ٻولين ۾ ترجمو ٿيل آهي. مون اهو سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيو آهي. ڪتاب جو سمورو ترجمو نه ڪيو اٿم، پر ان جو سارو مضمون سنڌيءَ ۾ ڏنو اٿم، ۽ ڪي ٿورا پاڳا ۽ نالا غيرضروري سمجهي، ڇڏي ڏنا اٿم. اميد آهي ته پڙهندڙ اهو پڙهي خوش ٿيندا، ۽ هن مان چڱي نصيحت حاصل ڪندا.

حيدرآباد سنڌ. —— قليچ بيگ

—— فيبروري ١٩١٧ع

باب پهريون

سن ١٨١٥ع ۾، فرانس جي هڪڙي پرڳڻي ۾ 'چارلس ميريئل' نالي هڪڙو پادري هوندو هو، جنهن کي آني مقرر ٿئي آٺ-نو ورهيه ٿيا هئا. هو اصل هڪڙو خانداني ماڻهو هو، ۽ هاڻي پنجهتر ورهين عمر جو هو. هن کي سندس پيءُ ارڙهن-ويهن ورهين جي چمار ۾ پرڻايو هو. هو قد جو بندرو هو، مگر مضبوط ۽ خوبصورت ۽ خوش طبع هو- ملڪ جي ٻين اميرن وانگي هن خاندان جو به شاهي خاندان سان واسطو رهندو هو. پر انهيءَ وقت ڌاري جو فرانس ۾ حڪومت جي ڦيرڦار جو فساد پيو ۽ بادشاهي حڪومت مان ڦري راڄاڻي يا رعيتي حڪومت شروع ٿي، تنهن ۾ ٻين خاندانن وانگي هي خاندان به دربدر ٿي ويو. تنهنڪري چارلس مريل ملڪ ڇڏي زال سوڌو اٽليءَ ڏي ويو، آني هن جي زال مري پئي ۽ اولاد ڪونه ڇڏيائين. انهيءَ ڪان پوءِ هو گوشه نشين ٿي گذارينده هو.

جڏهن چارلس مريل هن نئين عهدي تي مقرر ٿي آيو، تڏهن ساڻس سندس ٻيءُ هئي، جا ڪانئس ڏهه ورهيه ننڍي هئي، انهيءَ جو نالو 'مئڊم پيتستائن' هو. هوءَ ڏکهي، سنهي، نرم دل زال هئي، ۽ ننڍي هوندي

ڪان عبادت ۽ خداپرستيءَ ڪري ڪري اچي ايڏي ٿي هئي. هنن سان ٻيي ٻ هڪڙي زال "مڪلوئر" نالي هئي، جا سندن نوڪرياڻي هئي: هوءَ ٿلهي، مضبوط ۽ چالاڪ هئي، ۽ دم ڪشيءَ جي ڪري، خواه تڪڙي تڪڙي ڪم ڪرڻ ڪري اڪثر ٻئي سهڪندي هئي.

اتي اچڻ ڪان پوءِ، ڀرين تہ پادري صاحب دستور موجب اتي جي حاڪمن، عملدارن ۽ وڏن ماڻهن سان ملاقات ڪئي، ۽ پوءِ پنهنجي عهدي جو ڪم شروع ڪرڻ لڳو- جا سرڪاري جاءِ هن کي رهڻ لاءِ ملي سا هڪڙي قديم ماڙيءَ واري عمارت هئي، ۽ ساڻس هڪڙو باغيچو ٻہ لاڳو هو. جيڪو پگهار ملندو هوس، تنهن جو گهڻو ڀاڳو تہ خيراتي ڪمن ۽ خلق جي فائدي لاءِ خرچڻ لڳو، ۽ پاڻ ٿوري تي گذران ڪرڻ لڳو. سندس ڀيڻ هن کي پنهنجو بزرگ سمجهي، سندس مرضيءَ ٻڌيان هلندي هئي، ڪچندي ڪين هئي، مگر سندس نوڪرياڻي البت ڪڙڪندي ڇهڙڪندي هئي، ۽ تنگيءَ جي دانهن ڪندي هئي. جيڪي رقمون ٻاهران ڪيس ملنديون هيون، سي ٻ هو خيراتي ڪمن ۾ آڻي ڇڏيندو هو، ۽ پنهنجو خانگي خرچ هميشه قائم رکندو آيو. سندس حد اندر ڪيتريون جايون هيون، جن جي هن کي نظرداري ڪرڻي ٿيندي هئي، ۽ هن کي وڃڻو ٿيندو هو. اوڏانهن ٻہ هو هميشه ٻڌ ڪري ويندو هو. جي ڪٿي ٻري جبل ۾ يا ڪنهن ٻئي ڏڪئي هنڌ وڃڻو

ٿيندو هوس، تہ گڏهہ تي چڙهي ويندو هو. اگرچ ماڻهو ڪلندا هئا، تہ هو دل ۾ نہ ڪندو هو ۽ چوندو هو تہ "جڏهن اسان جو نبي گڏهہ تي چڙهيو، تڏهن مون کي چڙهڻ ۾ ڪهڙو عيب آهي، آءٌ تہ ضرورت خاطر چڙهيو آهيان."

پادري صاحب جي حد اندر جيڪو بہ غريب ماڻهو بيمار ٿيندو هو، يا قريب‌المرگ ٿيندو هو تہ هي آني وڃي حاضر ٿيندو هو، ۽ انهيءَ جي خدمت ڪندو هو ۽ ان کي دڙ دلاسو ڏيندو هو. ڪٿي ڪو قرضي سڃهندو هوس، تہ انهيءَ جي پاران قرض ڏيئي انهيءَ کي ڇڏائيندو هو. جيڪي ناحق قيد ٿيندا هئا، تن جي لاءِ ارمان ڪندو هو، ۽ انهن کي ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪندو هو. جيڪي مهمان ايندا هئا، تن جي تمام چڱي مهماني ڪندو هو. هو تمام ٿورو ڪائيندو هو، ۽ ٿورو ڳالهائيندو هو. گهڻو وقت لڪي عبادت ڪندو هو، ۽ خدا بابت خيال ڪندو هو. مقرر وقتن تي ديول ۾ ويندو هو، ۽ اتي وڃي وعظ ڪندو هو. هن جو وعظ اهڙو تہ اثر وارو هوندو هو جو گهڻن ماڻهن کي فائدو ٿيڻ لڳو. جيڪي بخيل هئا سي سخي ٿي ويا، جيڪي اڳي بدڪار هئا، سي نيڪ ٿي ويا، جيڪي اڳي گهڻ-خرچائو هئا، سي صرفي وارا ٿي ويا. اگرچ مهمانن کي عمدو طعام ڪرائيندو هو- اڪثر ماني کير ۾ پچائي ڪائيندو هو ۽ هر روز فرصت مهل ماڻهن ۾ ۾ وڃي حڪم ڪندو هو.

گهر ۾ ٻئي ٻڍيون زالون مٽي ماڙيءَ تي رهنديون هيون، ۽ پاڻ هيٺ رهندو هو، جتي ملاقاتي به ايندا هئا ۽ لکپڙهه جو به ڪم ڪندو هو. گهر اهڙو جهونو هو، جو ان جو ڪوبه دروازو پوريءَ طرح بند ٿي نه سگهندو هو، انهيءَ ڪري پهرين زالن کي ڊپ رهندو هو، ته متان رات جو ڪو چور ٽپڙ چورائي وڃي، پر پادري صاحب ڏاڍو توڪل ۽ تحمل وارو هو، خدا تي ڀروسو رکي، در ورائي سمهي رهندو هو. جيڪو مهمان ايندو هو، تنهن جي رهائش لاءِ به خلاصي جاءِ ۽ بسترو مقرر ڪري ڇڏيو هئائين، ۽ جيڪو وٽس رهڻ گهرندو هو، تنهن کي رهائيندو هو، ٻي ڪابه ڇاڪاڻ ڪندو هو، بلڪ نالو به نه پڇندو هوس. اهڙيون ڪيتريون ئي ڳالهيون هيون، جي عجيب هيون، ۽ زالن کي پسند نه ايندڙيون هيون، پر هو انهن تي هيري وييون ۽ پادري صاحب جي فرمانبرداريءَ ڪرڻ سببان صبر سان گذاريندڙيون هيون.

هڪڙي ڏينهن شام جو سج لهڻ کان ٿورو اڳي، هڪڙو مسافر انهيءَ ننڍڙي شهر ۾ لنگهي آيو، جنهن ۾ پادري چارلس مريل رهندو هو. وڇولي قد جو مضبوط ماڻهو هو ۽ اڪل اٽيتاليهن ورهين جو ٿي ڏٺو. هن جو منهن آس لڳڻ ڪري سانورو هو، ڪپڙا ساداسودا پيل هئس ۽ گهٽي پنڊ ڪرڻ ڪري بگهر ٻئي وهيس. نعل لڳل بوٽ پيرن ۾ پيو هوس،

هو اهڙو ٽڪل هو جو شهر ۾ گهڙڻ کان اڳي پهرين حوض تي پاڻي پيي آڻ لاهي، پوءِ شهر ۾ ڪنهن مسافرخاني جي ڳولا ۾ آيو.

انهيءَ وقت شهر ۾ فقط هڪڙو مسافرخانو هو. اڳين دستور موجب مسافرخاني وارو مسافرن کي ڪرايي ڏيڻ تي سمهڻ جي ڪوٺي، هنڌ ۽ ڪاڏو ڏيندو هو، جيئن هاڻي هوٽلن ۾ ٿيندو آهي. آهي سياري جا ڏينهن هئا ۽ سخت سيءُ هو، تنهنڪري بخاري ۾ باهه پئي ٻري. مسافر اندر لنگهي آيو ۽ مالڪ کي سلام ڪري چيائين ته "آءٌ هتي رهندس. مون کي هنڌ ۽ ماني گهرجي." مالڪ چيس ته پئسن سان سيڪجهه ملي ٿو سگهي. مسافر چيو ته "پئسا ججها!" ائين چئي، بغل ٿيلهي مان پئسن جي ڳوٿري ڪڍي ڏيکاريائين ۽ هن کي ڏيکاري، وري ٿيلهي ۾ وڌائين مسافرخاني واري پئسا ڏسي چيو ته "تڏهن ماني به ججهي، ۽ هنڌ به حاضر." پوءِ اسان جو مسافر باهه جي پڙ ۾ ويهي پاڻ کي ڪوسو ڪرڻ لڳو ۽ مالڪ کي ماني آڻڻ لاءِ تاڪيد ڪيائين، مالڪ چيس ته "ڇاڻ ته ماني آئي."

جيسين مسافر باهه تي ويهي پنهنجا خيال پچائڻ لڳو، تيسين مسافرخاني جي مالڪ ڪاغذ جو ٽڪر ڦاڙي، انهيءَ تي پينسل سان ڪي لکي، هڪڙي نوڪر کي ڏنو، جو ڪٽي شهر جي حاڪم يا مئجسٽريٽ جي گهر

ڏي ويو، سگهوئي هو ورندي وٺي آيو، جا هن وٺي
ڙهي مسافر کي چيائين ته "آءٌ توکي پاڻ وٽ رهائي
نٿو سگهان!" تنهن تي مسافر ڦري، ڏانهنس منهن ڪري
چيو ته "سو ڇو؟ مون وٽ پئسا آهن، جي چوين ته
اڳواٽ ڏيئين؟" هن وراڻيو ته "مون وٽ سمهارڻ
جهڙي جاءِ ڪانهي." آءٌ گهوڙن جي طنبيلي ۾ ئي ڪٽي
سمهندس -- مڙئي رات گذارڻي." هن چيو ته "طويلي
۾ به گهوڙا بيٺل آهن، خالي جاءِ ڪانهي." مسافر
چيو ته "چڱو، ماني ته کاراءِ، پوءِ سمهڻ جو ڪٽي
ڪٽي بندوبست ڪبو." هن چيو ته "ماني به مون وٽ
ڪانهي." مسافر چيو ته هي ڪهڙي ڳالهه آهي،
مسافرخانو وري ڇا جو ٿيو آهي -- آءٌ بک ٿو مران،
گهڻو پنڌ ڪيو اٿم، پري کان آيو آهيان." هن چيو
ته "نه، آءٌ توکي ماني ڏئي نٿو سگهان." مسافر چيو
ته "آخر انهيءَ جو ڪو سبب به؟" هن چيو ته "بس
مون کي اهڙو حڪم مليو آهي." مسافر پڇيو ته
"ڪنهن جو حڪم؟" هن چيو ته "سرڪاري حڪم.
مون کي خبر آهي ته تون ڪير آهين -- چئن ته
نالو به ٻڌايئين. "جيين وَليجان" آهين نه. تنهنجي
اندر اچڻ سان مون کي شڪ پيو، سو مون هڪدم
ماڻهو موڪلي پوليس کان پڇا ڪئي، ۽ اتان اهو
جواب ۽ اهو حڪم مليم، منهنجو ڏوهه ڪونهي --
آءٌ لاچار آهيان، تنهنڪري مهرباني ڪري نڪري
هليو وڃ."

مسافر وبچارو پنهنجو بغل ٽيلهو کڻي، لڪري ٻاهر ٽيو- هڪڙو ٽڪل، ٻيو ٻڪيو، ٽيون سخت سيءُ، ۽ رات مٿان ٿي پيئي. سو شهر جون گهٽيون گهمڻ لڳو، نٿي سُجهس تہ ڪيڏي وڃان. ڪچ وقت کان پوءِ هڪڙيءَ وڏي گهٽيءَ جي منهن وٽ هڪڙي ٻاءِ ڏٺائين، جنهن ۾ بتيون پريون پئي ۽ ڪي ماڻهو ويٺا هئا ۽ باهر ٻہ پئي ٻري. هيءُ لنگهي اندر وڃي باهر تي ويٺو. اهو شهر جو شرابخانو هو، جو ٻڌ مسافرخاني وانگي ڪم ايندو هو- ڪباب پئي پڪو، ۽ مزي جي ٻاس پئي آئي. جيڪي ماڻهو اتي حاضر هئا، انهن مان هڪڙو مهاڻو هو جو ٻهراڙيءَ ۾ مڇيون وڪڻي پنهنجي گهوڙي سوڏو موٽيو هو، ۽ اڏڪلاڪ کن اڳيرو آني آيو هو. اتفاق سان ساڳئي رستي سان اهو ساڳيو مسافر ٻہ ٿي آيو، تنهن کي سندس منٽ تي ڪچ تائين گهوڙي تي چاڙهي شهر جي ويجهو آئي لاهي ڇڏيو هئائين. آنهيءَ هن کي سڃاڻو، ۽ شرابخاني جي مالڪ کي سُس ڦُس ڪري ڪن ۾ ڪي چوائين، جنهن آڏان آني مسافر جي پٺيان ڪلهي تي هٿ رکي چيو تہ "پلائي ڪري هتان هليو وڃ". مسافر منهن ڦيرائي چيس تہ "هي ڇا، مون کي سڃاڻين ٿو ڇا، هن مسافرخاني مان ٻہ مون کي ڪڍي ٿا ڇڏيو؟" هن وراڻيو تہ "هائو، هتان ٻہ توکي نڪرڻو ٿيندو". مسافر چيو تہ "آءٌ مسافر

آهيان، ورد يسي آهيان، آخر ڪيڏانهن وينداس؟"
جواب مليس ته جيڏي وڃڻ تيڏي وڃ."

ويچارو مسافر وري به پنهنجو بغل ٿيلهو کڻي، لڪڻ هٿ ۾ ڪري، نڪري ٻاهر ٿيو، ته اتي جا ڪي چوڪر اچي پڻيان لڳس، جيئن نه ڪنهن فقير ۽ مست جي پڻيان لڳندا آهن، تيئن. پوءِ ته اچي مٿس پهڻ اڇلائڻ لڳا- مسافر لڪڻ کڻي هنن جي پڻيان ڪاهي ايو ۽ ڪين پڇائي ڪيائين. پوءِ هو هلندو هلندو شهر جي جيل خاني وٽ آيو- در کڙڪايائين. جيلر نڪري آيو. هن چيس ته "جيلر صاحب، مهرباني ڪري مون کي هتي اچوڪي رات گذارڻ ڏيندؤ؟" هن ڪلي چيس ته "جيل کو مسافرخانو ته ناهي! وڃي کو خوشيءَ سان ڏوهه ڪري پاڻ کي گرفتار ڪراءِ، پوءِ اچ ته آءُ توکي خوشيءَ سان هتي رهڻ ڏيندس."

تڏهن ويچارو اتان نڪري وري ٻئي پاسي هاڻ لڳو، ۽ هلندي هلندي قبرستان وٽان لنگهندي ديول جي سامهون هڪڙي ٽلهي تي بهڻي، ٽڪجي ويهي رهيو، ۽ اني رات گذارڻ جو پڪو ارادو ڪيائين. سکهوئي هڪڙي سکر زال ديول مان نڪتي ۽ هن کي ڏسي پڇيائينس ته "تون ڪير آهين، جو رات جو هيڏي سيءَ ۾ هتي سمهڻ جي ٿو ڪرين؟" هن ٻڌايس ته "مون کي نه مسافرخاني ۾، نه ڪنهن ٻئي هنڌ رهڻ ٿا ڏين." تنهن تي هن کي ڏاڍو ارمان ٿيو، ۽ ڪيسي مان کي ٿورا پئسا ڪڍي ڏنائينس ته وڃي

ڪي وٺي ڪاڻ." هن اهي پئسا وٺي هٿ ڪيا. پوءِ هن ماڻيءَ جيس ته ٻيا هنڌ رليو آهين، پر ڪي هن سامهين در تي به ويو آهين؟ ائين چئي، ديول واري پادريءَ جو گهر ڏيکاريائينس. مسافر وراندي ڏني ته "نه، اتي ڪين ويو آهيان، هاڻ وڃان ٿو." ماڻي ته هلي ويئي، ۽ اسان جي مسافر، پادريءَ جي گهر ڏي رخ رکيو.

اهو پادري مٽيون چارلس مريل هو. ائين - نائين بجي جي مهل هئي، هوا ڪائي اچڻ ڪان پوءِ بتيءَ تي ويهي ڪو وعظ ويٺي لکيائين. ڪتاب اڳيان پٽيان رکيا هئا. انهيءَ مهل نوڪرياڻيءَ به اچي ٻڌايس ته ماني تيار آهي، تنهنڪري اُٺي ماني ڪائڻ واري جاءِ ۾ آيو. اڃا ماڻيءَ تي نه ويٺا هئا، ته مگلوئر نوڪرياڻيءَ ڪالهه ڪئي ته "آءٌ اڄ بازار ۾ ٻڌي آئي آهيان ته ڪو مشهور چور ۽ بدمعاش شهر ۾ آيل آهي ۽ گهمندو وتي. ماڻهن کي سنڀال ڪرڻ ڪپي. اسان جي جاءِ جا در برابر نٿا اچن، تنهن جو ڪو بندوبست ڪرڻ گهرجي. بهتر آهي ته ڪنهن لوهار کي آڻي، ڪڙا ڪنڊيا ۽ ڪلف پورا بيهاري ڇڏجن."

نوڪرياڻي ته گهٽوئي ڪي چيو، پر پادريءَ ماٺ ڪري ويٺي ٻڌو، ۽ پيٽس ته اصلي ڀاءُ جي پٽيان هئي، جيئن هو چوندو هو، تيئن پاڻ چوندي هئي، جيئن هو ڪندو هو، تيئن پاڻ راضي رهندي هئي.

ائين ڪندي جاءِ جو در ڪڙڪيو، پر البت زور سان. پادري صاحب پنهنجي هميشه واريءَ عادت موجب چيو تہ "لنگهي آءُ". در پٽيو ۽ هڪڙو ماڻهو اندر لنگهي آيو. هيءُ آهو ساڳيو مسافر هو، جنهن جو اسان مٿي ذڪر ڪيو آهي. بغل ۾ ٿيلهو هوس، ۽ هٿ ۾ لڪڻ، جنهن کي ڏنڊو سڏڻ زياده مناسب آهي. شڪل ڪوجهي ۽ خوفناڪ هيس، خاص ٻتيءَ ۽ باهہ جي سوجهري ۾، ۽ ڪپڙا سادا ۽ ميرا هئس. هن کي ڏسي نوڪرياڻيءَ جو تہ وات ئي پٽجي ويو، ۽ پادريءَ جي پيڻ بہ چرڪ پري اکيون ڦاڙي هن کي ڏسڻ لڳي. پوءِ وري پاڻ ۾ اکيون وڌائين.

پادري صاحب اچا ڳالهايو ئي ڪين تہ هن تڪڙو ئي وڏي سڏ چيو تہ "منهنجو نالو 'جين وليجان' آهي. آءُ اوٺيهہ ورهيہ پري ٽولون قيد ۾ رهيو آهيان، ۽ سخت پورهيو ڪري ڪري، چار ڏينهن ٿيندا جو ڇٽو آهيان، اهي چار ڏينهن پنڌ پئي ڪيو اٿم - خاص اڇوڪي ڏينهن ارڙهن ميل ڪيا اٿم - هن شهر ۾ اچڻ شرط پنهنجي پاس پوليس ۾ ڏيکاريم ۽ پوءِ مسافرخاني ۾ ويس، پراني مون کي مالڪ رهڻ نہ ڏنو. شرابخاني ۾ ويس، بلڪ قيدخاني ۾ بہ ويس، تہ بہ مون کي هڪالي ڪڍيائون. ڏيول جي سامهون ٿلهي تي رات گذارڻ جو ارادو ڪيم، اگرچ بک بہ هيم ۽ مينهن وسڻ جو ڊپ بہ آهي. ڪنهن سائيءَ مون کي

ڏس ڏنو، تہ هن جاءِ جو وڃي در کڙڪاءِ، اتي شايد توکي سمهڻ جي جاءِ بہ ملي، ۽ ماني بہ ملي. ان موجب مون اچي در کڙڪايو آهي. هي ڪو مسافرخانو آهي يا ڪنهن ٻئي قسم جي جاءِ آهي- مون سان پنهنجا ٻسا آهن، ٽڪل ٽنل آهيان، ڏاڍي ٻک اٿم. مون کي هتي رات جو رهائيندؤ؟"

هي ٻڌي، پادري صاحب نوڪرياڻيءَ کي چيو تہ "ميز تي مهمان جي جاءِ ڪر، ڪرسي، رکابي ۽ ڪانٽا چريون بہ رک". هي ٻڌي مسافر ذرا هٿي بيٺو، ۽ چوڻ لڳو تہ "جيڪي مون چيو، سو اوهان ڪين ٻڌو. آءٌ ڏوهاري ٿي اوٿيهہ ورهيہ وڏي جيل ۾ رهيو آهيان؛ اجها هي مون سان پيلي ڪاغذ واري پاس آهي. انهيءَ کي ڏسي جيڏي ٿو وڃان، اتان سڀڪو مون کي هڪاليو ڪڍي، ۽ ٽڪڻ نہ پيو ڏئي، نہ ڪو مانيءَ ٽڪر ٿو ڪارائي، ڇالاءِ جو پاس ۾ لکيل آهي تہ 'هن کي ڪاٺ ۽ چوريءَ جي ڏوهہ ۾ هيتري سزا ملي آهي، سخت پورهئي سان، ۽ هي خوفناڪ ماڻهو آهي.' آءٌ اوهان سان ڪڏ ويهي ماني کائڻ جو لائق ناهيان. مون کي ڪو ٽڪر مانيءَ جو ڏيو تہ ڪٿي وڃي طنبيلي ۾، يا ڪنهن ٻاهرين ڪوليءَ ۾ رهان."

هي ٻڌي پادريءَ نوڪرياڻيءَ کي چيو تہ "ڏاڪڻ جي هيٺ واري جاءِ ۾ مهمان جو هنڌ وڃاءِ، ۽ اچي چادر انهيءَ تي وڇهہ." نوڪرياڻيءَ تہ حڪم جي

تعميل ڪرڻ تي هريل هئي، سا انهيءَ ڪم جي پڻيان هلي ويئي. تيستائين مهمان کي چيائين تہ "سائين، تون ٻاهر تي سيءُ لاهہ، اجها ماني تيار آهي. سڀ گڏجي ويهي ٿا کائون." مسافر جي منهن ۾ ڏک ۽ رنج جي بدران سرهائي اچڻ لڳي. اهڙو خوش ٿيو جو، چرين وانگي چوڻ لڳو تہ "ڇا، خواب تہ نٿو ڏسان! سچي پچي اوهين مون جهڙي چٽل قيديءَ کي پاڻ سان گڏ ويهاري ٿا کارايو، ۽ سائين ڪري ٿا سڏيو! پيا تہ ڪتي ۽ بدمعاش جي نالي کان سواءِ مون کي ڪين سڏيندا آهن. اها مائي، ڪهڙي نہ پلازي هئي، جنهن مون کي هن گهر جو ڏس ڏنو. اوٿيهہ ورهيہ آءٌ هنڌ ڪتولي تي نہ ستو آهيان، سو اڄ هنڌ تي سمهندس. اوهين بيشڪ لائق ماڻهو آهيو، پر مون وٽ پنهنجا پئسا بہ آهن، مانيءَ جو مُلهہ ڏيئي سگهندس. اوهان جو مسافرخانو برابر چڱو آهي. اوهين انهيءَ جا مالڪ آهيو نہ، اوهان جو نالو ڇا آهي؟"

پادريءَ جواب ڏنو تہ "آءٌ هڪڙو پادري آهيان، ۽ هي منهنجو گهر آهي." هن وراڻيو تہ "پادري ڪهڙا نہ لائق ماڻهو آهيو! برابر، هن ديول جا پادري هوندؤ. آءٌ ڪهڙو نہ نادان آهيان! اوهان جي پوشاڪ مان ۽ اوهان جي صورت مان مون کي معلوم ڪرڻ ڪپندو هو- تڏهن اوهين مون کان ماني کارائڻ

۽ رات ٽڪائڻ جا پئسا ڪين وٺندؤ؟" پادريءَ ورندي ڏني تہ "نہ، تنهنجا پئسا پلي تو وٽ هجن. هي منهنجو گهر ناهي- هي خدا جو گهر آهي، جيڪو اچڻ گهري سو پلي اچي، اهو مهمان آهي، انهيءَ کي پنهنجي نالي نشان ٻڌائڻ جو ضرور ڪونهي. تون مسافر آهين، تون ٿڪل آهين، توکي بک آهي، ايترو بس آهي، هيءَ گهر پنهنجو چاڻي آرام ڪر. تو ناحق پنهنجو نالو نشان مون کي ٻڌايو، انهيءَ جو ضرور ڪونہ هو. تنهن کان سواءِ تنهنجي نالي نشان جي مون کي اڳي ئي خبر هئي". اتي مسافر چرڪ ڀري چيو تہ اڳيئي خبر هئي، سو ڪيئن؟" پادريءَ چيو تہ "چو، تون مون جهڙو انسان ڪين آهين- منهنجو هم مذهب ناهين، تنهنڪري منهنجو ڀاءُ ڪين آهين؟ تنهن کان سواءِ تنهنجي منهن مان معلوم آهي تہ ڏاڍيون تڪليفون سڻيون اٿئي، ۽ ڏاڍا جاکوڙا ڪڍيا اٿئي." مسافر چيو تہ "پادري صاحب، اوهين ڏاڍا رحمدل ۽ مهربان آهيو. مون برابر اوٺيهہ ورهيہ ڏاڍيون تڪليفون ڪڍيون آهن، ڏاڍيون مارون کاڌيون اٿم- گرميءَ سردي ۾ پورهيو ڪيو اٿم- پٽ تي يا تختي تي سمهڻ، پيرن ۾ زنجير، ڪڏهن غار ۽ اونداهيءَ ڪوٺيءَ ۾، کاڌو پورو نہ- ڪتا بہ مون کان زياده خوش هئا— اوٺيهہ ورهيہ اهڙو حال هوم. هينئر منهنجي عمر چاڻيتاليهہ ورهيہ آهي"

هي ٻڌي پادريءَ کي ڏاڍو ارمان ٿيو، ۽ هن کي دلاسا ڏنائين ۽ اڳتي نيڪيءَ جي رستي تي هلڻ لاءِ مختصر وعظ ڪيائين.

انهيءَ وچ ۾ نوڪرياڻيءَ ماني تيار ڪري ميز تي رکي. گهر جو عمدو ڪاڏي جو سامان ڪڍي ٻاهر ڪيائين. شمعون چانديءَ جي بتين ۾ وجهي آڻي رکيائين، ڪانڌا چريون به چانديءَ جا رکيائين، ڄاهه جو سامان به چانديءَ جو ڪڍيائين- پادريءَ جو رُخ ڏسي، انهيءَ کي خوش ڪرڻ لاءِ پوري مهمان نوازي ڪيائين. تنهن کان سواءِ، ٻيو به جيڪي قيمتي سامان رکيل هو، پر گهربل نه هو، سو به مانيءَ واري جاءِ ۾ ڪڍي رکيائين. ٻوءِ سڀ گڏجي ويهي ماني کائڻ لڳا.

باب ٻيو

مالي ڪائيندي انهيءَ مسافر ٻي ڪنهن ڳالهه ڏي ڌيان ڪونه ٿي ڏنو، رڳو ڪائڻ ۾ مشغول هو. ڏاڍي اشتها سان ڪائيندو ويو. گفتگو ڪندي هن پادريءَ کي ٻڌايو ته ٻئي ڏينهن سج آٿرڻ سان هليو ويندو. جڏهن ماني ڪائي پس ڪيائون، تڏهن پادريءَ مهمان کي وٺي ڏاڪڻ جي هيٺ واري ڪوٺيءَ ۾ وڃي، هنڌ تي سمهاريس. زالون مٿي ماڙيءَ تي وڃي سمهيون، ۽ پادري وري باغيچي ۾ ويو. اتي هميشه جي دستور موجب پسار ڪري ۽ خدا جا خيال ڀچائي پنهنجي ڏٺيءَ کي ياد ڪري، وڃي پنهنجيءَ جاءِ ۾ سمو، جا مهمان جي جاءِ ڪان پري نه هئي.

هاڻي اسين پنهنجي انهي مسافر "جون وليجان" جو ٿورو بيان ڏينداسين: هو ڀهراڙيءَ جي هارين جي ڪٽنب مان هو، ۽ غريب ماڻهو هو. ننڍي هوندي ٿورو گهڻو پڙهيو هو، ۽ وڏي هوندي ڪائيون وڍي گذران ڪندو هو. اڃا ننڍو ئي هو ته سندس ماءُ-پيءُ مري ويا، سندس ڀيڻ ڪيس پالي وڏو ڪيو، جا رن زال هئي ۽ جنهن کي ست ڀار پنهنجا ٻه هئا، ۽ انهن مان وڏو اٺن-نون ورهين جو هو. جڏهن جين وليجان پنجويهن ورهين جو ٿيو، تڏهن وٺڻ وڍڻ

۽ ڪائين ٽوڙڻ جو پورهيو ڪري پيٺ ڪي ۽ سندس ٻارن کي مدد ڪندو هو. هو پرڏيو ڪين، مگر سندس ڪابه بدچالي ٻڌڻ ۾ ڪانه آئي هئي، ۽ نه اهڙن ڪمن ڪرڻ جو ڪو وقت ئي هوس. ڪائين وڏڻ کان سواءِ، هو ٻيو پورهيو به ڪندو هو، جيئن ته ماڻهن جو مال به چاريندو هو، لاباروبه ڪندو هو، مزوري به ڪندو هو. سندس پيٽ به سبڻ ڀرڻ جي پورهيي ڪرڻ سان ڪي ڪجهه ڪمائيندي هئي. انهيءَ هوندي به هنن جي سيني نندن وڏن جو گذران ڏاڍو تنگ ٿيندو هو. هڪڙي ڀيري پاسي واري ٻانوائيءَ جي دڪان مان هنن ڪي مانيون وڃي چورايون. مالڪ جاڳي پيو، ۽ چور پڪڙجي ويو. پاڻ ڇڏائڻ ۾ مالڪ کي ڏاڍو ايذاءَ به پهتو. آخر جين وليجان مئجسٽريٽ وٽ رجوع ٿيو، ته پنج ورهيه قيد جي سزا ملي. هن کي ٻين ڪيترن وڏن قيدين سان گڏي، ٻيڙيون وجهي، 'ٽولون' جي وڏي جيل ڏي موڪلي ڏنائون، جو اتان ستاويهن ڏينهن جي پنڌ تي هو، ۽ اوڏانهن قيدين کي بيل گاڏين ۾ چاڙهي وٺي ويا.

چوٽين سال، جين وليجان جيل مان ڀڄي نڪتو ۽ به ڏينهن جهنگ ۾ ٻئي رليو، پر نيٺ وري جهلجي ويو. انهيءَ ڏوهه ڪري هن کي ٽي ورهيه ٻيا به وڌيڪ قيد جي سزا ملي. ڇهين ورهيه هن وري به ڀڄڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ڪامياب نه ٿيو. رات جو

حاضريءَ مهل جڏهن سندس نالو پڪاريو ويو، تڏهن جواب ڪونہ ڏنائين. ڪولي لڏائونس تہ ڪٿي لڪو پيو هو، انهيءَ ڏوهہ ڪري پنج ورهيہ ٻي بہ سزا ملي، ۽ قانون موجب ٻيڻا زنجير پيرن ۾ پيس. اهي ڪل ٽيا تيرهن ورهيہ، جي هاڻ هن کي قيد ۾ ڪاڻٽا هئا، ڏهين ورهيہ، هن وري ڀڄڻ جي ڪوشش ڪئي، پر تڏهن بہ مطلب حاصل نہ ٿيس ۽ انهيءَ لاءِ ٽي ورهيہ ٻيو بہ قيد مليس ـ هي ٽيا سورهن ورهيہ. پڇاڙيءَ ۾، تيرهين ورهيہ، هن وري بہ ڀڄڻ جي ڪوشش ڪئي، پر چٽن ڪلاڪن جي اندر پڪڙجي پيو. انهن چٽن ڪلاڪن جي آزاديءَ بدلي هن کي ٽي ورهيہ ٻيا بہ قيد مليا. اهڙيءَ ريت ڪل اوڻيہ ورهيہ سزا ڪاٽي، ١٨٥١ع ۾ آزاد ٿيو. اها سموري سزا هن هڪڙيءَ ڊبل روٽيءَ چورائڻ جي بلي ڪاٽي، ۽ آها چوري بہ هن ڏاڍيءَ بکيءَ تنگيءَ ۾، پنهنجي ڀيڻ ۽ ڀاڻيجن جي پيٽ ڀرڻ لاءِ لاچاريءَ ڪان ڪئي هئي.

جڏهن جين وليجان پهرين قيدخاني ۾ ويو، تڏهن رئندو ويو ۽ جڏهن انان ڇٽو، تڏهن ملول ۽ غمگين ٿي نڪتو. مگر انهيءَ ۾ ڪوبہ شڪ ڪونهي تہ جيسين جيل ۾ هو، تيسين هو نهايت همت ۽ مردانگيءَ جا ڪم ڪندو هو: اهڙا عجيب غريب ڪم ڪندو هو، ايترو بار ڪڍندو هو، ايتري چالاڪي ۽ ڏڙتائي ڏيکاريندو هو، جو ڪوبہ ٻيو قيدي يا ٻيو ماڻهو يا ڪهڙا گڏجي بہ مشڪل سان اهڙو ڪم ڪري سگهندا

هئا ـ هو بدن ۾ مضبوط هو، ۽ ڏاڍي سگهه هوندي هيس. چڙهڻ ۽ لهڻ جي چالاڪي وري اهڙي هيس، ۽ اهڙي انڪل ياد هيس، جو سئينءَ پٽ تي به نوريئڙي وانگر چڙهي ويندو هو، ۽ وڏين به ماڙ ـ ٽماڙ عمارتن جي چوٽيءَ تي وڃي نڪرندو هو. ڳالهائيندو ٿورو هو ـ ڪليائين ته عمر ڪين ـ هميشه خيال ۾ رهندو هو، جڻ ته ڪي خوفناڪ پهه پيو پچائي. ماڻهن کان، خاص زماني جي سڌريلن ماڻهن کان نفرت هوندي هيس. سمجهندو هو ته آءٌ مصيبتن لاءِ پيدا ٿيو آهيان، ۽ هميشه انهن لاءِ تيار رهندو هو. سرڪار ۽ سرڪاري قاعدن کي ڏکاريندو هو. مطلب ته انسانذات کان بيزار هوندو هو، ۽ جيئن سندس پاس يا پيلي رنگ جي سرٽيفڪيٽ ۾ ڏيکاريل هو، تيئن خوفناڪ ماڻهو هوندو هو.

جيل مان اوٽيهن ورهين جي سخت قيد کان پوءِ ڇٽڻ ڪري، هو پهرين خوش برابر ٿيو، مگر جيڪا پيلي پاس ملي هيس ۽ جا هن کي سيڪنهن ماڻهوءَ، خاص پوليس وارن ۽ ٻين سرڪاري عملدارن کي ڏيکارڻي هئي ۽ جنهن ۾ هن جي نامي گرامي بدمعاش ۽ خوفناڪ ماڻهوءَ هڻڻ جي ثابتي لکيل هئي، تنهنڪري هن پاڻ کي اڃا به دائمي قيدي ئي سمجهيو. قيد ۾ پنڻ ۽ ٻين طريقن سان هن کي ٿورا پئسا ڪمايا هئا، جي ڇٽڻ مهل هن کي ڏنا ويا. اهي هڪ سؤ نو روپيا ۽ پندرهن آنا هئا. نڪرڻ کان

پوءِ وڃي هڪڙي هنڌ بار ڪڻڻ جي مزوري ڪرڻ لڳو، انهيءَ لاءِ تہ ڪي زياده پئسا ڪري، پر جتي ڪٿي هن ڪان پڇا ٿيندي رهي، ۽ هو پيلي پاس ڏيکاريندو رهيو. ڪمائيءَ ۾ بہ پوري مزوري نہ ٿي ملي، ۽ ٻين کان گهٽو گهٽ ٿي ملي. جي تڪرار ٿي ڪيائين تہ پيليءَ پاس جو اشارو ڏيئي ڏڙڪو ٿي ڏنائونس تہ "وري جيل ۾ پوڻ جي خواهش ٿي اٿيئي ڇا؟"

انهيءَ طرح هن سان سختي ٿيڻ لڳي، ۽ سندس حق ڦرجڻ لڳو، جنهنڪري انسان ذات ڏي ـ خاص ڪري زماني جي مطلبي ۽ فريبي ماڻهن ڏي ۽ سرڪاري عملدارن ڏي، روز بروز نفرت زياده ٿيندي ويس.

انهيءَ طرح جين وليجان رلندو رلندو، پنڌ ڪندو اچي انهيءَ هنڌ لڪتو، جتي چارلس مريل پادري رهندو هو، ۽ جتي پڻ ڏڪا ڪائي اچي هن جي گهر آسودو ٿي ستو. رات جو ٻين بجي جاڳيو، ديول جي گهڙيال ٻن جا ٽڪاءَ وڄايا. هو ساري عمر اهڙي هنڌ تي نہ ستو هو، تنهنڪري چئن ڪلاڪن جي گهاٽي ننڊ ڪري ٽڪ ڀڳائين، ۽ تازو توانو ٿي اٿيو. هن وري بہ سمهڻ جي ڪوشش ڪئي پر ننڊ اصل نہ آيس. ۽ خيالن تي خيال اچي دل ۾ ڊوڙڻ لڳس. نيٺ هڪڙو خيال زور وارو پيدا ٿيس، جنهن ٻين خيالن کي پڇائي ڪڍيو. پاديءَ جي ماني کائڻ واري جاءِ ۾ چانديءَ جا ٽانوَ ۽ ڪانٽا ڇڙيون ڏيون

هئائين، انهن تي دل سرڪيس. جاءِ پري ڪين هئي، ۽ سڀ ماڻهو سٿا پيا هئا. ساري سامان جو ملهه اڏڪل ٻن سون فرينچ رپين جيترو هو، جيڪي، يعني پئسا وٽس هئا تن کان ٻيٽا، انهيءَ لالچ جي روڪڻ جي گهٽي ڪوشش ڪيائين، پر اها روڪجي نہ سگهي. ڪٿيون ڪائي ڪائي نيٺ اٿيو، اگرچ بتي ڪانہ ٿي ٻري، تہ ٻہ گهٽي اونداهي نہ هئي، ٻاهر چاندوڪي هئي ۽ ڪڪر چنڊ جي اڳيان ذري ذري پئي لنگهيا، جي هن پنهنجي لاءِ بهتر سمجهيا. نيٺ هو دري ٽپي انهيءَ جاءِ ۾ ويو، چانديءَ جو سامان پاسي واريءَ ميز تي رکيو هو— آهستي آهستي اهو سڀ سامان ويڙهي کنيائين ۽ پنهنجو بغل ٿيلهو ٻہ کنيائين ۽ لکڻ ٻہ. ٿيلهي ۾ هڪڙو چهنبيارو لوهہ جو ڪيلو ٻہ هوس، جو ڪلفن ڀڃڻ يا ڪن ٻين ڪمن لاءِ هٿيار وانگي هو، سو ٻہ ساڻ هوس. انهيءَ طرح هو آهستي آهستي ٻاهر نڪري، باغ مان لنگهي، ڀت ٽپي هليو ويو.

صبح جو نوڪر ڀائي اٿي ڏسي تہ چانديءَ جا ٿانو ۽ ٻيو سامان جاءِ ۾ ڪونهي، ۽ مهمان بہ موجود نہ آهي. پڪ ٿين تہ آهو ٿانو چورائي ڀڄي ويو. پادريءَ کي خبر ڏني وئي، انهيءَ باغ جي ڀت تي هن جي ٽپي وڃڻ جا نشان ۽ پيرا ڏٺا، ۽ ڪيس بہ انهيءَ ڳالهہ جي پڪ ٿي. سندس ڀين توڙي نوڪر ڀائي گهڻوئي هنبس مچايو، پر پادريءَ چين تہ "چڱو ٿيو جو اها شئي وئي، اها ڪا اسان جي ملڪيت هئي ڇا؟

اها غريبن ۽ مسڪينن جو حق هئي، اهڙي قيمتي شئي اسان کي رکڻ نہ گهربي هئي اهو ويچارو مسافر غريب هو ۽ انهيءَ شئي جو حقدار هو. انهن ٽانوَن کان سواءِ ئي اسان جو گذر پيو ٿيندو."

پادريءَ جو اهو وعظ ٻڌي، پيٽس تہ عادت موجب ڪٿي ماڻ ڪئي. نوڪرياڻي بہ ڪٽرڪي ڪٽرڪي بس ڪري ويهي رهي. مهل تي پادري ناشتو ڪائي همشيه وانگر آرام سان پنهنجي رواجي ڪم ڪار کي لڳو، جڻ ٻئي ڪنهن بہ قسم جي واردات نہ ٿي آهي. ائين ڪندي در کڙڪيو ۽ ٿي ماڻهو هڪڙي چوٽين شخص کي پڪڙي وٺي آيا ــ اهو چوٽون جين وليجان هو. هنن ٽن مان جيڪو پوليس عملدار هو، تنهن پادريءَ کي چيو تہ "اسان هن ماڻهوءَ کي شڪ ۾ جهليو آهي، هن سان چاندي جو سامان آهي. هي چوي ٿو تہ "رات اوهان وٽ ٽڪيل هو ۽ هي سامان اوهان کيس ڏنو آهي؟

پادري انهن کان اڳ ئي جين وليجان کي غمگين ۽ موڙهل ڏسي هن کي ڪينڪربازي ڪري چوڻ لڳو تہ "سائين، هي چانديءَ جون بتيون شمعن سميت جي تنهنجي سمهڻ جي جاءِ ۾ رکيون هيم، سي تون ڇو ڇڏي وئين؟ اهي بہ تہ توکي ڏيون هيَم!" وري پوليس عملدار کي چيائين تہ "هي ماڻهو جيڪي چوي ٿو سو سچ ٿو چوي. هن کي ڇو جهليو اٿوَ؟ ڇڏي ڏيو س، هي چور ڪين آهي، غريب اشراف ماڻهو آهي!"

تنهن تي پوليس عملدار جين وليجان کي چڏي ڏنو، ۽ پاڻ ٻن ماڻهن سميت ٻاهر نڪري ويو.

جين وليجان پادريءَ جي هلت ڏسي شرمندو ٻه ٿيو ۽ حيران ٻه ٿيو. شرمساريءَ سببان نڪري ٿي ويو، ته پادريءَ چيس: ته "ابا، هي ٻه چانديءَ جون بتيون ٻه ڪنيو وڃ -- توکي ڪم ايندي يون!" ائين چئي، ڊوڙي اهي ٻه ڪٽي آڻي ڏنائينس. هو ڏکندڙ هٿن سان اهي وٺي، اکيون هيٺ ڪري، سلام ڪري نڪري ٿي ويو ته پادريءَ وري چيس ته "ابا، جيڪڏهن وري هتي اچين ته پٽ ٽپي نه ايندو ڪر، مڏو در مان ايندو ڪر، رات هجي يا ڏينهن هجي، انهيءَ جو خيال نه ڪر، منهنجو در هميشه کليل آهي -- هيءَ گهر پنهنجو سمجهي چڏ، ۽ جڏهن وٺي تڏهن پيو اچ."

جڏهن هو اتي هلڻ لڳو، تڏهن ٻه هن کي چيائين ته "ابا، هڪڙي ڳالهه ياد ڪج. پنهنجا پئسا يا جيڪي ٻيا پئسا هنن ٽانوَن مان پيدا ٿينئي، سي سڄائي چڱي ڪم ۾ خرچجئين، اجائي يا گناهه جهڙي ڪم ۾ متان وڃائين!"

جين وليجان ته لڪري هليو ويو، پر هزارين خيال هن جي دل ۾ اچڻ لڳا، ۽ هن ليک پادريءَ جي هلت ۽ گفتگو ياد ڪري حيران ٿيو ٿي ويو. اگرچ صبح کان وٺي کاڌو ٻه ڪين هڻائين، ۽ ٽنگون ٻئي هنيائين ته ٻه انهن خيالن ۾ نڪا ٻڪ، نڪو ٿڪ معلوم ٿيس. جڏهن سڄ لهڻ کي ويجهو آيو، تڏهن هو

هڪڙي وڏي جبل جي پاڙ ۾، هڪڙي ٻوڙي جي پاسي ۾ ويهي رهيو. شهر ڪان اٺ - نَوَ ميل پري هو، اڪيان برپٽ لڳو پيو هوس. ٿوري پنڌ تي هڪڙو چارو به پئي ويو، مگر ماڻهو ڪونہ هو، ماڻ لڳي پئي هئي. اوچتو پري ڪان ڏٺائين تہ هڪڙو فقير چوڪر، ڳائيندو ڪلندو ٻيچرن تان پيو اچي. جنهن ٻوڙي جي ٻئين جين وليجان لڪو ويٺو هو، اتي چوڪر اچي ڪيسي مان ڪي پئسا ڪڍي، انهن سان راند ڪرڻ لڳو، ۽ انهن کي اڇلائي جهڻ لڳو. ائين ڪندي هڪڙي پائلي ٽيڙ ڪائي ٻوڙي جي ٻئيان وڃي پيئي ۽ جين وليجان آنهيءَ تي ڪٽي پيرڏنو. چوڪر هن کي ڏسي ورتو ۽ پنهنجي پائلي گهريائينس. هن جواب ڏنس. گهڻوئي زور ڪيائينس، پر جين لڪڻ ڏيڪاري ڏڙڪا ڏنس. آخر هو ويچارو هليو ويو.

ٿوري وقت ڪان پوءِ جڏهن اونداهي ٿيڻ لڳي ۽ سيءُ پوڻ لڳو، تڏهن جين وليجان اتان اٿيو ۽ هلڻ وقت دل ۾ چوڪر تي قياس اچڻ لڳس. هن کي گهٽائي سڏ ڪيائين، ڀانيائين تہ پائلي موٽائي ڏيس، پر هن جواب ڪونہ ڏنو، پرتي نڪري ويو. هن کي ياد ريءَ جو هلڻ وقت وارو وعظ به ياد پيو، ۽ هن جي نيڪيءَ واري هلت به دل تي تري آيس. نيڪ ٿيڻ جا خيال برابر هاڻ دل ۾ اچڻ لڳا هئس. مگر اڃا برائيءَ جا خيال زور هئس - خود ڪيس به ايتري پڪ ٿي تہ هاڻ منهنجا خيال بهتر ٿيڻ لڳا آهن، پر گهڻن

ورهين جي عادت ۽ ٻري صحبت جو اثر اچا زور هو. ايترو ٿيو هو تہ خراب ۽ ظلم جهڙي ڪم ڪرڻ ڪان ٻوءِ، هو هينئر پڇتائڻ ۽ پشيمان ٿيڻ لڳو، ۽ سندس دل ۾ ٻن مخالف خيالن جو جهيڙو شروع ٿيو هو، جو اڳي ڪڏهن ڪونہ ٿيو هو. انهيءَ جو اثر اهو ٿيو، جو هو ڪچ تائين پنهنجي گذريل حالت تي خيال ڪري، نندي ٻار وانگي ويهي روئڻ لڳو. انهيءَ ڪري پاڻ سندس دل ۾ روشنائي زياده ٿيندي ويئي ۽ جيڪي ڪم پاڻ اڳي يا پادريءَ جي گهر ڪيا هئائين، ۽ جيڪا مهرباني جي هلت پادريءَ سائس ڪئي هئي، ۽ جيڪو هاڻ تازو ڇوڪر کي نقصان پهچايو هنائين. اهي سڀ ڳالهيون سندس دل تي بار ٿي پيون. دنيا جي بي بقائي ۽ خدا جا موچڙا ياد پوڻ لڳس. مطلب تہ انهيءَ وقت هن رحمان جي مهربانيءَ سان شيطان کي ڏٺو، ۽ بهشت جي نور ۾ دوزخ نظر اچڻ لڳس.

اهڙيءَ حالت ۾ هن اڌ رات تائين ٻئي رنو. پوءِ ڇا ڪيائين ۽ ڪيڏي ويو، تنهن جي خبر ڪانهي، مگر ٻوءِ هڪڙي ٽپالي قاصد ڪان معلوم ٿيو تہ هن انهيءَ رات آسر جو ٽي بجي مهل، پادريءَ جي در جي ٻاهران، ديول وٽ، هڪڙي ماڻهوءَ کي ڏٺو تہ هٿ ٻڌيو، بندگي ٻئي ڪيائين، ۽ ذري ذري زمين تي سجدو ٻئي ڪيائين.

باب ڏيون

انهن ڏينهن ڌاري، فرانس جي گاديءَ جي هنڌ پئرس ۾، ڪي چار جوان ماڻهو رهندا هئا، اهي پاڻ ۾ سنگتي هئا. مٽڪ جي جدا جدا پاڳن مان آئي پڙهڻ جي لاءِ آيا هئا. وچولي درجي جا ماڻهو هئا. انهيءَ وقت، انهيءَ شهر جي رسم موجب هرهڪ کي هڪ- هڪ جوان زال آشنا هئي. آهي چار چوڪريون به پنهنجن آشنائن جي ڪري پاڻ ۾ سنگتياڻيون هيون، آهي به پهراڙيءَ جون غريب زالون هيون ۽ منجهائن ٻي ته زياده خراب هيون، مگر چوٿين جا سيني ڪان ننڍي هئي سا البت بهتر هئي ۽ ٻين جي صحبت ۾ تازي ڦاٽي هئي، تنهن جي دل ۾ سڌاري جي اچا جاءِ هئي، انهيءَ جو نالو فنٽائن هو. هوءَ ڪنهن جي ڌيءَ هئي ڪهڙي ڪٽنب جي هئي، ڪنهن اهو نالو ڏنس، تنهن جي ٻئي ڪنهن کي ته خبر ڪانه هئي، پر خود کيس به خبر ڪانه هئي. ننڍي هوندي ڪنهن شخص کي هٿ آئي، تنهن پالي وڏو ڪيس، ڏهن ورهين جي عمر ۾ هوءَ شهر ڇڏي پهراڙيءَ ۾ پورهيو ڪرڻ ويئي. پندرهن ورهين جي عمر ۾ وري شهر ۾ نوڪري ڪرڻ يا ٻئي پورهئي ڪرڻ لاءِ آئي. هوءَ خوبصورت شڪل جي هئي. اتفاق سان انهيءَ جوان شاگرد سان هن جو لهه ٿي ويو، جنهن جونالو ٿالومئيس هو. انهيءَ سان

ڏاڍي محبت ٿي ويس، ۽ هن جي ۾ ساڻس تمام گهڻي محبت هئي. اهو شخص پنهنجي سنگت ۾ هشيار ۽ معتبر ۾ هو ۽ دولتمند ۾ هو، ۽ ٽيهن ورهين عمر جو هو. مائٽ ججها پئسا موڪلينداهئس، جنهنڪري هو تمام سڪيو گذارينداهو، مگر گهڻي عيش عشرت ڪري اڪثر بيمار گذارينداهو، ۽ بدهاضمو ۽ ضعف رهندو هوس.

هڪڙي ڏينهن هي چارئي جوڙا جوڙ ڪري، ڪنهن ويجهي ٻهراڙيءَ جي ڪوٽ ۾ وقت گذارڻ ويا. آچر جو ڏينهن هو. چئني آشنا دوستن پنهنجين ڇوڪرين کي چيو تہ آتي اوهان کي هڪڙو اهڙو چرچو ڏيکاريندا سين، جو اوهين حيرت ۾ پئجي ويندئو. ڀاڙي جي گاڏين ۾ چڙهي هو آتي آيا. سارو ڏينهن ساوڪ وارن ميدانن ۽ گلن ۾ هنن رانديون ۽ چرچا گهڻا ڪيا، ڳايو وڄايو ۽ کاڌو پيتو. چئين - پنجين بجي ڌاري هڪڙي ويجهي هوٽل ۾ ويا، جتي ماڻيءَ جو بندوبست ڪرايائون. سارو ڏينهن ڇوڪرين پئي پڇيو تہ "اهو حيرت جهڙو چرچو يا تماشو تہ اسان اڃا ڪونہ ڏٺو، اهو ڪهڙو آهي؟" هنن ورندي پئي ڏني تہ هاڻي جلد ٿيندو.

جيسين هوٽل ۾ ماني جي تياري پئي ٿي، تيسين هنن ساهي پئي ڪنئي. هو چارئي جوان سنگتي انهيءَ عذر تي ٻاهر نڪري گهمڻ ويا تہ موٽي هاڻ جي لاءِ گاڏين جو ڪو بندوبست ڪري اچن. هنن کي چئي ويا تہ

اوهين تيار ٿيون ويٺيون هجو. هنن جي وچ ڪان پوءِ چوڪرين پاڻ ۾ ويٺي راند ڪئي ۽ چرچا گهڻا ڪيا، ۽ حيرت جهڙي تماشي بابت خيالي ڏڪا هنيا. ڪلاڪ ڪن ڪان پوءِ، هوڏل جي هڪڙي نوڪر هڪڙو خط آڻي انهن چوڪرين کي ڏنو، ۽ چيائين تہ "هيءُ خط انهن چئن صاحبن ڏنو آهي، ۽ چيو اٿن تہ سندن وٽي ڪان پوءِ، اهو پهچائي ڏج." چوڪريون آهو خط وٺي، ڦاڙي پڙهڻ لڳيون. انهيءَ جو مضمون هيءُ هو:

"اسانجون پياريون- اسانجن مائٽن اسان ڏي لکيو آهي تہ هاڻ پئرس چڏي پنهنجي وطن موٽي اچو. هتي اسان جا امتحان پورا ٿيا آهن، تنهنڪري اسين موٽي وڃون ٿا. هيترا ورهيہ اسان ۽ اوهان پاڻ ۾ خوش گذاريو، جيترو اسان ڪان پڄي سگهيو اوترو اوهان کي راضي رکيوسين، هاڻ اسين وڃون ٿا ۽ وڃي ڪنهن دنيا جي ڏنڊي ۾ لڳنداسون. هن جدائي جو اوهان کي بہ اهڙو ڏک ٿيندو، جهڙو اسان کي، پر لاچار آهيون. اهو هو حيرت ۾ وجهڻ جهڙو چرچو يا تماشو، جو اوهان کي ڏيکارڻو هوسين. هوڏل ۾ مانيءَ جا پئسا اسان اڳيئي ڏيئي چڏيا آهن. خدا حافظ."

(صحيون چئن ئي دوستن جون)

هي خط، پڙهي چارئي چوڪريون حيرانيءَ ۾ هڪٻئي جي منهن ڏي نهارڻ لڳيون. پوءِ ارمان ٿيڻ لڳن، پر سگهوئي وري خيال ڪرڻ لڳيون تہ اها حرڪت هنن

مان ڪنهن هڪ جي هوندي. نيٺ وڏيون ٽي ته ڪلي ڳالهائي بي پرواهه ٿي، پنهنجن دوستن کي وساري ويهي رهيون، چالاءِ جو هنن انهن کان اڳي به گهڻن مان دوستي رکي هئي. مگر فنتائن جا سپني کان لنڊي هئي، ۽ جنهن ٽالومئيس کي پنهنجي مڙس وانگي ٽي سمجهيو ۽ انهيءَ خيال سان ۽ دلاسي مان سبيان هن سان رستو رکيو هئائين، تنهن کي ڏاڍو ڏک ٿيو. پنهنجي ڪوٽيءَ ۾ وڃي روئي روئي اکيون ڳاڙهيون ڪري ڇڏيائين. وڏي ڳالهه اها ته هن کي ٽالومئيس مان هڪڙو ٻار به ٿيو هو، ۽ آها مزي جهڙي ڏيءَ هئي.

انهن ڏينهن ۾ پئرس شهر جي نزديڪ، مانٽفرنيل نالي ڳوٺ ۾، هڪڙو مسافرخانو يا شرابخانو هوندو هو، جنهن جو مالڪ ٿينارڊيئر هو، جو پنهنجي زال جي مدد سان هوٽل جو ڌندو هلائيندو هو. مٿي جيڪا زالن جي ڳالهه ٻڌائي ويئي، تنهن جي ٻئي سال، انهيءَ هوٽل جي ٻاهران ٻه ننڍيون چوڪريون، جي ٻن-ٽن ورهين عمر کان مٿي نه هيون، سي ٻينگهه ۾ ٻئي لڏيون ۽ سندن ماءُ بيٺي لوڏين، ۽ انهن کي ڏسي نهال ٻئي ٿي، جو هنن کي چڱا ڪپڙا پيا هئا، ۽ شڪل جون موچاريون هيون.

ائين ڪندي هڪڙي جوان زال، ٻن-ٽن ورهين عمر جي ڏيءَ کڻي تي ڪٽي، اوچتو اتي اچي نڪتي. آها چوڪري هنن ٻن چوڪرين کان به زياده سهڻي ۽ وڻن جهڙي هئي، پوشاڪ به تمام چڱي پيل هيس، تنهنڪري

زياده وٽندڙ هئي. هيءَ جوان زال پاڻ ۾ نهايت خوبصورت هئي ۽ غريباڻا پورهيتن جهڙا ڪپڙا پيا هئس، ۽ پهراڙيءَ ۾ رهڻ واري ٿي ڏٺي. هن جي شڪل مان معلوم پئي ٿيو ته ڏاڍي غمگين ۽ فڪرمند هئي، اها هئي ننڍائن.

ٽالومئيس جي وڃڻ کان پوءِ هوءَ ڏاڍن ڏکن ۾ گذارڻ لڳي، پنهنجو رواجي پورهيو ئي وسري ويس. هن جي جدائيءَ ۾ هن کي حياتي ڪاڻ مشڪل نظر آئي. لکي پڙهي ڪين ڄاڻندي هئي، رڳو پنهنجي ٽالي جي صحيح وجهڻ ڄاڻندي هئي. مڙس ڏي ٻه-ٽي ڀيرا خط لکائي موڪليائين، پر جواب ڪونه آيس. هوءَ اگرچ خراب ڪم ڪري ويٺي هئي، ته به اڃا منجهس حيا ۽ نيڪي، موجود هئي. خيال ۾ آيس ته ڪانئس توڙي سندس پار کان ماڻهن کي ضرور نفرت ايندي ۽ هو ڪلون ڪندا. پاڻ ته قصور ڪرڻ ڪري اهي جئيون سهي ويندي، اگرچ انهي لاءِ پشيمان گهٽي هئي پر سندس معصوم پار ڪهڙو گناهه ڪيو هو، جو وڏي هوندي ناحق اهڙي بي آبروئي ڪٽي، ۽ اهڙيون جئيون سهي. هوءَ پار کي ايترو پيار ڪندي هئي، جو پورهيو ڪري پاڻ سادا ڪپڙا ڍڪيندي هئي ۽ سادو ڪاڏو ڪائيندي هئي، مگر پنهنجي پار کي ريشم جا ڪپڙا ڍڪائيندي هئي، ۽ ناز سان پاليندي هئي. جيڪي ٽپڙ هئس سي وڪڻي به سؤ ربيا پيدا ڪيائين، ۽ انهن مان پنهنجو قرض لاهي باقي اسي ربيا پاڻ وٽ بچايائين.

هوءَ ٻاويهن ورهين جي عمر ۾، اهڙي حالت ۾ پئرس ڇڏي، پنهنجي ڏيءَ کي ڪٽي، ٻهراڙيءَ ۾ پورهيي ڪرڻ لاءِ نڪتي. ڏکن ڏوجهرن ڪري ۽ ٻار کي ڪير پيارڻ ڪري ضعيف ٿي ويئي هئي، ۽ ڪنگهه به ٿي پيئي هيس. پنڌ ڪري ساهيون کٽي، ۽ ڪڏهن ڪڏهن واٽ سان ويندڙ ٻارگاڏين تي چڙهي، پنهرن ڌاري ٽينارڊيئر واريءَ هوٽل وٽ اچي نڪتي، ۽ ان جي زال کي پنهنجن ٻن ٻارن سان راند ڪندو ۽ کين پينگهه ۾ لوڏيندو ڏسي، ٻيهي ساڻس ڳالهائڻ لڳي. هن کي پنهنجو سارو حال ٻڌائين، مگر جيڪا اڄ جهڙي ڳالهه هئي، سا لڪائي ٻي مناسب ڳالهه ناهي ٻڌايائين. ايتري ۾ اهي ڇوڪريون به پينگهه چڙي اچي هن جي ڇوڪريءَ سان راند ڪرڻ لڳيون. ڇوڪريءَ جو اصل ڄائي ڄم جو نالو يٽوفريسي هو، مگر ماءُ هن کي ڪاسيٽ سڏيندي هئي.

ٽيئي ڇوڪريون، جو ٻاڻ ۾ راند ڪرڻ لڳيون، سو اهڙيون پئي لڳيون جو جڻ ته سڳيون ڀيٽون هيون ۽ ڄائي ڄم ڪان هڪٻئي جون واقف هيون. ٻن ڇوڪرين جي ماءُ ٻارن کي ڏسي خوشي ظاهر ڪئي. تڏهن وجهه وٺي فنٽائن هن کي چيو ته "مائي، تون منهنجو ٻار وٺي ٻاڻ وٽ رکي پالينديءَ؟ مون کي پئرس جهڙي وڏي شهر ۾ نندڙو ٻار کٽي، پورهيي ڪرڻ ۾ ڏکيائي ٿي ٿئي! مون کي اوچتو خدا تنهنجي گهر تائين آندو، جتي مون توکي ۽ تنهنجن ٻارن کي ڏٺو، تون رحمدل

۽ مهربان ٿي ڏسجين، ۽ مون وانگي نندڙن ٻارن واري آهين. توکي منهنجي ٻار جي سنڀال ڪرڻ سولي ٿيندي. آءٌ غريب زال آهيان، ڇهه روپيا در مهيني توکي ڏيڻيندي ويندس.

اني انهيءَ زال جو مڙس ٿينارڊيئر به نڪري آيو، ۽ اها ڳالهه ٻڌي چوڻ لڳو ته "نه مائي، تمام ٿورو ته به ست روپيا درماهو ملڻ گهرجن، ۽ ڇهن مهينن لاءِ اڳواٽ پئسا وٺنداسين". فنٽائن چيو ته "اهي ٿيا ٻائيتاليهه روپيا، سي حاضر، آءٌ اڳواٽ ڏيئي ڇڏيندس." هن ماڻهو چيو ته "ننهن کان سواءِ سترهن روپيا زياده به وٺنداسين، فالتو خرچ پڪي لاءِ". فنٽائن چيو ته "اهي به آءٌ ڏيندس — ڪل ستونجاهه روپيا ٿيا. مون وٽ اسي روپيا آهن، باقي جيڪي بچندا سي مون لاءِ ڪافي آهن. آءٌ موڻي پئرس ڏي پيادي ويندس، ۽ آتي وڃي پورهيو ڪندس. جڏهن پئسي جو زور ڏسندس، تڏهن موڻي اچي پنهنجو ٻار کڻي ويندس."

اتي ٿينارڊيئر وري وڏيڪ طمع رکي چيو ته "هن ٻار جا ڪپڙا به هوندا، سي به اسان کي ملڻ گهرجن." فنٽائن ورندي ڏني، "هائو، مون هن جا گهڻيئي مزي مزي جهڙا ڪپڙا جوڙي رکيا آهن، جي مون سان هن ٿيلهي ۾ آهن. آءٌ اهي خوشيءَ سان اوهان کي ڏيندس." ائين چئي، ٿيلهو کولي، عمدا عمدا ريشم ۽ پشم جا ننڍا ڪپڙا ڪڍي هن جي حوالي ڪيائين،

۽ پوءِ پاڻ موڪلائي پار ڪي چميون ڏيئي، هنن جي حوالي ڪري نڪري ويئي، پر ڪچ وقت تائين هلندي هلندي ڏک ڪان روئندي ڪوڙها ڪاڙيندي ويئي.

هن جي وڃڻ کان پوءِ ٽينارڊيئر زال کي چيو ته "ٻائي، ڏاڍو چڱو ٿيو، هڪ سؤ ڏهه روپيا اڌارا ڪنيا هئم ۽ سپاڻي هنن جو مدد پورو ٿيڻو هو. اهو قرض انهن پئسن مان لاهيندا سين، گهر ويئي خدا سبب ڪيو!"

ٽينارڊيئر اصل سپاهي ماڻهو هو، ۽ ڪن جنگين ۾ بهادري سان وڙهيو به هو. زال ڪانئس ڏهه-پندرهن ورهيه ننڍي هئي، ٻيئي هڪ جهڙا شوخ، بدطبعيت ۽ لالچي ماڻهو هئا. ٻئي ڏيئرون هين: وڏيءَ جو نالو اپونائن هو، ۽ ننڍيءَ جو ازلما. گذران جي لاءِ شراب جو دڪان کوليو هئائون، مگر ان مان فائدو ڪونه ٿي ٿين. هر مهيني هتان هتان ٿورو گهڻو قرض به ڀري ڪنيائون ۽ واري سان لاٽائون به ڀري. هن مهيني خدا گهر ويئي ٻاونجاهه روپيا ڏيارين. زال ويچاريءَ جا ڪپڙا وڃي ڪٽي ڪهه رکي، سٺ روپيا وٺي آئيو. جڏهن اهي پئسا ڪڍي ويا، تڏهن هنن ارادو ڪيو ته اڪٿي هن چوڪريءَ جي وسيلي يا عذر تي پئسا ڪڍندا وڃن، جو چاتائون ٿي ته ماڻس جو هن سان گهڻو پيار آهي ۽ هوءَ شايد پئسي واري به آهي ۽ ڪمائي واري به آهي. ههڙن ظالم ۽ لالچي ماڻهن وٽ سگهوئي اها ويچاري چوڪري ڏکن ۾ گذارڻ لڳي، ڪاڏو پورو نه ملندو هوس، اوڙي پاڙي جي

در تان ٽڪر پنندي وتندي هئي. ڪپڙا ميرا ۽ ڦاڻل هوندا هئس. هنن جون پيئي ڏيئرون ڪايو پيئو مزي سان پيون گذاريندڙيون هيون.

ننڍائن وقت بوقت خط لکائي هنن ڏي موڪليندي هئي، ۽ ٻار جو حال احوال پڇائيندي هئي ۽ هر مهيني مقرر ڪيل پئسا موڪليندي رهندي هئي. پنهنجي رهڻ جو پتو هنن کي ڏيئي ڇڏيو هئائين، جتي هو ڏانهنس خط پٽ لکندا هئا، ۽ هميشه لکندا هئا ته سندس ڇوڪري خوش چڱي ڀلي آهي. پر حقيقت ڪري ائين نه هو، هوءَ ڏاڍي ڏکي هئي. هي هن کي ڪاڏو ۽ ڪپڙو ته پورو نه ڏيندا هئا، پر جيئن وڏندي ٿي ويئي تيئن گهر جو سمورو ڪم ڪار به هن کان ڪرائيندا هئا -- جيئن ته ٻهاري ڏيڻ، ٽانوَ ڏوئڻ، پاڻي پرڻ، وغيره. تنهن کان سواءِ ٿوريءَ گهٽيءَ ڳالهه تي هن کي ماريندا هئا، ۽ گهٽ وڌ به ڳالهائيندا هئا. ماءُ - پيءُ کي ڏسي هنو ڇوڪريون به هن وڇاريءَ کي ستائيندڙيون هيون.

انهيءَ هوندي به هو ڇوڪريءَ جي ماءُ کي لکندا هئا ته ڇوڪري هاڻ وڏي ٿيندي وڃي، زياده ٿي ڪائي ۽ بهتر ٿي هنڌائي، تنهنڪري ست رپيا خرچ لاءِ پورا لاهن، وڌيڪ موڪل، نه ته اسين هن کي موٽائي ٿو ڏانهن ٿا موڪليون. هوءَ وڇاري ڪي خوشيءَ کان ڪي ڊپ کان پئسا وڌائيندي ويئي، تان جو وڃي پندرهن رپيا ماهوار رقم ٿي، جا هن کي هر مهيني موڪلڻي ٿيندي هئي. ماڻهو سمجهندا هئا ته

ڪا زال پنهنجي ڌيءُ هنن کي پالڻ لاءِ ڏئي وئي آهي، ۽ هي خدا ڪارڻ چوڪريءَ جي پرورش ڪن ٿا، تنهنڪري سندن تعريف ڪندا هئا. هيڏانهن هنن پنهي زال مڙس کي ڪي شڪ پيو هو، ڪي پڇا سان معلوم ڪيا هئائون ته اها چوڪري حرام مان ڄاول آهي ۽ ماڻس شرم کان ڳالهه لڪائي، اسان وٽ ڇڏي ويئي آهي، تنهنڪري پاڻ وجهه وٺي ڏڙڪي تاب سان فنتائن کان زياده پڇيندا ڪائيندا هئا. پندرهن رپيا درماهو، هوءَ ويچاري هر مهيني پهچائي نه سگهندي هئي، ۽ ڪڏهن ته ٻه-ٻه ٽي-ٽي مهينا رهجي به ويندا هئس.

اهڙين تڪليفن ۽ ڏکن هوندي به چوڪري وڏي ڇهن-ستن ورهين جي اچي ٿي، ۽ اهڙي خوبصورت ٿي جو جيڪر هاڻ خود سندس ماءُ به نه سڃاڻي سگهيس ها، اگرچ غمگين رهندي هئي ۽ اڪثر بيمار به گذاريندي هئي.

فنتائن پنهنجو ٻار هنن وٽ ڇڏي پنهنجي وطني شهر ۾ اچي رهڻ لڳي هئي، جنهن جو نالو ايمسرام هو، ۽ انهيءَ هنڌ جو پنهنجي ڌيءُ جي سنڀالينڌڙن کي پتو ڏنو هئائين، جتي هو خط پٽ پيا موڪليندا هئس. اهو شهر اصل ننڍو هو، پر ٽورن ورهين کان انهيءَ ڏاڍو زور ورتو ۽ منجهس ڪچ جي سامان جو وڏو ڪارخانو هو: ڪچ جا ڪارا موتي، مٽيا ۽ ٻيا ڪوڙا زيور جڙندا هئا. انهيءَ ڪارخاني ۾ هزارين زالون ۽ مڙس ڪمائيندا هئا. فنتائن به

ڪمائيندي هئي. اهو واپار انهي هنڌ هڪڙي پرديسي ماڻهوءَ اچي وڌو هو، جنهن کي مڊيلين جي نالي سان سڏيندا هئا. پهرين هن ٿورو واپار هلايو، پر پوءِ وڌائي وڌي وڏو ڪارخانو ڪيائين، جنهن مان هزارين رپيا اپائڻ لڳو. هن ماڻهوءَ انهيءَ واپار ۾ نه رڳو هزارن غريبن جو گذران پيدا ڪري وڌو هو، پر عام خلق جي فائدي لاءِ به ڪيترائي فيض جا ڪم ڪيا: جيئن ته هنن جي تعليم تي، دواخانن تي، ۽ ٻين ڪيترن خيراتي ڪمن تي هزار خرچيائين. ڪارخاني ۾ مڙس ڌار ۽ زالون ڌار ڪمارائيندو هو، ته پلي هونيڪ رهن ۽ ٻاڻ ۾ گڏجڻ سان خرابي پيدا نه ڪن. هن جي هي فيض رساني ۽ مهرباني جي هلت ڏسي نه رڳو ماڻهو هن کي تعظيم ڏيندا هئا ۽ پيار ڪندا هئا، پر سرڪار به هن کي مان ڏيندي هئي. هو اٽڪل پنجاهه ورهين عمر جو هو، ۽ تمام رحمدل ۽ قياس وارو هو. مزورن کي رواجي اجوري کان زور ڪري زياده ڏيندو هو، ۽ ٻي بخشش تنهن کان سواءِ ڪندو هو. مطلب ته انهيءَ هنڌ هڪڙو نئون شهر ٻڌجي ويو، جنهن جو مالڪ مڊيلين هو.

ڪچ جي سامان جي نئين هنر ڪيڻ ڪري ۽ ماڻهن کي فيض رسائڻ ۽ خيراتي ڪمن ڪرڻ ڪري مڪاني عهديدارن جي سفارش تي سرڪار هن کي هڪ وڏو لقب ۾ آڻيو، ۽ شهر جو ميئر يا مئجسٽريٽ

ٻه ڪيو. پر مڊيلين سرڪار جي شڪرگذاري ڪري انهيءَ لقب ۽ آبروءَ جي عهدي وٺڻ کان انڪار ڪيو. انهيءَ ڪري سڀ ماڻهو حيران ٿي ويا ۽ پاڻ هن جي نماڻائيءَ ۽ نهڻائيءَ ڪري سندس زياده تعريف ڪرڻ لڳا. ڪن ورهين کان پوءِ هن جي زياده ناموس ۽ فياضي ڏسي سرڪار وري به بهتر خطاب ۽ ميئر جي جاءِ آڇيس، پر هن وري به انڪار ڪيو. جڏهن شهر جي ملڪي توڙي ٻين ڪاتن جي حاڪمن ڪيس زور ڪيو، تڏهن لاچار هن ميئر يا مئجسٽريٽ ٿيڻ قبول ڪيو.

انهيءَ عهدي جي جوابداري هو ڏاڍيءَ رحمدليءَ ۽ انصاف سان ڪرڻ لڳو، ۽ ڪاڏو ۽ پوشاڪ، ۽ ٻي هلت چلت هميشه واري سادي رکيو آيو. ڪتابن پڙهڻ ۾ گهڻي مشغولي رکندو هو. ٻين جي تعليم جي زياده نظرداري ڪندو هو. بندوق ڪٽي شڪار تي ويندو هو، پر ڪنهن پکيءَ يا جانور کي مارڻ لاءِ دل نه چوندي هيس ۽ اڪثر خالي هٿين موٽي ايندو هو. اگرچ عمر جو ٻڪو هو ته به ڏاڍو محنتي ۽ زور وارو هو، اهڙو جو ڪي ٿورا جوان، اهڙي ورزش ڪري سگهندا هئا: پنڌ گهڻو ڪري سگهندو هو، ۽ ڪوئن مان لنگهندي سندس چوڌاري مڙس ۽ زالون ۽ ٻار اچي مڙندا هئا، تن کي نصيحت ڪندو هو ۽ محبت سان پيش ايندو هو، ۽ غريبن ۽ بيمارن کي پئسي جي يا ڪا ٻي مدد ڪندو هو. انهيءَ

رستي هئن انهيءَ هنڌ ۽ آسپاس جا غريب ماڻهو ڏاڍا سڌاريا: زميندارن کي آبادي ڪرڻ جو بهتر هنر سيکاريائين، ڪاسبين کي ٻيءَ طرح جا سڌارا بتايائين بعضي بعضي رات جو غريبن جي گهرن ۾ ويندو هو، انهن جو حال احوال وٺندو هو ۽ خرچي ڏيندو هون. ڪڏهن ڪڏهن ته جيڪي غريب اشراف سڏجهندا هئس تن جي غير حاضريءَ ۾ سندن گهرن ۾ وڃي ميز تي سونيون مهرون رکي ايندو هو، ۽ هو اهي مهرون ڏسي ڄاڻندا هئا ته اها اسان جي مهربان ميئر جي بخشش آهي.

انهن ڏينهن ۾ اخبار ۾ پادري چارلس مريل جي مرڻ جي خبر پڙهڻ ۾ آئي، ۽ انهيءَ جي گهڻي تعريف لکيل هئي. اها خبر پڙهي مڊيلين کي ڏاڍو ڏک ٿيو، ۽ ماتم ڪرڻ لاءِ ڪارا ڪپڙا ڍڪيائين. شهر جي ماڻهن کي اهو گمان گذريو ته آهو پادري سندن ميئر جو ويجهو مائٽ هو. انهيءَ ڪري پاڻ ميئر جي نسبت ۾ ماڻهن جو بهتر گمان ٿيڻ لڳو، ۽ پڪ ڄاڻائون ته هيءَ به ڪنهن پادري خاندان منجهان آهي، تنهنڪري اهڙو نيڪ، رحمدل ۽ خلق جو خيرخواهه آهي. هنن جي پڇا ڪرڻ تي پاڻ ظاهر ڪيائين ته نندي هوندي آءٌ هنن جي گهر ۾ نوڪر هوس.

شهر جا سڀ ماڻهو انهيءَ ميئر کي تعظيم ڏيندا پيار ڪندا هئا، مگر رڳو هڪڙو ئي ماڻهو هو جو

هن جي برخلاف ٽي ڏٺو ۽ جنهن کي هن جي تعريف نه وٺندي هئي. هميشه هن کي ڏسي گهٽور وجهيو پيو هن ڏي نهارينو هو، ۽ ڏند ڪرٽيندو هو: اڪثر هن ڏي نهاري نهاري چوندو هو ته "هي ڪير شخص آهي؟ مون کي ڪ آهي ته مون هن کي اڳي ڪٿي ڏٺو آهي. هن جا مهانڊا مون کي دل سان لڳن ٿا. پلي پيا هن کي جيئن وٺين تيئن سمجهن ۽ مان ڏين، پر آءُ اهڙو جلد هن جي دام ۾ نه ايندس."

اهو شخص هڪڙو پوليس انسپيڪٽر هو ۽ سندس نالو "جاورٽ" هو. هو قداور مڙس هو ۽ ڏنڍو هميشه هٿ ۾ هوندو هوس ۽ ڏاڍو شوخ ۽ زبردست ماڻهو هو. هن جو پيءُ به هڪڙو جهونو قيدي هو ۽ سندس ماءُ پڻ هڪڙي فقيرياڻي هئي. هنو ڄائو به جيل ۾ هو. وڏو ٿيو تڏهن پوليس کاتي ۾ وڃي نوڪر ٿيو. چالاڪيءَ جي ڪري درجي بدرجي چڙهندو ويو ۽ چاليهن ورهين جي عمر ۾ انسپيڪٽر ٿيو. شروعات ۾ ٽولون واري شاهي جيل ۾ به نوڪري ڪئي هئائين، جتي وڏا وڏا قيدي رهندا هئا. هو هرطرح پوليس جي نوڪريءَ ۾ جاسوس هئڻ جو لائق هو. انهن جا سڀ هنر هن کي ياد هئا ۽ زياده آزمودي ڪري هشيار شمار ۾ ايندو هو. سڀ بدمعاش هن کان ڊڄندا هئا. هن جي هميشه مڊيلين ميئر ۾ اڪ هوندي هئي، پر هن کي سندس ڪوبه خيال ڪونه هوندو هو.

هئن سان ٻين وانگي مروت ۽ مهرباني سان هلندو هو، جنهنڪري جاورٽ پاڻ حيران ٿيندو هو.

اتي جي ماڻهن ۾ هڪڙو ٻيو به شخص هو، جنهن جي مدد ليئن سان آڻبٽ هوندي هئي. انهيءَ جو نالو فاشل ونٽ هو. هو واپاري ماڻهو هو، جڏهن مدد ليئن انهيءَ شهر ۾ اچي پنهنجو ڌندو ڪچ جي مٽين جو ڪوليو، تڏهن هن جي ڌندي کي شڪست اچي ويئي ۽ نيٽ هن ڏيوالو ڪڍيو. نئون آيل واپاري زور وٺندو ويو ۽ آخر دولتمند ٿي ويو. انهيءَ ڪري هن ڏي ڏاڍو حسد ۽ ويرُ رهندو هوس. آخر فاشل ونٽ اهڙو غريب ٿي ويو، جو ٻار جي گاڏيءَ تي مزوري ڪندو وتندو هو.

هڪڙي ڏينهن اهڙو اتفاق ٿيو جو گهوڙو ٽاپڙجي رستي تي ڪيري پيو، گاڏي اونڌي ٿي پيئي، ۽ فاشل ونٽ گاڏيءَ جي هيٺان اچي ويو. اهڙي حال ۾ هو، جو سندس پاسريون پڄڻ تي هيون، ۽ هن کي پنهنجيءَ جان جو خوف هو. ماڻهو اچي گڏ ٿيا. پوليس انسپيڪٽر جاورٽ به اچي آتي نڪتو. گهڻيئي زور لاتائون پر گاڏيءَ کي اٿلائي يا مٽي ڪري نٿي سگهيا، آخر ماڻهو سوڪلياڻون ته ٻار ڪڻڻ جي ڪل گهلي اچن، پر اها پريرو هئي ۽ انهيءَ جي اچڻ ۾ اڏڪلاڪ لڳي وڃي ها. ائين ڪندي ميئر مدد ليئن به هوا ڪائيندو انهيءَ رستي تان اچي لنگهيو، ۽ هيءَ حالت معلوم ڪري ڏاڍو ارمان ٿيس.

ويهه مٿهرون انعام آڇيائين ته ڪو گاڏيءَ هيٺان وڃي، تريون زمين تي ڪوڙي، پڻ سان گاڏي مٿيري ڪري ته فاشل ونٽ ٻاهر نڪري اچي، ۽ ڪنهن کي ۽ ايتري همت ڪانه ٿي ٿي. جاورٽ انسپيڪٽر جنهن ميئر ڏي نهاري نهاري چيو ته "مون کي رکو هڪڙو ماڻهو سُڃهي ٿو جو اهو ڪم ڪري سگهي، اهو ٽولون جي جيل ۾ هڪڙو قيدي هوندو هو، جو ڏاڍو زور ڀريو هوندو هو. آهو هجي ته جيڪر اهو ڪم آسانيءَ سان ڪري سگهي." اهي لفظ ٻڌي، ميئرصاحب جو چهرو ئي ڦري ويو.

انهيءَ وچ ۾ هو ويچارو گاڏيءَ وارو دانهون ڪرڻ لڳو ته "مون کي ڪيو، نه ته آءٌ ٻار هيٺ مران ٿو." ماڻهو لاچار اچي ٿيا، ڪَل جي اچڻ ۾ اڃا دير هئي، ۽ ويهن مهرن جي انعام تي به ڪو ويجهو نٿي آيو. ليٽ اوچتو ئي اوچتو ميئر مڊيلين ڪوٽ لاهي، ٻانهون ڪُنجي گاڏيءَ هيٺان پيٽ ڀر لنگهي ويو، ۽ تريون کوڙي زور جو ڏنائين ته گاڏي مٿيري ٿي ويئي، ۽ گاڏيءَ وارو نڪري ٻاهر ٿيو. اتي ٻيا ماڻهو مدد لاءِ آيا ۽ گاڏيءَ جا ڦيٿا ڪڍي ٻاهر ڪيائون. گاڏيءَ وارو ٻاهر نڪري، ميئر کي پيرين پئي، هن جا هٿ چمڻ لڳو، ۽ هن کي پنهنجي جان بچائڻ وارو سڏيائين. مڊيلين رحم ڪري پنهنجو درجو ۽ ٻيا سڀ خيال وساري، هڪڙي

ٻاڻ جهڙي غريب انسان کي موت جي چنبي مان ڇڏايو، اگرچ هو سندس بدخواه هو ۽ ٻاڻ هيتري تڪليف سڻائين، تنهنڪري سندس دل ڏاڍي خوش هئي ۽ سندس چهري ۾ خدائي نور پئي ٻکيو. مگر جاورٽ ڏي جو نهار يائين تہ انهيءَ جون اڃا ٻہ منجهس اکيون هيون، ۽ البت دل ۾ ڪنڊو لڳل هوس.

ٻڍي فاشل ونٽ کي گوڏي ۾ سخت ضرب رسي هئي ۽ گوڏي جي ڍڪڻي لهي پئي هيس، تنهن کي مڊيلين پنهنجي خانگي ڪارخاني واري اسپتال ۾ ڪڻائي ويو، ۽ آتي سندس خدمت چاڪري پوريءَ طرح ڪرائي ويئي. رات جو هن آتي سهي آرام ڪيو. صبح جو آئي وهاڻي جي هيڻان ڏسي تہ هزار رپيي جو نوٽ رکيو آهي، ۽ ميڊيلين جي هٿ اکرين ۽ سندس صحيح سان هڪڙو ڪاغذ جو ٽڪر ٻہ رکيو آهي، جنهن تي لکيل آهي تہ "تنهنجي گاڏي ۽ گهوڙو مون خريد ڪيا آهن، هي انهن جو مٿلهہ آهي." گاڏي اهڙي هئي جا ڀڄي ٽڪر ٽي پئي هئي، ۽ گهوڙو ٻڻ اڌ مئل هو. فاشل ونٽ نيٺ ڪن ڏينهن بعد چڱي چڱو ٿي آئيو، پر ٽنگ ۾ منڊ رهجي ويس. آخر مڊيلين جي سفارش سان هن کي پئرس شهر جي پسگردائيءَ ۾ هڪڙي زناني خانقاه يا عيسائي مڙهيءَ جي باغ جي لڳهبانيءَ جي جڳهہ ملي.

انهيءَ کان پوءِ جاورٽ انسپيڪٽر اڪثر ڪري مڊيلين کان پاسو ڪندو وتندو هو، جڏهن لاچار ٿيندو هو ۽ ڪو ڪيس سندس ڪورٽ ۾ آڻيندو هو تڏهن سو ايندو هو، نه ته نه. انهيءَ وقت به سندس دل ۾ اهڙا خيال هوندا هئا، جهڙا ڪُتي کي پوشاڪ بدليل بگهڙ کي ڏسي ٿيندا آهن.

باب چوٽون

جڏهن فنٽائن مڊيلين جي ڪارخاني ۾ ڪمائڻ لاءِ ويئي، تڏهن هن کي آني جو ڪم نئون لڳو، پر پوءِ ٺهي ويئي، ۽ ڏاڍيءَ هشياري سان ڪم ڪرڻ لڳي. زالن واري ڀاڱي ۾ هڪڙي ڪوئيءَ ۾ رهندي هئي ۽ انهيءَ ۾ مسواڙ تي موچارو سامان وٺي وڌو هئائين. مزوري چڱي ملندي هيس. ڪپڙو گندي پوشيدو رکندي هئي. ظاهري ٻيو سڀ سڪ هوس، رڳو پنهنجي ڌيءَ ڪاسيٽ جي ڳٺي هوندي هيس. خواريءَ جي ڪري ڪنهن کي ڪين ٻڌائيندي هئي ته آءٌ پرٽيل آهيان ۽ ٻار اٿم. ٽينارڊيئر ڏي مهيني ۾ ٻه خط پنهنجي ڌيءَ جي نسبت ۾ لکائي موڪليندي هئي، ۽ پئسا به هر مهيني موڪليندي رهندي هئي. انهيءَ ڪري ماڻهن کي اهڙو گمان رهندو هو ته هن زال جي ڪنهن سان لڪپڙهه آهي. ليڪ خط لکڻ واري ڪان پڇا ڪري ڪن زالن حقيقت معلوم ڪئي ته هن کي ٻار آهن. هڪڙيءَ ته مرڳو پئسا خرچي، ڀاڙو ڀري وڃي، ٽينارڊيئر جي هوٽل ۾ آهو ٻار به ڏسي آئي.

ورهيه ڪن ڪان پوءِ، هڪڙي ڏينهن ڪارخاني جي زناني ڀاڱي جي جمعدارڻ، فنٽائن کي پنجاهه رپيا

آڻي ڏنا، ۽ چيائينس تہ ”بس اڳتي تون هتي پورهيو نہ ڪر، هلي وڃ. ميئرصاحب مهرباني ڪري توکي هيءَ خرچي ڏني آهي“. هوءَ ويچاري ڪارخانو ڇڏي، پاڙي ڪيل ڪوٽيءَ ۾ اچي رهي. جيڪو ٿورو گهڻو قرض هوس تنهن جي لاهڻ لاءِ ٻہ اهو پئسو مس پورو هو. اهوئي وقت هو جڏهن ٽينارڊيئر ٻہ ڪاميٽ جي پرورش لاءِ پندرهن رپيا گهرڻ لڳو، ۽ هوءَ آهي ڏيئي نہ سگهي. خانگي نوڪريءَ لاءِ شهر ۾ مٿا هنيائين، پر ڪا ٻہ جاءِ ڪانہ مليس. شهر ڇڏي ٻہ نہ ٿي سگهي تہ متان رهيل قرضي ڪيس جهلائين. آخر سامان وڪٽي ڪجهہ قرض لاٿائين، ۽ پاڻ پوءِ سئيءَ جو پورهيو ڪرڻ لڳي. ڪڏهن تہ دل ۾ پئي آيس تہ پنهنجي ڏيءَ کي گهرائي پاڻ وٽ ڪري، تہ جيئن ڪيس ڪم ۾ مدد ڏئي ۽ همراهي ڪرائي. پر هوءَ ٻہ وٽس تڏهن اچي، جڏهن ان جي ڪاڏي جا رهيل پئسا پهچائي. پئسا ڪٿان اچن؟ ۽ پوءِ ٻہ رستي جي پاڙي جا پئسا گهرجن! هڪڙي پاسي قرضين جي ڇڪتاڻ ۽ ٻئي پاسي ٽينارڊيئر جا خط اچڻ لڳس تہ ”تنهنجي ڏيءَ کي ڪپڙو ڪونهي، اگهاڙي ٽيڻ تي آهي ۽ ٻڪ پيئي مري، پئسو نہ موڪليندينءَ تہ الائي سندس ڪهڙو حال ٿيندو“. هيءَ خبر ٻڌي ويچاري ڏاڍي بيآرام ٿي. آخر دل ۾ آيس تہ منهنجا وار تمام وڏا ۽ سهڻا ۽ سونهري رنگ جا آهن. حجم وارَ خريد ڪري انهن مان ٽوپ ۽ ٻيون شيون ٺاهيندا آهن،

تنهنڪري هڪڙي حجام وٽ وڃي ڏهن رپين ۾ پنهنجا مٿي جا وار ڏيئي، ڪترائي پئسا وٺي آئي، ۽ انهن مان ڪپڙا وٺي ڏيءَ جي لاءِ ڏياري موڪلياٿين، ۽ پاڻ ڪپڙي سان ۽ ٽوپيءَ سان مٿو ڍڪي گذارڻ لڳي.

ٽينار ڊيئر جي خطن جي ڏم پئي پيئي. هڪڙي ته پئي عذر يا ڊپ تي پئسن گهرائڻ جي ڪوشش پئي ڪيائين. هڪڙي آخري خط ۾ لکيائين ته "تنهنجي ڏيءَ ڪاسيٽ سخت بيمار آهي ۽ خراب قسم جو تپ اٿس. چاليهه رپيا هڪدم موڪل ته هن جو علاج ڪرائجي، نه ته مري ويندي." ويچاري ننڍائن جون ٻه ٻه ويهون ڇهه ٻه ويهون، چرين وانگي هيڏي هوڏي ڊوڙڻ لڳي. دماغ ۾ خلل پيدا ٿي ويس ۽ پنهنجي منهن پئي ڪلندي ۽ ڳالهائيندي هئي. آخر انهيءَ حال ۾ هڪ ڏينهن هن کي اها سمڪ آئي، ته جيئن وار ڏئي پئسا پيدا ڪيا اٿم، تيئن ڏند ڏئي چونه ٻيا پئسا هٿ ڪيان. ڏند تمام اڇا، سُهڻا ۽ سوڻا هئس. ڏندن وارا ڊاڪٽر ڏند خريد ڪندا هئا. لاچار هڪڙي وٽ وڃي ٻن مهرن تي پنهنجا اڳيان چار ڏند وڪڻي، ڪيرائي آئي ۽ پاڻ ٻيي ٿي ويئي. آهي ٻه مهرون يعني چاليهه رپيا هڪدم ٽينار ڊيئر ڏي موڪلي ڏنائين. پر ڪاسيٽ ته بيمار ڪين هئي. پئسن ڪارڻ جو هنن ٻنهي زال مڙس ڪوڙو بهانو ڪيو هو، پر هيڏي ته هن ويچاريءَ سان وڏن ٿي گذري هئي.

ويچاري فنڌائن جا ڏاڍا بچڙا حال ٿيا، ڏينهن جو نڪري نه سگهندي هئي، ۽ شام جو ڪم ڪار لاءِ ٻاهر ويندي هئي. هڪڙي ڀيري ٻاهر ويئي. ڪو ماڻهو سندس پٺيان لڳو ۽ سائس چرچا ڪرڻ لڳو. هن کي ڏاڍي چڙ لڳي. هوش اڳيئي برابر نه هوس. هن ماڻهوءَ هٿ وڌس ته هن ڏڪ هنيس. هن جي ٽوپي لهي پئي ۽ ڏڪ لڳس. گوڙ تي ماڻهو گڏ ٿيا ۽ پوليس آئي. انهن ۾ جاورٽ انسپيڪٽر به هو، جنهن ٻاڻ انهيءَ زال کي گهٽ وڌ ڳالهائيندو ۽ ڏڪ هڻندو ڏٺو. هن شخص جي دانهن تي انسپيڪٽر فنڌائن کي گرفتار ڪري، گهاٽ تي وٺي ويو ۽ رپورٽ لکڻ لڳو. فنڌائن دانهون ڪري پئي چيس ته "انسپيڪٽر صاحب، منهنجو ڪهڙو ڏوهه! هن ڀرين مون سان چرچا ڪيا مون سان دست درازي ڪئي، ۽ مون پنهنجي بچاءَ ۾ هن کي ڌڪي پاسي ڪيو. هي ڪهڙو ظلم آهي، مون کي جيل ۾ وجهندا ته ڪهڙو فائدو ٿيندو، ويچاري منهنجي ڌيءَ ڪاميٽ ڪيئن ڪندي! مري ويندي، ڪير انهيءَ کي خرچ پهچائيندو.

هن جي دانهن تي انسپيڪٽر کوبه خيال ڪونه ڪيو. ڪاغذ تيار ڪري هڪڙي سپاهيءَ کي ڏيئي چيائين ته "هن زال کي هڪدم وڃي جيل ۾ وجهه، سيائي ڪورٽ ۾ رجوع ڪجوس." سپاهي زال کي وٺي تي هو ته هڪڙو شخص جنهن زال جي ساري ڳالهه لڪي ٻڌي هئي، سو در ڪان اندر لنگهي آيو

۽ چوڻ لڳو تہ "تڪڙ نہ ڪريو، ذرو ترسو." جاورٽ منهن مٿي ڪري ڏسي تہ ميئر مڊيلين آهي. لاچار ٿي ٽپ ڏيئي آٿي بيٺو، ۽ تعظيم ڏيڻ لاءِ ٽوپي لاهي بيٺو، اگرچ ائين ڪرڻ لاءِ دل نہ ٿئي چيس.

فنٽائن بہ معلوم ڪيو تہ ميئر صاحب آيو آهي. هن جي رحمدليءَ جي گهٽي تعريف ٻڌي هئائين، ليڪن سندس ڪارخاني ۾ هن کي جيڪا تڪليف رسي هئي ۽ اتان نڪرڻ ڪري جيڪا سندس خراب حالت ٿي هئي، سا سڀ هن ڪارخاني جي مالڪ يعني انهي ميئر جي طرفان ٿي سمجهي. اگرچ حقيقت ڪري انهيءَ کي انهيءَ وچ جي ڪابہ خبر ڪانہ هئي. خاص ڪارخاني جي زناني ڀاڱي ۾ هو گهٽو ايندو ڪين هو، ۽ جمعدارڻ جي رپورٽ تي ڪم ڪار هلائيندو هو. انهيءَ ڪري فنٽائن جي راءِ مڊيلين ميئر جي نسبت ۾ تمام خراب هئي، ۽ ڪيس ڪوڙو ۽ ظالم سمجهندي هئي. هاڻي جڏهن هن کي پوليس ٽاٽي ۾ ڏٺائين تڏهن ساڙ ۽ ڪاوڙ کان، ۽ ڪي دماغ جي خلل کان مٿس ڪاهي آئي، ۽ چنبا هن جي مينهن تي هٿي ۽ ٽڪون اڇلائي چوڻ لڳيس تہ "واه جو ميئر ۽ ڪارخاني وارو ٿيو آهين!" ائين چئي ٿهڪ ڏيئي ڪلڻ لڳي.

مڊيلين اشراف، رومال سان منهن اگهي، انسپڪٽر کي چوڻ لڳو تہ "انسپڪٽر جاورٽ، هن زال کي

هڪدم چڏي ڏيو." انسپيڪٽر حيران ٿي ويو. هڪڙي خسيس ۽ ڪميني زال هڪڙو اڳيئي ڏوهه ڪري ۽ وري مئجسٽريٽ کي منهن ۾ ٽڪون هئي، تنهن کي هو سزا ڏيڻ جي بدران چڏي ڏئي؟ پهرين ته دماغ جاءِ نه ٿيس، پر نيٺ حڪم جي تعميل ڪرڻي پيس. هوڏي فنٽائن پاڻ به عجب ۾ گنگي ۽ ٻوڙي ٿي بيهي رهي. پوءِ اکيون ڦاڙي چوڻ لڳي ته چا، مون کي چڏي ٿا ڏين، قيد به ڪين ايندم؟ اهو ٻاڳو ميئر مون کي ڪيئن چڏيندو، جنهن مون کي ڪارخاني مان ڪڍي چڏيو، جو آءٌ ٻک مرندي وتي آهيان ۽ جنهن مون کي هڙي ٻچڙي حال ۾ آندو آهي. الهجي لاچاريءَ ۽ غريبيءَ کري چا چا ٻڌي ڪيو اٿم، ۽ ڪيئن ٻڌي گذاريو اٿم، رڳو انهيءَ لاءِ ته منهنجي ڌيءَ ڪاسيٽ کي چڱن حالن ۾ رکان. هن حال ۾ رهڻ کان مون کي قيد بهتر آهي، جو کاڌو ته پيو ملندم. ٻي خرچي به پين جي ٻڌي ملندي جا آءٌ ڪاسيٽ ڏي ڏياري موڪلينديس. آءٌ پاڻ ٿڌ ۾ رلڻ ڪري بيمار آهيان، ڪنگهه ماري وڌو اٿم ۽ تپ به اٿم. اجهو، منهنجي ٻانهن ڏسو. هاڻ جڏهن مون کي آزاديءَ جو حڪم ٿيو آهي، تڏهن آءٌ وڃان ٿي. ائين چئي، اٿي هلڻ لڳي.

انسپيڪٽر جاورٽ هينئر حيرانيءَ کان اک ٻڌي، ۽ پنهنجي فرض جي يادگيري پيس. ميئر کي سلام ڪري ۽ زال کي روڪي بيهاري چوڻ لڳو ته "سائين،

مون کي معاف ڪجو، آءٌ هن کي ڇڏي نٿو سگهان. هن ڏوهه ڪيو آهي ۽ وري هاڻ سائينجن سان بي ادبي ڪئي اٿس. آءٌ قاعدي جو غلام آهيان، هن کي ڇڏي نٿو سگهان." مڊيلين سنجيدگيءَ سان چيس ته "انسپيڪٽر جاورٽ، مون کي خبر آهي تون ايماندار سرڪاري نوڪر آهين، پر آءٌ نوڪان پوءِ سگهوئي واردات تي پهتس ۽ چڱيءَ طرح شاهد پڇي جانچ ڪئي اٿم ۽ معلوم ڪيو اٿم ته هن زال جو قصور ڪونهي، ٻلڪ هن ماڻهوءَ جو قصور آهي، انهيءَ کي گرفتار ڪرڻ گهرجي. باقي جيڪا هلت مون سان ڪئي اٿس، تنهن لاءِ آءٌ ڄاڻان منهنجو ڪم ڄاڻي."

انهيءَ هوندي به انسپيڪٽر فنٽائن کي ڇڏڻ جي نه ڪئي، چيائين ته "اها بي آبروئي اوهان جي جنڊ جي نه ڪئي اٿس، پر سرڪار جي ڪئي اٿس، تنهنڪري سرڪار جو عهديدار ٿي آءٌ قاعدي موجب هن کي سزايابڪرائيندس". تنهن تي مڊيلين الٽ ڪاوڙجي چيو ته "انسپيڪٽر، قاعدي جي مون کي زياده خبر آهي. ڏوهن جي ڪوڊ جي قلم ٩، ١١ ۽ ١٥ موجب، مون کي اختيار آهي ته جانچ بعد مناسب حڪم ڪرڻ. انهيءَ موجب آءٌ حڪم ٿو ڪريان ته هن زال کي ڇڏي ڏي. تنهنجو فرض آهي قانون جي تعميل ڪرڻ، نه ته تون پاڻ بي ادبيءَ جو ڏوهاري ٿيندين."

انسپيڪٽر جاورٽ اڃا کي چوڻ گهريو ٿي، پر ميئر حڪم ڪيس ته "وڌيڪ هڪڙو لفظ به نه ڳالهاءِ،

هڪدم جاءِ مان نڪري وڃ!" جاورٽ لاچار ڪنڌ جهڪائي، سلام ڪري نڪري ويو. هنن ٻنهي شخصن جو تڪرار فنڌائن ماڻ ڪري ٻيئي ڏنو ۽ ٻڌو. هڪدم سهي ڪري سگهي ته هڪڙو شيطان جي صورت ۾ ماڻهو هو، ۽ ٻيو ملائڪ جي صورت ۾. نيٺ ڏٺائين ته ملائڪ شيطان تي غالب ٿيو ۽ ان کي ڀڄائي ڪڍيائين، ۽ اهو ملائڪ ٻه اهو هو جنهن کي پاڻ هيسنائين شيطان ٿي سمجهائين، ۽ جنهن سان هاڻ تازي ناسناسب ٻي ادبيءَ سان هلي هئي. ڪيي عجب ۽ ڪيي ڊپ کان ڪڇائين ڪين. جڏهن انسپيڪٽر جاورٽ جاءِ مان نڪري ويو، تڏهن مڙيلين وڏي ڏيرج ۽ ڏک مان هن کي چيو: "جيڪي تو چيو، سو سڀ مون ٻڌو آهي، آءٌ وسهان ٿو ته تون سچ ٿي چوين. ڪارخاني مان نڪرڻ جي حقيقت جي مون کي خبر ناهي، توسان جي ظلم ٿيو هو ته تون مون وٽ اچين ها ته آءٌ تنهنجو بندوبست ڪريان ها. هاڻي تون دلجاءِ ڪر، جيڪو تو تي قرض آهي سو سڀ آءٌ ڏيان ٿو. تنهنجي ڏيءَ جتي آهي، اڃان آءٌ انهيءَ کي گهرائي ٿو وٺان. اڳتي جيڪو پئسو توکي گهربل هوندو سو توکي ٻيو ملندو. مون کي يقين آهي ته تون نيڪدل زال آهين، مفلسي ۽ لاچاري ڪري پاڻ کي اهڙي حال ۾ آندو اٿئي.

هيءَ ٻڌي فنڌائن جو وات ٽي ڦاٽي ويو، اوچتو جو سندس دل جا سڀ مطلب پورا ٿي ويا، سو ايتري

خوشي ٿيس جو جيئن بيٺي رهي، تيئن ٽنگون ڏکڻ لڳيس ۽ ميئر جو هٿ وٺي چمڻ لڳي، ۽ چمندي بيهوش ٿي، سندس پيرن ۾ وڃي ڪيري پئي. انهيءَ وقت مڊيلين فنٽائن کي کٽي پنهنجي ڪارخاني واريءَ زناني اسپتال ۾ وٺي ويو: سخت تپ اچي چڙهيس، ساري رات پئي وڦلي. پئي ڏينهن ٻپهرن ڌاري اک پٽيائين ۽ هوش ۾ آئي. ڏٺائين ته مڊيلين مٿانئس انتظار ۾ بيٺو آهي ۽ سندس حق ۾ دعا بيٺو گهري، هن کي جاڳندو ڏسي خبرچار پڇيائينس، ۽ گهٽا دلاسا ڏنائينس.

سگهوئي پوءِ مڊيلين ٽينارڊيئر ڏي خط لکيو، ۽ جيڪي ١٢٠ رپيا هنن جا رهيل معلوم ٿيا، تن جي بدران ٣٠٠ رپيا به ڏياري موڪليائين ۽ لکي موڪليائين ته ڪاسيٽ چوڪريءَ کي هڪدم ايم مرايم ۾ وٺي اچو، سندس ماءُ سخت بيمار آهي. ٽينارڊيئر ڏاڍو خوش ٿيو. پنهي زال مڙس پاڻ ۾ پهه پڇايو ته چوڪريءَ کي نه موڪليون جو هن مان اسان کي گهٽو فائدو پيو پهچي. چاتائون ته شايد ڪنهن سکر ۽ دولتمند ماڻهوءَ سان هن جي ساءُ آشنائي رکي آهي، سو هن جو سڀ بار پيو کٽي، تنهنڪري هڙي سوني ڪڙ جا سونا آنا پئي لاهي، سا ڪا ائين چڏي ڏيندا سين. اهو خيال ڪري، ٽينارڊيئر هڪڙو وڏو بل پنجن سوَن رپين جو ڏياري موڪليو، جنهن ۾ ڊاڪٽر جي ۽ دوائن جي خرچ جون وڏيون رقمون هيون، ۽ جنهن مان هن ٻن سوَن جي مجرائي ڏني،

باقي ۾ سؤ بقايا ڪڍيا. ميڊيلين هڪدم ئي سؤ روپيا ڏياري موڪليا ۽ لکيائين ته "هاڻي هڪدم ڪاسيٽ کي آڻي پهچايو ۽ وڌيڪ دير نه ڪريو، جو هن جي ماءُ سخت بيمار آهي." انهيءَ هوندي به هنن چوڪري نه آندي.

انهيءَ وچ ۾ فنٽائن اسپتال ۾ پئي هوندي هئي. ميڊيلين ڏينهن ۾ به پيرا ڏسڻ ويندو هوس، ۽ ڏڙ دلاسا ڏيندو هوس. هوءَ هميشه پنهنجي ڌيءَ بابت پئي پڇندي هئي، ته ڪڏهن ايندي. هوش جي وقت يا بيهوشيءَ ۾ ٻيو ڪو خيال ئي ڪونه هوندو هوس، رڳو ڪاسيٽ جي پئي پڇا ڪندي هئي ۽ ان بابت ڳالهائيندي هئي ۽ وڦلندي هئي. ڊاڪٽرن به اها راءِ پئي ڏني ته جي هن جي ڌيءَ جلد نه ايندي، ته هيءَ مري ويندي. ٽينارڊيئر ته هڪڙا نه پيا عذر پئي لکيا، ۽ چوڪري آڻڻ يا موڪلڻ جي نٿي ڪيائين. آخر لاچار ئي ميڊيلين فنٽائن کان هن ڏي هي خط لکايو ۽ اهيءَ تي هن جي صحيح ورتائين، "مهرباني ڪري هن خط آڏيدڙ کي منهنجي ڌيءَ ڪاسيٽ جي ٻانهن حوالي ڪج، ۽ جيڪڏهن ڪا بقايا رهيل هوندي ته آها هو پهچائي ڏيندو. ميڊيلين جي دل ۾ اهو خيال هو ته ڪنهن تجويز سان آءٌ ٻاڻ اهو خط ڪٽي وڃي چوڪريءَ کي وٺي اچان.

ٻن ڏينهن بعد ميڊيلين پنهنجي آفيس ۾ ويٺو هو ته انسپيڪٽر جاورٽ جي اچڻ جي رپورٽ ڪيائونس.

هن انهيءَ کي پاڻ وٽ گهرايو. اگرچ دل ۾ ڏکاءُ به پيس. انسپيڪٽر سلام ڪري اچي ويٺو، ۽ ميئر ڦري ڏانهنس منهن ڪيو. هن جي شڪل نماڻي ۽ غمگين ٿي ڏٺي، اگرچ دل مضبوط ۽ سخت هيس. ميئر حال احوال پڇيس. هن چيو ته "سائين، مون هڪڙو بيقاعدي ڪم ڪيو آهي، تنهنڪري مون کي سزا ملڻ گهرجي، يعني مون کي نوڪريءَ مان ڪڍڻ گهرجي. اگرچ آءٌ پاڻ استعفا ڏئي سگهان ٿو، مگر موقوفيءَ جي سزا زياده مناسب آهي." مڊيلين پڇيس ته "اهو ڪهڙو ڏوهه تو ڪيو آهي؟" انسپيڪٽر چيو ته "مون زيردست ٿي اوهان جي بي ادبي ڪئي آهي. انهيءَ ڏينهن اوهين مون تي ڪاوڙيا هئا. اڄ پلائي ڪري مون کي سزا ڏيو ۽ نوڪريءَ مان ڪڍڻ مان انصاف ڪريو." جڏهن مڊيلين چيس ته "آءٌ تنهنجا اشارا نٿو سمجهان، صاف ڳالهه ٻڌاءُ". تڏهن هن هيٺ چيو ته "سائين، ٻه-ٽي هفتا ٿيا، هن زال جي وڻڙهه واري ڳالهه اوهان کي ياد هوندي. انهيءَ تان مون کي دل ۾ ساڙ آيو ۽ مون اوهان جي برخلاف وڃي پنهنجي ڪاني جي وڏي عملدار وٽ شڪايت ڪئي. چيم ته هڪڙو جهونو چڻل قيدي مئجسٽريٽ ٿيو وتي ڪم ڪندو. مون دل ۾ ائين سمجهيو ۽ ويساهه ڪيو، تڏهن وڃي ائين چيم، ڇا لاءِ جو اوهان جي ۽ انهي قيديءَ جي پاڻ ۾ گهڻي مشابهت مون کي نظر آئي.

اوهان جا مهانڊا، اوهان جو قد، اوهان جي بدن جو ڊول، اوهان جي مضبوطائي ۽ قوّت، اوهان جي چالاڪي ۽ ڦرتائي، ۽ وڏي ڳالهه، تہ هڪڙي ٽنگ کان اوهان جو ٿورو منڊ ڪاٽڻ. اهي سڀ ڳالهيون هڪڙي نامي گرامي چور جين وليچان ۾ هيون، جنهن کي ڏٺي مون کي انڪل پندرهن-ويهه ورهيه ٿيندا. انهيءَ ساڳئي شخص ڇڻڻ کان پوءِ هڪڙي پادريءَ جي گهر ۾ ڪات هٿي چوري ڪئي، ۽ پوءِ عام رستي تي هڪڙي فقير ڇوڪر سان ڦر ڪيائين. ست-اٺ ورهيه ٿيا آهن جو گم ٿي ويو هو، ۽ هٿ نٿي آيو ۽ اشتهاري قيديءَ وانگي شمار ۾ هو. اوهان کي ڏسي مون کي اهو ويساهه آيو، تنهنڪري مون پنهنجو فرض سمجهيو، ۽ وڃي پنهنجي وڏي عملدار کي اهڙي ڳالهه ٻڌايم".

هي ٻڌي مڊيلين جو ٿورو منهن جو رنگ هارجي ويو، جو جاورٽ ڏٺو. پر پوءِ دل ڏاڍي ڪري هن کان پڇيائين تہ "چڱو، پوءِ تنهنجي آفيسر توکي ڪهڙو جواب ڏنو؟" هن چيو تہ "سائين، آفيسر چيو تہ تون ڪوڙو آهين، شايد تون ديوانو ٿيو آهين. پر مون کي تہ دل ۾ يقين آهي تہ آهو نامي گرامي بدمعاش جين وليچان مون لڏو آهي." مڊيلين جو وري به منهن جو رنگ هارجي ويو، ۽ وري به پڇيائينس تہ "سو ڪيئن؟" هن چيو تہ "سائين، حقيقت

هي آهي ته ٿورا ڏينهن ٿيندا جو اراس ۾ هڪڙي چمپٽو نالي ٻڍي ماڻهوءَ کي صوفن جي چوريءَ ۾ گرفتار ڪري، اتي جي جيل ۾ وڌائون. اتي هڪڙو جهونو چٽل قيدي نوڪر هو، جنهن کي ڇڻ ڪان پوءِ ڇڳيءَ چال ڪري نوڪر رکيو هئائون. انهيءَ چيو ته هي شخص جين وليجان آهي، جنهن وڏي جيل ٿولون واري ۾ مون سان گڏ ورهين جا ورهيه گذاريو. چمپٽو انهيءَ ڳالهه کان انڪار ڪيو. تنهن تي ٻه ٻيا جهونا قيدي ٿولون مان گهرايا ويا، جي اڳا اتي قيد هئا. انهن به اچي هن کي سچاتو ۽ چيائون ته هي جين وليجان آهي، ۽ اسان جو سنگتي ٿي رهيو هو. انهيءَ وقت مون اوهان کي ڏسي دل ۾ چيو ته سچو جين وليجان ته مون هٿ ڪيو آهي، اهو جين ضرور ڪوڙو هوندو. مون اها ڳالهه وڃي پنهنجي وڏي عملدار سان ڪئي، پر انهيءَ چيو ته تنهنجو هوش برابر ناهي شايد تون ديوانو ٿيو آهين."

ميڊيلين پڇيو ته "تو انهيءَ کي ڏٺو آهي؟" جاورٽ چيو ته "هائو، مون به انهيءَ مهل سمجهيو ته اهو برابر جين وليجان آهي، پر وري جڏهن اوهان کي ٿو ڏسان تڏهن سمجهان ٿو ته جين وليجان اوهين آهيو، نه هو." ميڊيلين وري پڇيو ته "پوءِ انهيءَ کي ڪيئن ڪيائون؟" جاورٽ چيو ته "انهيءَ تي

اراس جي وڏيءَ ڪورٽ ۾ مقدمو هلڻو آهي، ڪنهن جهڙي تهڙي مئجسٽريٽ وٽ هلڻ جو ناهي، جو هن کي جنم قيد ملندو. مون کي به سمن آهل آهي شاهديءَ لاءِ."

اهو سارو وقت مڊيلين هن سان ڳالهايو به ويٺي، ۽ نالي جي لاءِ ڪي لکيائين ۽ پڙهيائين به ويٺي. جڏهن هن بس ڪئي، تڏهن هن ڏي منهن ڪري چيائين ته "چڱو، جاورٽ، انهن ڳالهين سان منهنجو ڪم ڪونهي، منهنجو وقت اجايو ٿو وڃي ۽ ڪم گهڻو ڪرڻو اٿم. ڪڏهن توکي اوڏي شاهديءَ لاءِ وڃڻو ٿيندو؟" هن چيو ته "سائين، سيٺي مقدمو شروع ٿيندو، ۽ شايد هڪڙي ڏينهن ۾ فيصلو ٿيندو. پر آءٌ ترسندس ڪين، رات واريءَ گاڏي ۾ ويندس، ۽ شاهدي ڏئي سيٺي شام جو موٽي ايندس."

مڊيلين جاورٽ کي موڪل ڏني. هو اٿيو، پر وري به ترسي چوڻ لڳو ته "سائين، منهنجو عرض جيڪو هو سو قبول ڪريو، يعني مون کي نوڪريءَ سان ڪڍي ڇڏيو." مڊيلين چيو ته "جاورٽ، تون سچو، ايماندار ۽ چالاڪ سرڪاري نوڪر آهين، آءٌ توکي گهڻو پسند ڪريان ٿو. تون پنهنجي ٿوري قصور کي وڏو ٿو سمجهين،

توڻ لوڪري لہ چڏہ. تو جهڙا ايماندار لوڪر پلي سرڪار ۾ هجن." ائين چئي هن ڪي هٿ ڏنائين ۽ هو هليو ويو، ۽ چوندو ويو تہ "چڱو، جيسين ڪو ٻيو منهنجي جاءِ تي مقرر ٿيندو، تيسين آءٌ پنهنجي نوڪريءَ جا فرض پورا ڪندو رهندس، ۽ جاسوس ٿيو پيو گذاريندس."

باب پنجون

انهيءَ ڏينهن شام جو مڊيلين فنٽائن کي اسپتال ۾ ڏسڻ ويو. وڃڻ سان هن ڪاسيٽ جي اچڻ جو اڇيس. مڊيلين دلاسو ڏيئي چيس ته "تمام جلد ايندي." هميشه ڪان زياده اتي ترسي، ماڻهن کي هن جي سنڀال جو تاڪيد ۽ ڊاڪٽرن کي هن جي ڀارت ڪري هليو ويو، ڇاڪاڻ جو انهن کان معلوم ٿيس ته فنٽائن درجي بدرجي اڙهندي ۽ ضعيف ٿيندي ٿي وڃي. ٻوءِ آفيس ۾ اچي ڪلارڪ جي روبرو نقشو ڏسي ۽ ڪاغذ جي ٽڪر تي پينسل سان ڪي انگ لکي، پاڙي جي گهوڙن واري وٽ ويو. طنبيلي ۾ گهمي هڪڙو مضبوط ۽ تڪو گهوڙو، ۽ هڪڙي هلڪي گاڏي چونڊي ڪڍيائين. پئسا گهٽا ڏيٽا ٿيس جو ڏينهن ۾ گهٽيون منزلون طي ڪرڻيون هيس. ٻن ڏينهن جو پاڙو اڪوات ڏئي، گهوڙي گاڏيءَ جي مالڪ کي حڪم ڏنائين ته "سيٺاڻي صبح جو سويرا چئين بجي مهل منهنجي در تي اچي حاضر رهه."

پڙهندڙن کي خبر آهي ته اهو ميئر مڊيلين ٻيو ڪو معتبر ماڻهو ناهي، پر جين وليجان آهي. ياد هوندن ته هن فقير چوڪر جي پائلي رستي تي زبردستيءَ سان ڦري هئي، تنهن کان پوءِ هن جي

دل جي حالت سڌرڻ لڳي ۽ نهايت بهتر ماڻهو ٿي پيو. پادريءَ جي وعظ ۽ نصيحت هن ۾ ڪو اهڙو اثر ڪيو، جو ڪيميا جي اثر وانگي هو ٿامي مان بدلجي سون ٿي اهو، ۽ هو آتان لڪچوري نڪري ويو ۽ پادريءَ وارا چانديءَ جا ٿانو وڪٽي پئسا ڪيائين ۽ باقي سندس ٻه چانديءَ جون شمعن واريون بتيون نشاني ڪري پاڻ وٽ رکيائين. پوءِ فرانس مان لنگهي ايمسرايم ۾ اچي رهڻ لڳو ۽ ڪچ جي سامان جو واپار شروع ڪيائين، جيئن اوهان مٿي پڙهيو آهي. اتي جيڪي چڱا ڪم ڪيائين، سي سڀ اوهان کي معلوم آهن، پر انهيءَ هوندي به هو زماني جي گردش ۽ قسمت جي بازيءَ کان پئي ڊنو. سندس دل جو لاڙو هميشه سچائي، نيڪ نيتيءَ ۽ خيرخواهيءَ جو هليو آيو. انسپيڪٽر جاورٽ کان جو چمڻو جو قصو ٻڌو هئائين، سو سندس دل تي بار ڪري پيو هو. ڄانيائين ته هو جو ناحق جين وليجان جي ويساهه تي ڦاسي ٿو، تنهن کي ڇڏايان ۽ انهيءَ جي جاءِ تي آءٌ هجان جو سچو ڀچو جين وليجان آهيان. اهو پهه پچائي، فنڌائن جي ڏسڻ کان پوءِ، سواريءَ جو بندوبست ڪري رات گهر گذاريائين ۽ انهن ڳالهين تي پئي ويچار ڪيائين. اها ته پڪ هيس ته جيڪڏهن هو پيو ماڻهو جين وليجان بدران جنم قيد جي سزا سان وڃي قابو ٿيندو، ته پوءِ آءٌ عمر لاءِ آزاد ٿيس، ۽ مون کي ڪو ڊپ نه رهندو، پر مون کي

اندر جا چڪ سدائين پيا لڳندا، تنهن کان سچائي ۽ انصاف انهيءَ ۾ آهي ته آءٌ پاڻ ظاهر ٿي سزايابَ ٿيان، ۽ هڪڙي بيگناهه ماڻهوءَ کي ڇڏايان. خدا وٽ قبول تڏهن ٿيندس، ۽ آخرت جو ثواب تڏهن حاصل ٿيندم.

اهو ويچار ڪري، پنهنجن ڪتابن تي صحيحون ڪمائين. جيڪي دعوائون يا جيڪا اوڏر ڪن ٿين واپارين ڏي هيس، انهن سڀني جا ڪاغذ ٻاهه ۾ ساڙي ڇڏيائين. فقط هڪڙي پاڪيٽ بڪ ۾ ڪچ جيترا وڏا نوٽ وجهي ڪيسي ۾ وڌائين، ۽ پئرس شهر جي جنهن بئنڪ ۾ سندس پئسا رکيل هئا، انهيءَ ڏي به هڪڙو خط لکيائين. پوءِ وري اهو خيال آيس ته جي آءٌ ظاهر ٿيس ۽ جهلجي پيس، تہ هن ويچاريءَ فتائن جو ڪهڙو حال ٿيندو ۽ سندس ڏيءَ جا هٿي رهي ٿي انهيءَ جو بندوبست ڪرڻ به مون تي فرض آهي، جو هن کي منهنجي معرفت ايذاءَ رسيو آهي. هيءَ ويچاري ته هوءَ جلد مرڻ واري آهي، جيئن ڊاڪٽر چون ٿا. ڇوري ڏيءَ جو ضرور کو بلو ٿيڻ گهرجي. مون کان سواءِ هن جو کوبه وارث يا سنڀاليندڙ دنيا ۾ کوبه رهندو. تنهن کان بهتر آهي ته آءٌ ميئر ۽ ڊيبلين رهندو اچان، ۽ جين وليجان نہ ٿيان. پر وري به اندر جا چڪ لڳس ۽ هين جهان کان هن جهان جي يادگيري زياده ٿيس، ۽ پادريءَ جي نصيحت ياد پيس. نيٺ پڪو ٺهراءَ ڪيائين ته نيڪي، سچائي ۽ انصاف وارو رهان، پوءِ ڀل ڪهڙو به نقصان پهچي

تہ حرکت ڪانهي. اهي خيال پچائيندي پچائيندي آسُر اچي ٿيو، ۽ گهوڙي گاڏيءَ وارو انجام موجب گاڏي وٺي اچي ٻاهر بيٺو.

مڊيلين هڪدم سوار ٿي نڪتو ۽ گاڏي اهڙي تکي هڪليائين، جو خود گاڏيءَ وارو حيران ٿي ويو. هڪ-ٻن منزلن تي گهوڙي کي ساهي ڏئي، گاهه جا چڪ هٽائي، پاڻي پياري، وري اڳتي هليو، پاڻ لٿو ڪين، گاڏيءَ تي ئي ويٺو رهيو. هڪڙي هنڌ تہ گاڏيءَ جي ڦيٿي کي ٻہ ضرب آئي. پڇا ڪيائين تہ ڪوٽ ۾ نڪا ٻي گاڏي هٿ آئي، ۽ نڪو وايو هو. دل ۾ چيائين تہ شايد خدا جي اها مرضي آهي تہ ائين نہ ٿئي، نہ تہ آءٌ گهٽوئي اندر جي قاضيءَ جي حڪم پڻيان ٿو هلان. هاڻي جيئن قسمت ۾ هوندو تيئن ٿيندو. هڪڙيءَ ڪري خوش ٿيو ۽ ٻيءَ ڪري ڏک ٿيس، هڪڙي اڪ ڪيليس ٿي ۽ ٻي رنڊس ٿي. پر اتفاق سان هڪڙي ماڻهوءَ ڏس ڏنو تہ هڪڙي هلڪي گاڏي وٺس آهي، ۽ هو اها وٺي آيو. مڊيلين چاتو تہ خدا جي مرضي حق ۽ انصاف پوري ٿيڻ تي آهي، تنهنڪري ڀڳل گاڏي آني چڙهائين تہ مرمت ٿئي تہ موٽندي ڪم اچي ۽ پاڻ گهوڙو هڻن ٻي گاڏيءَ ۾ وجهي اڳتي هليو. اگرچ گهوڙو بلڪل ٿڪل هو ۽ پنڌ اڃا گهڻو ٻيو هو، ۽ رات جو ضرور "اراس" ۾ رسڻو هو. وچيئن جي مهل اچي ٿي هئي، اڳيرو هليو تہ وري ٻہ گاڏيءَ جي هڪڙي ڪالي

پڇي پيئي. رستي ۾ نڪو ڪوٽ نڪو ماڻهو. لاچار لهي وڻ سان ٽاري پڇي، ڪپ سان گهڙي، ٻي ڪاڻي انهيءَ سان ٻڌي وري اڳتي هليو. گاڏيءَ واري توڙي واڻهڙن، گاڏيءَ ۽ گهوڙي جو حال ڏسي ساهي ڪٽڻ لاءِ صلاح پئي ڏني، پر هو نٿي رهيو، جو چيائين ٿي انين بجي ڌاري ضرور مون کي اراس ۾ پهچڻو آهي، ڇا لاءِ جو سُجهيس ٿي ته انهن ڏينهن ۾ سيشن ڪورٽ رات جو هلندي هئي، ۽ نائين بجي مقدما شروع ٿيندا هئا. پهرين اهو صوفن جي چوريءَ وارو ڪيس هلندو، مقدمو هلڪو آهي، فقط چار شاهد جوابدار کي سڃاڻندا ۽ جهٽ ۾ فيصلو ٿي ويندو. آءٌ جيڪڏهن هڪڙو ڪلاڪ ديرسان پهتس، ته منهنجو پنڌ اجايو ٿيندو ۽ جيڪو ظلم ٿيڻو هوندو سو ٿي ويندو.

مڊيلين جي وڃڻ کان پوءِ فنتائن زياده بيمار ۽ بي آرام ٿيندي ويئي، ۽ ذري ذري پئي پنهنجي ڌيءَ جو پڇيائين. معلوم ٿيس ته مڊيلين انهيءَ ڪي آڻڻ جي لاءِ ويو آهي. سُجهيس ٿي ته پنڌ پري آهي، سندس وڃڻ ۽ موٽي اچڻ ۾ دير ٿيندي، ۽ منهنجو وقت ويجهو پوندو وڃي. جهڙي پاڻ تهڙا ٻيا سڀ هن جي موٽڻ لاءِ منتظر ٿي ويٺا. فنتائن پهرين ميئر جي حق ۾ دعائون ڪرڻ لڳي، جو ڇاتائين ته هن فقط سندس خاطر ايتري تڪليف پاڻ تي هموار ڪئي. پوءِ دنيا جون ڳالهيون وساري خدا جون ۽ هن جهان

جون ڳالهيون ڳالهائڻ لڳي. جيڪي ڊاڪٽر ۽ ڊاڪٽرياڻيون سندس خدمت ۾ هيس، تن چيس ته "گهڻو ڳالهاءِ نه، ماٺ ڪري سمهي رهه، ته آرام اچئي".

هوڏي شام جا يا رات جا آٺ لڳا ته ميڊيلين وڃي اراس ۾ پهتو. وڃي پڇا ڪيائين ته ڪا گاڏي موڙي وڃڻ واري آهي. معلوم ٿيس ته رات جو هڪ بجي وڃڻي آهي، جنهن ۾ انهيءَ پاسي وارا مسافر چڙهي وڃڻا آهن. هڪڙيءَ جاءِ جو ڀاڙو اڳئي ڏيئي جاءِ هٿ ڪري ڇڏ يائين، ٻوءِ پڇائيندو سيشن ڪورٽ تائين ويو. ڪورٽ ۾ شروع ٿي وئي هئي، گهڻا ماڻهو ويٺا هئا ۽ اندر وڃڻ جي جاءِ ئي نه هئي. صوفن جي چوريءَ وارو مقدمو پيش هو. ڪي شاهد هليا هئا. تهمتي چمڙو بيٺو هو. ميڊيلين اندر وڃڻ جي گهڻي ڪوشش ڪئي، پر جاءِ نٿي مليس. لاچار ٿي پاڪيٽ بڪ مان هڪڙو ورق ڦاڙي، انهيءَ تي ڪي لڪي در تي بيٺل پٽيوالي کي ڏنائين. ڪاغذ تي پنهنجو نالو پينسل سان هيٺن لکيائين: "ميڊيلين، ايمسرايم جو ميئر". پٽيوالي کي چيائين ته "وڏي جج صاحب کي وڃي ڏي". هن ائين ڪيو. ميڊيلين جو نالو مشهور ٿي ويو هو، سڀڪنهن سندس تعريف ڀڏي هئي- جڏهن جج اهو نالو ڏٺو ۽ پٽيوالي کان معلوم ٿيس ته اهو صاحب مقدمو ٻڌڻ ٿو گهري، تڏهن حڪم ڪيائين ته هڪڙي ڪرسي سندس ڪرسيءَ جي پاسي ۾ آڻي وجهن، ۽ اتي آڻي ويهاريس. جهٽ

۾ ائين ٿيو، ۽ مڊيلين وڃي ڪورٽ ۾ داخل ٿيو ۽ آبروءَ سان جاءِ ولي ويهي رهيو.

مڊيلين تهمتي ڏي ڏيان ڏيئي نهاريو. دل ۾ فڪر ٿيس ته جهڙو حال انهيءَ ماڻهوءَ جو آهي منهنجو به اهڙو ٿيندو ڪيئن؟ اهو ماڻهو ست ورهين عمر جو ٿي ڏٺو ۽ شوخ ۽ بدمعاش معلوم ٿي ٿيو. هيڏي هوڏي نظر ڪيائين، جاورٽ ڏسڻ ۾ ڪونه آيس، جو شاهدن جي بيهڻ جي جاءِ پاسي تي هئي. سرڪاري وڪيل ڏسي سڃانس جو هن جي ڪورٽ ۾ به آيل هو، ۽ پري کان ڪنڌ جهڪائي سلام ڪيائينس، جيئن سندس اچڻ وقت خود ججن ڪيو هو.

انهيءَ وقت بچاءَ جي وڪيل پنهنجي تقرير بيٺي ڪئي ۽ حجتن دليل ڏئي ڏيکاريائين ته "منهنجي اصيل تي ڏوهه بلڪل ثابت ناهي، جو اهڙو ڪوبه اکين ڏٺو شاهد ڪونهي، جنهن هن کي صوف چورائيندو يا پٽ ٽپندو ڏٺو هجي. رڳو هڪڙي شاهد چيو آهي ته هن هلندي ٽاري پٽ تان ڪنئي، باقي سندس برخلاف ڳالهه آهي اڪب بدمعاشيءَ جي، ۽ ٽولون جي وڏي جيل ۾ قيدي ٿي رهڻ جي. چار چٽا چون ٿا ته هي جين وليجان آهي. منهنجو اصيل انڪار ڪري ٿو، پر جي ڪٿي قبول ڪجي ته هو جين وليجان آهي يا اڪب بدمعاش آهي، ته به صوفن جي هن چوريءَ سان هن جو ڪهڙو واسطو؟ انهيءَ جي ثابتي هئڻ ضروري آهي، جا ڪانه آهي. سچ آهي ته جي هو

ڪٿي قبول ڪري ته برابر جين وليجان آهي ته سندس لاءِ بهتر بچاءُ ٿئي، جو جج ضرور جيڪر ساڻس مروت ڪن. مون به هن کي گهڻو سمجهايو آهي ته ڪٿي قبول ڪري، پر هو خاطريءَ سان چوي ٿو ته آءٌ جين ڪين آهيان. انهيءَ طرح بچاءُ جي وڪيل ججن کي عرض ڪيو ته سندس اصول کي چڏي ڏين نه ته به هاڪي رواجي سزا ڏين، نه جين وليجان چاٽي يا اڪ بدمعاش شمار ڪري.

انهيءَ جي جواب ۾ وري سرڪاري وڪيل پنهنجا دليل ڏنا، ۽ ڏيکاريائين ته هو برابر جين وليجان آهي، ۽ مفصل بيان ڏئي ٻڌايائين ته هو ڪهڙو نه خوفناڪ ماڻهو آهي ۽ آزاد رهڻ نه گهرجي. جيڪي ڏوهه چٽڻ کان پوءِ ڪيا هئائين، تن جو ذڪر ڪيائين. ٻيو چيائين ته هن جي انڪار کي چا ڪبو، چار شاهد جي سندس سنگتي آهن سي سچائنس ٿا، تنهنڪري اهڙي خوفناڪ ماڻهوءَ کي سخت سزا ملڻ گهي.

ويچاري جوابدار واڙو ٿي پئي هيڏي هوڏي نهاريو. جڏهن تقريرون پوريون ٿي رهيون، تڏهن ججن پاڻ ۾ آهستي ڳالهايو ۽ پوءِ وڏي جج جوابدار کي چيو ته "توتي ثابتيءَ جو بار تمام گهڻو آهي، هاڻ توکان وري به پوين دفعو پڇجي ٿو ۽ تنهنجي آخرين جواب تي اسين ويچار ڪري فيصلو ڏينداسين. ٻڌاءُ ته تون پت ٽپئين ۽ ٽاري پڇي صوف چورايئ يا نه،

۽ تون آزاد ٿيل قيدي جين وليجان آهين يا نہ؟"
جوابدار چيو تہ "سائين، مون چوري ڪانہ ڪئي آهي.
واٽ هلندي صوفن جي ٽاري پيل ڏٺم ۽ کنيم.
انهيءَ مهل مون کي اهو شڪ ڪونہ پيو تہ مون سان
هوڙي جٽ ٿيندي. ٿي مهينا برابر آءٌ جيل ۾ ڪچو
قيدي ٿي رهيو آهيان ۽ تڪليفون پئي سڻيون اٿم،
پر آءٌ جين وليجان ڪين آهيان ۽ نہ انهيءَ کي سچائان
ٿو. منهنجو پيءُ ماءُ جو ڏنل نالو جمڻيو آهي."

تنهن تي وڏي جج چيو تہ "هاڻ جيڪي چار
شاهد هن کي سچائن ٿا سي وري سڏجن. انسپيڪٽر
جاورٽ اڳي ئي شاهدي ڏئي ويو آهي ۽ ضروري
سرڪاري نوڪريءَ تي ويل آهي. هن چيو آهي
تہ "آءٌ سچائان ٿو تہ هي شخص برابر جين وليجان آهي".
باقي ٽن شاهدن کي سڏجي." پوءِ اهي شاهد آيا ۽
شاهدي ڏنائون تہ "اسين برابر هن کي سچ ٿون ٿا
تہ هي جين وليجان آهي، ۽ اسان سان گڏ ورهين جا
ورهيہ رهيو آهي." تهمتيءَ سيني جي شاهدي ٻڌي
چيو تہ "هي سڀ ڪوڙا ۽ بيايمان آهن."

اتي ججن جي پٺيان هڪڙو آواز ٻڌڻ ۾ آيو،
جنهن چيو تہ "اي ڪوڙا شاهدؤ، هيڏي نهاريوا"
اهو آواز هو مڊيلين ميئر جو، جو پنهنجي ڪرسيءَ
تان اٿي، ججن جي ٽلهي تان لهي، اڳيان اچي بيٺو.
سيني ڏسي سچاتو تہ ايمسرايم جو مشهور ميئر مڊيلين
آهي. سيني جون اکيون انهيءَ ۾ هيون، جهڙيون

ججن جون، تهڙيون سرڪاري وڪيل جون، تهڙيون ٻين جون. اتي وڃ تي ٻيهي مڊيلين هنن ٽن ڇڻن کي چيو تہ "اوهين مون کي نٿا سڃاڻو؟" هنن ٽنهي حيرانيءَ ۽ ڪنڌ لوڏي انڪار ڪيو. تڏهن مڊيلين، ججن ۽ جيوري ڏي منهن ڪري چيو تہ "صاحبو، هن ويچاري قيديءَ کي ڇڏي ڏيو، ۽ مون کي انهيءَ جي بدران گرفتار ڪريو. جين وليجان آءٌ آهيان، هي ناهي. هيءَ ويچارو ناحق ڦاٿو آهي."

هيءَ ٻڌي ڪورٽ ۾ اهڙي ماٺ لڳي ويئي، جو جيڪر ڪڪ ڪري تہ ان جي ڪرڻ جو آواز ٻڌجي. ججن هڪٻئي ڏي پئي نهاريو ۽ سندن منهن مان همدردي ۽ ڏک معلوم پئي ٿيو. نيٺ وڏي جج چيو تہ "اسان سيني کي خبر آهي تہ هي صاحب ايمسرايم جو مشهور ۽ ناميارو ميئر آهي. گمان آهي تہ هن جو هوش برابر ناهي، تنهنڪري انصاف جي بهتريءَ لاءِ ڪو ڊاڪٽر گهرائي هن جي چڪاس وٺائجي." مڊيلين شڪرگذاري ڪري چيو تہ "آءٌ ديوانو ڪين آهيان، منهنجو هوش جاءِ آهي. اوهان صاحبن هڪڙي وڏي خطا ٿي ڪئي، وڏو گناهہ ٿي ڪيو، جو هڪڙي بي گناهہ ماڻهوءَ کي سخت سزا ٿي ڏنو. آءٌ پنهنجو فرض ادا ٿو ڪريان، ۽ سچي ڳالهہ ٿو ڪريان تہ آءٌ جين وليجان آهيان. ڪن سببن ڪري مون نالو بدلايو هو ۽ ايمانداريءَ جو پورهيو ڪري پاڻ کي بهتر ڪيم ۽ دولتمند ٿيس. ۽ آخر سرڪار

جي مهرباني‌ءَ سان ميئر ٿيس. آءٌ پنهنجي حياتيءَ جو مفصل بيان اوهان صاحبن کي ٻڌائي نٿو سگهان. هڪڙي ڏينهن آهو پاڻيهي ظاهر ٿيندو. سچ آهي ته مون پادريءَ جي گهر مان چوري ڪئي. اهو به سچ آهي ته سڙڪ تي مون هڪڙي فقير چوڪري کي ڦريو. اِها سڀ ڳالهه سچ آهي ته جين وليجان نامي گرامي چور، بدمعاش، اڳ سزا کاڌل قيدي ۽ خوفناڪ ماڻهو آهي، ليڪن هيتري اوهان کي پنهنجي آزمودي مان خاطري ٿو ڏيان ته ٽولون جي وڏي جيل ۾ وڃڻ کان اڳي آءٌ هڪڙو غريب ڀهراڙيءَ جو ماڻهو هوس ۽ چڱيءَ چال وارو هوس. وڏي جيل مون کي ٺيرائي بدمعاش ڪري ڇڏيو. پر پوءِ مون کي خدا هدايت ڪئي، ۽ انهيءَ ساڳئي پادريءَ جو وعظ ڪارگر ٿيو ۽ مون هميشه لاءِ توبهه ڪئي ۽ بهتر ماڻهو ٿي پيس. پيو مون کي وڏيڪ چوٽو ناهي، آءٌ حاضر آهيان. مون کي پاڻي گرفتار ڪريو ۽ قاعدي موجب جنهن سزا جو لائق هجان، اها مون کي ڏيو، ۽ هن ويچاري بي گناهه کي ڇڏي ڏيو. انسپيڪٽر جاورٽ هتي هجي ها ته منهنجي تصديق ڪري ها، ۽ اوهان کي منهنجي ڳالهه جي خاطري ٿئي ها."

تنهن کان پوءِ هنن ٽن ڪوڙن شاهدن کي پاڻ سڃارائي، پورا پتا ۽ نشان ڏئي، هنن کي سڃارايائين ته ڪوڙا آهن. سندن بٽ تي ڪپڙن جي اندر جيڪي داغ يا ٻيا نشان هئا سي ٻڌايائين، ۽ پوءِ ڪپڙا لهرائي

ثابت ڪري ڏيکاريائين تہ پاڻ هنن کي سڃاڻي ٿو، ۽ هو ڪوڙ ٿا ڳالهائين. هيءَ رنگ ڏسي سڀ ماڻهو حيران ٿي ويا. ڪچ وقت تائين مڊيلين ماڻ ڪري بيٺو هو. نڪي ڏرين جي وڪيلن سندس برخلاف ڪي چيو، ۽ نہ وري ججن هن جي گرفتاريءَ جو ڪو حڪم ٿي ڏنو. تڏهن چوڻ لڳو تہ "انهيءَ صورت ۾ آءٌ وڃان ٿو، جو مون کي ڪوبہ گرفتار نٿو ڪري. منهنجو نالو نشان ۽ رهڻ جو هنڌ سڀني کي معلوم ٿيو آهي، جڏهن منهنجو ڪپ ٿئي، تڏهن آءٌ حاضر آهيان." ائين چئي وڏي ڏيرج ۽ تحمل سان ڪورٽ مان نڪري، ٻاهر هليو ويو.

هن جي وئي کان پوءِ، جڏهن سيني جي حيراني لٿي، تڏهن ججن فتوا ڏني ۽ تهمتي چمڙيو کي ڇڏي ڏنو، جو آزاد ٿي هليو ويو، ۽ آهو بہ ٻين وانگي حيران هو ۽ ڄاتائين ٿي تہ سڀ ماڻهو ديوانا آهن، ۽ جيڪي ٿي گذريو تنهن جي پرولي هلڪل سمجهي نہ سگهيو.

باب چهون

آهو سارو ڏينهن جو مڊيلين پنهنجي گهر ۾ شهر کان غيرحاضر رهيو، سو فنٽائن ڏاڍو بي آرامي ۾ گذاريو. رات جو البت آرام آيس، اگرچه بي آرامي جهڙا خواب پئي ڏٺائين، ۽ ذري ذري پنهنجي ڏيءَ جو پئي پڇيائين. ڊاڪٽر ريٽي يا دائي ساري رات ونس هئي. پرهه ڦٽيءَ مهل اوچتو مڊيلين اندر گهڙي آيو، ۽ آهستي دائيءَ کان پڇيائين، جنهن سارو حال ڏنس. ٻڌايائينس ته ”فنٽائن جي ويساهه ۾ آهي ته اوهين سندس ڏيءَ کي وٺڻ ويا آهيو، سو جي هينئر جاڳي ۽ ڏيءَ کي نه ڏٺائين، ته الائي ڪهڙو حال ٿيندس!

سگهو ئي ڏينهن ٿيو. ڊاڪٽر ريٽيءَ جي جڏهن مڊيلين تي نظر پئي تڏهن رڙ نڪري ويس. چوڻ لڳي ته ”سائين، هي ڇا؟ اوهان جا سڀ وار اڇا ٿيا پيا آهن. هڪڙيءَ رات جي اندر اوهين اهڙا ٻڍا ڪيئن ٿيؤ؟“ ڊوڙي آرسي کڻي آئي ڏيکاريائينس. هن پاڻ به ڏٺو ته برابر ائين آهي. معلوم ٿيو ته اها رات هن ڏاڍي ڊپ ۽ انتظار ۾ گذاري آهي، تنهنڪري ائين ٿيو آهي. مگر اها ڳالهه وساري مڊيلين فنٽائن جي فڪر ۾ رهيو. پاڻ ۾ صلاح ڪيائون. ڊاڪٽر ريٽيءَ جي رٽ هئي ته جي مڊيلين اوڏي نه ويو آهي، ته هاڻ

وڃي وٺي اچي، جي ٻه يا ٽي ڏينهن زياده غير حاضر رهيو تہ ٻه حرڪت ڪانهي جو هوءَ انهيءَ اميد ۾ رهندي. نہ تہ هن کي ڏسي بلڪل نا اميد ٿيندي ۽ ڊپ آهي تہ مري نہ وڃي. مڊيلين گهٽي خيال ڪان پوءِ چيو تہ "نہ، آءٌ ضرور ڏسندوسانس. مون کي ٻيو ضروري ڪم آهي ۽ وقت تنگ آهي، متان وري جلد ڏسي نہ سگهانس.

اٿين چٽي لنگهي فنٽائن جي هنڌ وٽ ويو. هوءَ آرام سان ستي پئي هئي. اوچتو اک پٽيائين، مڊيلين کي ڪينڪاري ۽ سندس شڪر گذاري ڪري، ڏيءَ جو پڇيائينس تہ "ڪٿي آهي، وٺي اچوس تہ ڏسانس".

ڊاڪٽر ٻه انهيءَ وقت آيو. انهيءَ ڪوڙ ڪري چيس تہ "نون بهتر ٿي تہ پوءِ توکي ڏيکاريون، نہ تہ تنهنجي لاءِ چڱو ڪين آهي. ٻه هو بي آرام ٿيڻ ۽ بڪ ڪرڻ لڳي. گهٽيون ٿي ڳالهيون ڪري ڪري نيٺ ماڻ ڪيائين ۽ ساٿي ٿي هنڌ تي ليٽي پئي ۽ مڊيلين جي ٻانهن نهارڻ لڳي ۽ اوڏي اشارا ڏيڻ لڳي. مڊيلين جان ڪنڌ ورائي ڏسي، تہ انسپيڪٽر جاورٽ پٽيائنس بيٺو آهي.

حقيقت هيئن آهي تہ اڌ رات ڪان پوءِ مڊيلين اراس جي سيشن ڪورٽ مان نڪري هوٽل ۾ آيو، جتي گاڏي گهوڙي جو اڪيئي پاڙو ڏئي بندوبست ڪري ڇڏيو هئائين. هڪدم روانو ٿيو ۽ صبح جو ڇهين ٻجي ڌاري گهر آيو. هڪڙو خط لکي پنهنجي بٽنڪ واري

ڏي ٽپال ۾ وڃائين، ۽ پاڻ اسپتال ۾ فنٽائن کي ڏسڻ آيو، جنهن جو انتظار هوس. هوڏي، ڪورٽ مان هن جي نڪرڻ کان پوءِ سرڪاري وڪيل زور ڀريو ته جين وليجان جي هٿن يا نہ هٿن جي ڳالهہ جو هلندڙ مقدمي سان واسطو ڪونهي، ۽ جوابدار کي ضرور سزا ملڻ گهرجي. بچاءَ جي وڪيل انهيءَ جي برخلاف حجت آندي. آخر ڪجهہ وقت جي حجت کان پوءِ جيوريءَ جي راءِ موجب ججن فتوا ڏني، ۽ تهمتيءَ کي ڇڏي ڏنائون. انهيءَ هوندي به سرڪاري وڪيل زور ڀريو ته جيڪو به سچو پچو جين وليجان هجي، انهيءَ تي قاعدي جي ڪارروائي هلڻ گهرجي. نيٺ وڏي جج کي لاچار ٿيو ته ايمسرايم جي ميئر کي پڪڙائجي. وارنٽ جاري ڪري انسپيڪٽر جاورٽ جي نالي تعميل لاءِ موڪليو ويو. ان موجب جاورٽ وارنٽ هٿ ڪري، پليءَ وانگي ڇپ ماري، مڊيلين جي پٽيان اسپتال ۾ اچي نڪتو. چار- پنج سپاهي پيا به پاڻ سان آندا هئائين، پر انهن کي ٻاهر بيهاري آيو هو.

جاورٽ کي ڏسي مڊيلين ڊڄي ويو. پڪ ٿيس ته هو ڪيس پڪڙڻ آيو آهي. فنٽائن به جاورٽ کي سڃاتو، جو اڳي جهيڙي ۾ جهليو هئائينس ۽ سندس چنبي مان ميئر اچي ڇڏايو هوس. هاڻي ڄاتائين ته اهو وري به ڪيس پڪڙڻ آيو آهي. هڪڙو اڳيئي قريب المرگ هئي، ويتر هي تازو ڊپ، انهيءَ ڪري ڏاڍو سخت صدمو پهتس. دانهن ڪري چوڻ لڳي ته

”ميئر صاحب، مون کي بچائج. مڊيلين، جنهن کي اڳتي اسين جين وليجان سڏ ينداسين ـ تنهن هن کي دلاسا ڏنا ۽ ماڻ ڪرايائينس، ۽ جاورٽ ڏي منهن ڪري آهستي چيائين ته ”مون کي خبر آهي ته تون چو آيو آهين، پر هڪڙي پلائي ڪر. مون کي ٽي ڏينهن مهلت ڏي ته هن غريب زال جي ڏيءَ مانٽفرميل ماڻ وٺي اچان، پوءِ خوشيءَ سان گڏجي هلندس. انهيءَ لاءِ جيڪي پئسا تون چوندين، سي ڏيندس.“ تنهن تي جاورٽ شوخ ۽ بيحيا ٿيڻ لڳو، ۽ اختياري ڏيکاري بڪ ڪرڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو ته ”مون کي بيوقوف ڏئو اٿيئي، جنهن سان چرچا ٿو ڪرين، ۽ چوين ٿو ته هن زال جي چوڪري وٺي ايندس، ٽي ڏينهن مهلت ڏي!“

فنتائن کي اهي لفظ ٻڌي پڪ ٿي ته سندس ڏيءَ اڃا ڪانه آئي آهي، سا روئڻ ۽ بيحال ٿيڻ لڳي، ۽ جاورٽ جا ڏڙڪا ٻڌي ڊڄي ويئي، پر پوءِ همت جهلي اٿي، پانيائين ته جين وليجان وڃي، پر اوچتو هنڌ تي ڪيري پئي، ۽ مري ويئي. جين جاورٽ کي چيو ته ”تو هن ويچاريءَ کي ماري وڌو. اسان جو سڀ پورهيو ڪٽ ڪيئي.“ پر جاورٽ بيحيا ۽ سخت دل ٿي ٻيٽو. چوي ته ”منهنجو انهيءَ سان ڇا؟ تون سگهو ٿي مون سان هل، نه ته باهر منهنجا سپاهي بيٺا آهن، انهن کي ٿو سڏ يان.“

جين وليجان کي فنٽائن جي مرڻ جو نهايت گهڻو ڏک ٿيو. روٽهارڪو ٿي ويو. ماءُ وانگي هن کي وڃي هنڌ تي سنڀون ڪري سمهاري، اکيون بند ڪري، چمبون ڏئي، مٿانس ڪپڙو وجهي ڇڏ ڀائين. پوءِ جاورٽ کي چيائين تہ "هاڻ جيڏي وٽئي اوڏي مون کي وٽي هل. جاورٽ جين کي وٽي في الحال انهيءَ شهر جي جيل ۾ وڃي بند ڪيو. سگهو ئي شهر جي ماڻهن ۾ هل پئجي ويو تہ شهر جو ميئر جهليو آهي، جو اصل ۾ هڪ چٽل قيدي هو. ٻن ڪلاڪن جي اندر ماڻهن کي سندس سڀ پلايون وسري ويون، ۽ هن جون گلائون ڪرڻ لڳا. سڄي شهر مان فقط ٽي- چار ڇٽا ساٿس وفادار رهيا. سندس جهوني نوڪرياڻي انهن مان هڪڙي هئي، انهيءَ ويچاريءَ ٻڌيءَ جڏهن اها خبر ٻڌي، تہ سارو ڏينهن فڪر ۾ گذاريو. ڪارخانو اهو سارو ڏينهن بند رهيو. ٻ ڊاڪٽرياڻيون فنٽائن جي لاش تي ويٺيون رهيون جڏهن شام ٿي ۽ جين وليجان نہ موٽيو، تڏهن نوڪرياڻي در بند ڪري در جي ڪنجي در جي پاسي ۾ هميشه واري ڪليءَ تي لڙڪائي، پاڻ ڏک ۽ ارمان ۾ ويهي رهي. اوچتو ڏسي تہ در جي پڳل شيشي مان هڪڙي ٻانهن اندر اچي ڪنجي لاهي در پٽيو، ۽ جين وليجان اندر لنگهي آيو. نوڪرياڻي هن کي ڏسي حيران ٿي ويئي. هن ٻڌايس تہ "آءٌ جيل ۾ بند هوس، پر در جي هڪڙي لوهي شيخ پٽي، پنهنجي جاءِ ڪري نڪري آيو آهيان."

پوءِ پنهنجي جاءِ ۾ وڃي بتي ٻاري، ڪاغذ پَٽ يا ٻي جيڪا شئي مناسب سمجهائين، سا ساڙي ناس ڪري ڇڏ يائين. جيڪا پائلي فقير ڇوڪر ڪان ڦري هئائين، سا هڪڙي ڪاغذ ۾ ويڙهي رکيائين ۽ پادريءَ واريون ۾ چانديءَ جون بتيون به ويڙهي رکيائين. پوءِ هڪڙو ڪاغذ ڪڍي، تنهن تي ڪي ويهي لکيائين.

انهيءَ وچ ۾ نوڪرياڻي وڃي سندس اسپتال مان ڊاڪٽرياڻيءَ کي وٺي آئي؛ جا اچا تائين فنٽائن جي لاش تي ٻيءَ پنهنجي سنگنيءَ سان واهي ٽيو وينئي هئي. آهه آئي ته جين وليجان هن کي اهو لکيل ڪاغذ بند ڪري ڏنو، ۽ چيائين ته اهو ڪاغذ منهنجي ڪارخاني جي داروغي کي ڏجئين. مون لکيو اٿس ته جهڪي آءٌ هتي ڇڏيان ٿو تنهن مان منهنجي مقدمي تي به خرچ ڪري، ۽ هن ويچاريءَ زال جي ڪفن دفن جو خرچ به ڪري؛ ۽ ٻيو جيڪي بچي سو خيرات ڪري ڇڏي."

ائين ڪندي ٻاهر در تي ڏاڪڻ وٽ هل ٽيڻ لڳو، ۽ جاورٽ نوڪرياڻيءَ سان وڙهندو جين وليجان جي جاءِ ۾ گهڙي آيو. پر انهيءَ ڪان اڳئي جين ڪالهه سهي ڪئي ۽ ٿوڪو ڏئي بتي اجهائي، جاءِ ۾ هڪڙي ڳجهي ڪنڊ جا جاري وانگي هئي، تنهن ۾ لڪي بيهي رهيو. انسپيڪٽر جو آيو، تنهن جاءِ ۾ فقط ڊاڪٽرياڻي بيٺل ڏسي شرم ڪان موٽڻ لڳو. پڇيائينس ته "اهو ماڻهو اتي ڪونهي؟" هن چيو ته "نه!"

پڇيائينس تہ "ڪيڏي ويو؟" هن چيو تہ "خبر ناهي." تڏهن ڊاڪٽرياڻيءَ کان معافي گهري، هيٺ لٿو ۽ هليو ويو.

اڌ ڪلاڪ کن کان پوءِ جين وليجان هڪڙي ڪيڙي پاڻ سان ڪٽي بدليل ويس ۾ هڪڙي وڏي چُغي سان شهر کان نڪري رستو ڏئي پئرس ڏي روانو ٿيو، ۽ ٽن-ٽن ماڻهن ۾ اهڙي حال ۾ هڪڙو شخص انهيءَ رستي سان ويندو ڏٺو. پٽ تي ڪارخاني جي داروغي فٽائن جو لاش رواجي طرح دفن ڪرايو، ۽ ڪي پئسا خيرات ڪيائين ۽ ڪي پنهنجي ڪم ۾ لڳايائين.

باب ستون

هاڻي اسين ڙهندڙن کي ڪنهن ٻئي هنڌ وڃي هلون ٿا. واٽرلو جي جنگ جو مشهور ميدان آهي، جتي انگريزن ۽ فرينچن جي جنگ ٿي، بس ٿي آهي، ۽ جنهن ۾ انگريزن جي سپهه سالار ويلنگٽن فتح حاصل ڪئي آهي ۽ فرينچن هارايو آهي. رات جو وقت آهي. مزي جهڙي چانڊوڪي آهي. هزارين لاشا ۽ رت جا ڏڻا پيا آهن. هڪڙو ٻيڙو ماڻهو وڏي چٽغي ۾ آتي لاشن ۾ پيو گهمي. مئلن کي هٿ لائيندو ۽ انهن جي ڪيسن مان يا بت تان قيمتي ۽ ڪمائتيون شيون چونڊيندو، چنندو ڪيسن ۾ گڏ ڪندو ٿو وڃي چورن وانگي هيڏي هوڏي ۾ پيو ڏسي. ٿوري ڀڙ تي رستي وٽ هڪڙي بار جي گاڏي بيٺل آهي، جنهن ۾ پيتيون ۽ ڪنڊيون پيون آهن، ۽ انهن جي مٿان هڪڙي زال ويٺي آهي. انهيءَ ماڻهو جو انهي گاڏيءَ سان واسطو آهي، ۽ اها گاڏي بيهاري ٻاڻ هتي لهي آيو آهي.

اهو ماڻهو مئلن جي بدن تان سامان چورائڻ ۾ مشغول هو، ۽ رت جهاڳيندو، شيون گڏ ڪندو ٿي وتيو. اوچتو هڪڙي مئل ماڻهوءَ جي هٿ ۾ سوني ٺڳي چانڊوڪيءَ ۾ چمڪندي ڏسي، لاهڻ جي ڪيائين

تہ هٿ چڙيو پوءِ پانهن چري، ۽ آخر سچو ساٿهو چريو شايد اڃا مٺو ڪين هو، پر زخميل هو، منهن سچو رت سان ڀريو پيو هوس. فرينچ لشڪر جو ڪو آفيسر ٽي ڏٺو. پهرين تہ آهو چور ڊڄي ويو، پر پوءِ دل جهلي بيٺو. زخميل آفيسر پڇيس تہ "جنگ ڪنهن ڪئي؟" هن چيو تہ "انگريزن". پوءِ هن کي مدد ڪري اٺاري ويهاريائين، ۽ منهن تان رت اگهيائينس. پنهنجي واچ ۽ ڪيسي ۾ جو پئسن جو ٿڻون پيو هوس سو ڪڍي ڏنائينس. انهيءَ وقت پريان هڪڙي ٻهري وارو ايندو ڏسي چور ڀڄڻ جي ڪئي. آفيسر چيس تہ "تون ڪير آهين، ڪهڙي طرف جو آهين، ۽ چو ٽو ڀڄين؟" هن ورندي ڏني تہ "تو وانگي فرينچن جي طرف جو سپاهي آهيان، جيڪڏهن هينئر مون کي هتي ڪنهن ڏٺو تہ ڀري کان بندوق هڻي ماري وجهندو، تنهنڪري آءٌ وڃان ٿو." آفيسر چيو تہ "تنهنجو نالو ڇا آهي؟" هن چيو تہ "ٽينارڊيئر" آفيسر چيو تہ "آءٌ تنهنجو نالو ياد رکندس. منهنجو نالو 'پانٽمرسي' آهي. سو تون ياد رکجئين." پوءِ هو ڀڄي ويو.

هاڻ اسين وري پنهنجيءَ ڳالهہ تي ٿا اچون. جين وليجان پنهنجي گهران ٽي پيرس ۾ آيو، ۽ جنهن بئنڪ ۾ سندس پئسا رکيل هئا سي ڪڍايائين. اهڙا چهن-ستن هزارن فرينچ رپين جيتري رقم هئي، جا ڪٿي لڪائي ڇڏيائين. پوءِ مانٽفرميل ڏي ڪاسيٽ

جي وٽن لاءِ ٿي ويو، پر رستي ۾ پوليس پڪڙي وڌو ۽ وري رجوع ڪيو ويو. فقير ڇوڪري جي ڦر جي تهمت هيٺ هن تي مقدمو هليو. هن کي موت جي سزا ملي، پر مٿان بادشاهه هن کي موت جي معافي ڏني، ۽ انهيءَ جي بدران جنم قيد مليس ۽ موٽي ٽولون جي وڏي جيل ۾ موڪليو ويو. اهو احوال اخبارن مان ماڻهن کي معلوم ٿيو، جن ۾ ائين به لکيل هو ته جين وليجان پنهنجي لاءِ هڪڙي جوان زال رکي هئي، جنهن کي هو ڏيندو وٺندو هو، پر جنهن وقت هو گرفتار ٿيو، تنهن وقت هوءَ ڊپ ۽ ڏک کان مري وئي.

جين وليجان جي وڃڻ کان پوءِ سندس ڪارخانو بند ٿي ويو. سندس ڪري جيڪو پاڪ ايمسر ابم کي لڳو هو، سو پڻ اڏامي ويو. ڪارخاني مان جين وليجان نڪتو ته وري ٽن-چئن ڏينهن کان پوءِ پڪڙيو ويو. انهيءَ وچ واري عرصي ۾ ماڻهن مانٽفرسيل جي نزديڪيءَ ۾، هڪڙي گهاٽي پيلي ۾، هڪڙو شڪي ماڻهو ڏٺو هو، جو هڪڙي صندوق مٿي تي کنيو ٿي ويو، ۽ پوءِ ٿوري وقت بعد وري ڪوڏر ۽ هڪڙو چنجور کنيو ٿي ويو. تمام زبردست ماڻهو هو، تنهن کي هڪڙو ماڻهو اڪيلو ويجهو وڃي نه ٿي سگهيو. پوءِ هو گم ٿي ويو. ڪن ڊڄڻن ماڻهن ائين ٿي سمجهيو ته شيطان آهي يا ڪو جن آهي،

پر ٽينارڊ ٿي يا انهيءَ جهڙا ٻيا لالچي ماڻهو چاڻندا هئا ته ڪنهن چور يا بدمعاش کي خزانو چورايو آهي، سو انهيءَ ٻيلي ۾ ڪٿي ڪڏ کوٽي لڪائي ويو آهي. انهيءَ خزاني کولڻ لاءِ هنن پنهنجي منهن گهٽيئي مٿا هنيان ۽ ڪڏون کوٽيون، پر ڪي به ڪين لڌائون.

ڪن مهينن کان پوءِ، ٽولون جي بندر تي هڪڙو وڏو جنگي جهاز طوفان سٽي آندو. ضربن رسڻ ڪري انهيءَ جي مرمت ٿيٽي هئي. هزارين ماڻهو هر روز صبح کان شام تائين انهيءَ کي ڏسڻ ويندا هئا. هڪڙي ڏينهن انهيءَ جي مرمت ڪندي، ڪي خلاصي مٿي ڪلهين تي چڙهي ويا. انهن مان هڪڙو چوٽيءَ تان اتفاق سان ڪيري پيو، پر ڪيرندي هڪڙي رسيءَ ۾ هٿ اٽڪي ويس ۽ انهيءَ کي جهلي بيهي رهيو. اهڙو مٿي ۽ اهڙي خوفناڪ هنڌ هو، جتي ڪوبه خلاصي وڃي نٿي سگهيو. جيسين کو ماڻهو همت جهلي مٿي وڃي، تيسين امڪان هو ته هو ٿڪجي ساڻو ٿي ڪيري پوي ۽ پرزا پرزا ٿي وڃي. اهو هنڌ ايترو مٿي هو، جو اٽڪيل ماڻهو هيٺان نهارڻ سان سيرڻ وانگر ننڍڙو پئي ڏٺو. ماڻهو اچي گڏ ٿيا، ۽ سڀ وات پٽي حيرانيءَ ۾ بيهي ڏسڻ لڳا. آخر وڏي جيل جي قيدين مان هڪڙي ٻڌي قيديءَ چيو ته سون کي موڪل ملي ته آءٌ رسين تي چڙهي وڃان. جيل جي آفيسرن هن کي موڪل ڏني. هو هڪدم نوريئڙي

وانگر مٿي چڙهي ويو. سيني کي ڊپ هو تہ اجهو اهو پاڻ ٿو ڪيري، پر آخر هي وڃي انهيءَ کي پهتو، ۽ پهرين انهيءَ کي هيٺان ٽيڪ ڏيئي، ساءي ڪٽائي، پوءِ مدد ڪري لاهي هيٺيرو آندائينس. واه واه ٿي ويئي، تاڙيون وڄي ويون ۽ سڀ ماڻهو انهيءَ ٻڍي قيديءَ جو انصاف مڃڻ لڳا. هو خلاصي تہ پوءِ صحيح سلامت لهي هيٺ آيو، پر قيدي هيٺ لهندي اوچتو مٿان ٿي ڪڙڪيو، سو هيٺ سمنڊ ۾ ڪيري پيو. سڀ ماڻهو افسوس ڪرڻ لڳا. بتيلا ڪيڏ لاءِ ڊوڙيا، هيڏي هوڏي مٿا هنيائون، پر هٿ نہ آيو. سيني سمجهيو تہ شايد هيٺ ڪٿي اٽڪي پيو ۽ وري مٿي نہ آيو. ٻئي ڏينهن سرڪاري رپورٽ ظاهر ٿي ۽ اخبارن ۾ ٻہ ٻيو تہ "هڪڙو ٻڍو، جنم قيد وارو قيدي، خلاصيءَ کي مٿان لاهڻ جو انصاف جهڙو ڪم ڪري، پوءِ هيٺ لهندي اتفاق سان ڪيري پيو ۽ سمنڊ ۾ ٻڏي ويو. انهيءَ قيديءَ جو نالو جين وليجان هو."

مانٽفرميل جو ننڍڙو شهر جبل جي سلاميءَ تي هو. آتي پاڻي پيئڻ لاءِ کوهہ کوٽہ هو، انکري ڀري پنڊ کان پاڻي ايندو هو. پئسي وارا ماڻهو انهيءَ ڪم لاءِ پخالي رکندا هئا، مگر جڏهن صبح جو سويرہ ۽ شام جو پاڻيءَ جي سخت ضرورت ٿيندي هئي تہ اهي ماڻهو پاڻ ٻہ پاڻي ڀري ايندا هئا. هن ڪوٽ ۾ اسان کي خبر آهي تہ ٽينارڊيئر جي هوٽل هئي، ۽

ڪاسيٽ چوڪري، فنڪائن جي ڏيءَ هنن وٽ هوندي هئي. اها چوڪري هينئر وڏيرڙي ٿي هئي. جڏهن الن ورهين جي ٿي تہ انهن ڪان هو پاڻ ۽ سندس زال سخت ڪم وٺندا هئا. پئي رواجي گهر جي ڪم ڪار ڪان سوا، ايتري پنڌ تان پاڻي بہ پرائيندا هئا. ويچاري تهہ سياري ۾ جڏهن برف پئي پوندي هئي. تڏهن پاڻي پرڻ ويندي هئي. ماڻس ڪان خرچ نہ اچڻ ڪان پوءِ، هن جو بچڙو حال ٿي ويو هو، ۽ ڦاٽل ڦٽل ڪپڙا پيا هوندا هئس ۽ بک پئي مرندي هئي ۽ ڏهاڙي موچڙا پيئي ڪائيندي هئي.

هڪڙي پيري دير سان ڪو مسافر آيو، جنهن جي گهوڙي کي پاڻي گهرجي هو. ٽينارڊيئر جي زال ڪاسيٽ کي ڏول ڏنو تہ وڃي کوهہ تان پري اچ. آڏيو ڏنائينس تہ موٽندي کي روٽيون ۽ پيون کي ڪاڏي جون شيون بہ وٺيون اچج. چوڪري اونداهيءَ رات ۾ ڊڄندي نڪتي. آها رات ناتال جي هئي، ۽ هٿن تي ڏيا ٻاريا هئائون، سي ڏسندي پئي ويئي. ڪوٽ مان نڪري جهنگ منجهان وڃڻو ٿيس. سيءَ ۾ ڏڪندي وئي، ۽ نيٺ وڃي کوهہ کي پهتي. ڏول پريندي آڏيو جو ڪيسي ۾ هئس سو کوهہ ۾ ڪيري ڀيس، ۽ انهيءَ جو سماءُ ئي ڪونہ پيس. پاڻي پري وري بہ ڊڄندي جهنگ ۽ اونداهيءَ ۽ سيءَ ۾ هلي آئي. پيو وري اهو ڊپ هوس تہ دير ٿي آهي، تنهنڪري ضرور مار ڪائيندس، تنهن ۾ هيڪاري

اڏ مٿي ٿي پئي وئي، ۽ روئندي خدا کي ياد ڪندي هلي آئي ته اوچتو اونداهيءَ ۾ ڏسي ته ڏول هلڪو ٿيڻ لڳو. سگهوئي معلوم ٿيس ته هڪڙو ڳرو هٿ انهيءَ ۾ ڀيل هو، جو ڪنيو پئي آيس. منهن ورائي چتائي ڏسي ته هڪڙو ڊگهو ماڻهو آهي، جو پٺيان ٻيو اچي ۽ ڪيس ڏول ڪڍائڻ ۾ مدد ٿو ڪري. ٻهرين چرڪ ڀريائين، پر پوءِ همت آيس جو چاتائين ته هي ڪو رحمدل ماڻهو آهي، جنهن کي مٿس قياس ٻيو آهي، يا خدا کو ملائڪ سندس مدد لاءِ موڪليو، جنهن کي ياد ڪندي پئي آئي.

باب اٺون

اهو شخص انهيءَ ڏينهن سچ لڳي ڪان ٽورو اڳي پڙس مان نڪتو هو. ڪچ پنڌ تائين پاڙي جي گاڏيءَ ۾ چڙهي آيو، پوءِ لهي پنڌ ڪرڻ لڳو ۽ مانٽفرميل واري سڙڪ ورتائين. اڪثر پاڻ لڪائيندو هليو آيو. اونداهي اڪثي گهٽي هئي. عمر جو ست ورهين جو هو، ليڪن همت وارو ۽ مضبوط ٿي ڏٺو. جنهن ڪوهه مان ڪاسيٽ پاڻي پيرڻ آئي هئي، آتي ترسي، پاڻي پيي تازو ٿي ويٺو هو ته هوءَ پاڻي پيرڻ آئي. پوءِ سندس پٺيان لڳو. هن جي پنهنجي منهن ڳالهائڻ ۽ ڏکن جي دانهن ڪرڻ ۽ خدا کي ٻاڏائڻ مان معلوم ڪيائين ته ڪا ويچاري ڏکن پري ڇوڪري آهي، تنهنڪري پهرين پٺيان لڳس ۽ پوءِ اچي ڏول ڪٽڻ ۾ مدد ڪيائينس.

واٽ هلندي آهستي هن ڪان حال احوال وٺڻ لڳو، معلوم ٿيس ته ڳوٺ انان پاڻ ڪلاڪ جيترو پنڌ آهي. هن پنهنجو سارو ڏکن جو حال ٻڌايس ۽ جڏهن پنهنجو ٺالو ڪاسيٽ ورتائين، تڏهن هن شخص ڇرڪ پري ڇتائي ڏٺس. پوءِ ڏول ڪٽائي، هن سان ڳالهيون ڪندو جڏهن هوٽل کي ويجها آيا، تڏهن ڇوڪري ڏول وٺي پاڻ ڪنهو ته متان سندس ڏياڻي ڪاوڙ ڪريس.

سکهوئي هو اچي هوٽل جي در تي بيٺا. ڪاسيٽ در کڙڪايو، ٽينارڊيئر جي زال در اچي پٽيو. دير ڪرڻ

جي لاءِ چوڪريءَ کي ٻ-ٽي گاريون ڏنائين، ۽ مار جو ڏڙڪو ڏنائين. پر جڏهن هن ٻڌايس تہ ڪو مسافر هتي رات گذارڻ آيو آهي، تڏهن وات بند ڪيائين ۽ انهيءَ مسافر ڏي اکيون ڪنيائين. پوءِ هنن کي اندر سڏيائين. مڙس کي خبر ڏنائين. هنن کي هن جي بيلي ڪوٽ، ميرن ۽ ڦاڻن ڪپڙن مان غريبيءَ جي ٻاس آئي. پهرين تہ چيائونس تہ اسين غريبن کي ڪين ٽڪائيندا آهيون، پر جڏهن هن چيو تہ رات آهي آءٌ ٽڪل آهيان، جيڪي گهرندؤ سو ڏيندس، تڏهن ٻيٽا ٻئسا گهرڻ لڳا. هُن اُهي ڏيڻ قبول ڪيا، پنهنجي ڪنڊيڙي لاهي رکيائين ۽ لڪڻ ٻ- ڪاسيٽ ڊوڙ ٻائي شراب جي ٻاٽلي ۽ گلاس آڻي ڏنس- سوجهري ۽ هن چوڪريءَ جي شڪل ڏٺي تہ تمام خوبصورت هئي، اگرچ ويچاري بچڙي حال ۽ هئي ۽ ڦاٽل ڪپڙا پيا هئس- هڪ- ٻ ماڻهو پيا ٻ هئا، جن ويٺي پتي راند ڪئي-

اتي، زال چوڪريءَ کان پڇيو تہ "روڙون آنديءُ؟" هن ورندي ڏني تہ روڙين واري جو دڪان بند هو-" تنهن تي هوءَ ڪاوڙي جو چاڙين تہ راندیون ڪندي دير سان وئي آهي، پر پوءِ جڏهن آڏيو گهريائينس، تڏهن چوڪري، ڪيسي ۽ هٿ وڌو تہ ڪيسو ڦاٽل هوس. جنهن مان پئسا تہ ڪيري ڪوهہ ۽ ٻيا هئا، چوڪري ويچاري اچي ڏني. زال چهبڪ ڪٽي مٿس ڪاهي آئي. هوءَ دانهون ڪرڻ ۽ معافي گهرڻ لڳي. اسان جي

لئين مسافر کي هن تي ڏاڍو قياس آيو، سو ڪيسي مان هڪڙو آڏيو ڪڍي، اٿي انهيءَ زال کي چيائين ته "مائي، ويچاريءَ کي مار نه، هي آڏيو سندس ڪيسي مان ڪِري پيو آهي، ڏنو ڪين اٿس." تڏهن اهو وٺي ماڻ ڪري ويٺي.

ائين ڪندي، ٽينارڊ ڀئر جون ۽ ڏيئرون به اٿي اچي گڏين سان ويهي راند ڪرڻ لڳيون، ۽ ڪاسيٽ پئي مهمانن جي اڳيان ڊوڙ ڊڪ ڪئي. چوڪرين کي راند ڪندو ڏسي، اٿي ٽورو بيٺي ته چوڪرين جي ماءُ وري چهڪ ڪئي هن تي ڪاهي آئي. چوڻ لڳيس ته "ائين ٿي ڪم ڪرين. وات پڻيو بيٺي آهين!" تنهن تي مسافر هن کي منٽ ڪئي ۽ چيائينس ته هي به ٻار آهي، جيئن تنهنجا ٻار آهن. ويچاريءَ کي چڏ ته راند ڪري. هن جي سيڙجڻ ڪري هي پنج رپيا وٺ، ۽ هن کي اچوڪي رات چڏ ته ويهي راند ڪري." پئسا وٺي زال خوش ٿي ۽ ڪاسيٽ راند ڪرڻ لڳي. پر چوڪريون هن کي پنهنجين گڏين کي هٿ لائڻ نه ڏين، تڏهن مسافر اٿي ٻاهر وڃي، هڪڙي دڪان تان به وڏيون گڏيون وٺي آڻي ڪاسيٽ کي ڏنيون، جي وٺي هوءَ ڏاڍي خوش ٿي، ۽ ويهي هنن سان راند ڪرڻ لڳي.

ذڪر ڪندي ٽينارڊ ڀئر ۽ سندس زال مسافر کي ٻڌايو ته "هيءَ هڪڙي نڌڪي چوڪري آهي. اسين خيراتي طرح ڪارائيندا ۽ پاليندا آهيون. پانڌجي ٿو ته

سندس ساءِ مري وئي آهي. اسين غريب آهيون، جيڪي سري سگهون ٿا، سو ڪارايونس ۽ ڏڪايونس ٿا. تنهن ڪان سواءِ هينئر ملڪ ۾ مهانگائي آهي، ڪاڏي پيتي تي گهڻو خرچ ٿو لڳي." تڏهن مسافر چين ته "اهڙي صورت ۾ جيڪڏهن ڪو ٻيو ماڻهو، مثلاً آءٌ هن چوڪريءَ کي پالڻ گهران، ته اوهان نان ٻار هلڪو ٿيندو يا نه؟" هنن چيو ته "بيشڪ ٿيندو. پلي وئي وڃينس، جيءُ وئي وڃينس."

تنهن ڪان پوءِ ماني آئي، ما اسان جو مسافر ڪائي، ميز تي ٿونٽ رکي ويهي خيال پچائڻ لڳو. ٻيا سڀ وڃي سمهي رهيا. اڌ رات ڪان پوءِ هو اٿيو ۽ جيڪا جاءِ سندس سمهڻ لاءِ مقرر ڪئي هئائون، اتي وڃي ستو. هوٽل وارن کي اگرچ ڀرين هن جي غريبيءَ جو گمان هو، پر هاڻ معلوم ٿين ته هي پئسي وارو ماڻهو آهي. هنن دل ۾ چيو ته گهٽائي لڪپتي ماڻهو آهن، جي سادن ڪپڙن ۾ گهمندا وتن، مگر ڏاڍا سخي، رحمدل ۽ فياض آهن. مسافر کي رات جو ننڊ نه آئي. صبح جو سويرا آئي، سهي سنبري پنهنجي ڪنڊڙي ۽ لڪڻ کڻي ويهي رهيو. هوٽل وارن رهڻ لاءِ گهڻوئي چيس، پر هن چيو ته مون کي وڃڻو آهي. ماني کائڻ ۽ رات رهڻ جو بل گهريائين. هنن هن کي شاهوڪار سمجهي ٿيويهن رپين جو بل ٺاهي آڻي ڏنس. مسافر اهي پئسا ڏيي ڏنن. پوءِ چوڪريءَ بابت پڇيائين، جنهن جو ذڪر رات جو

ڪڍيو هئائين. اتي زال مڙس پاڻ ۾ سُس ڦس ڪري گهڻن پئسن ڏيڻ جي صلاح ڪئي. ڇيائون ته "هيءَ ڇوڪري اگرچ اسان جي ناهي، ليڪن اسين هن کي پنهنجيءَ ڌيءَ وانگي پياري سمجهندا آهيون. اسان وٽ گهڻو گذاريو اٿس، اسان کي ڏاڍي ڪمائتي آهي. اسين هن کي ڇڏڻ نٿا گهرون، پر جي ڇڏينداسون ته به جيڪو اسان کي نقصان ۽ اهنج ٿيندو، سو عيوض ۾ وٺنداسون." مسافر چيو ته "انهيءَ جي ڏيڻ لاءِ تيار آهيان." ٽينار ڊيڙ چيو ته "اسين هزار رپيا وٺنداسين". مسافر ڪيسي مان پاڪيٽ بڪ ڪڍي، انهيءَ مان هزار رپيي جو نوٽ ڪڍي ميز تي رکيو، ۽ انهيءَ تي هٿ رکي چوڻ لڳو ته "هاڻ ڪاميٽ آڻيو." هنن ڪاميٽ کي آندو. اها پنهنجي حوالي ڪري، پوءِ هن نوٽ هنن کي ڏنو، ۽ ڳنڍڙي ڇوڙي انهيءَ مان ڪارن ڪپڙن جي ماتمي پوشاڪ ڪڍي، جا ستن-اٺن ورهين عمر واريءَ ڇوڪريءَ کي پوري اچڻ جي هئي، سا هن کي ڏيکاياٿين. پوءِ ڳنڍڙي ۽ لڪ ڪٽي ڇوڪريءَ جي ٻانهن وٺي، موڪلائي، هوڏل مان نڪتو. ڇوڪري به خوشيءَ سان هن سان هلي جو چاتائين ته هو مٿس بيءَ وانگي مهربان آهي، ۽ هتي هوءَ جنين ۽ عذابن ۾ آهي.

هن جي وئي کان پوءِ، زال مڙس پاڻ ۾ ريڙهه پيڙهه ڪرڻ لڳا. زال مڙس کي چيو ته تو بيعقلي ڪئي جو ڇوڪري ڏيئي ڇڏي. هڪڙو ته ڇوڪريءَ کان

سواءِ اسين ڏکيا ٿيندا سين. ٻيو تہ هي شخص دولتمند ٿي ڏنو. وڏيڪ گهرواس ها تہ وڏيڪ ڏئي ها."
انهيءَ ڳالهہ تي ڳچ تائين ٻاڻ ۾ جهيڙو ڪيائون. ٻيٽ زال مڙس کي لاچار ڪيو ۽ هو ڊوڙي مسافر جي پڻيان ويو. ايتري ۾ مسافر ٻہ ڳوٺ چڏي پريرو نڪري ويو هو ۽ هڪڙي گهاڻي جهنگ ۾ گهڙيو هو، اتي هن کي وڃي پهتو. اتي، ڏينهن جو ٻہ سوجهرو ٿيو. ٿينارڊيئر مسافر کي چيو تہ "سائين، پنهنجا پٽسا موڙائي وٺ، ۽ اسان کي پنهنجي چوڪري موڙائي ڏي. حقيقت هيءَ آهي تہ هيءَ چوڪري اسان جي ناهي. اسين اشراف ۽ ايماندار ماڻهو آهيون. امانت ۾ خيانت ڪين ڪنداسين. هن چوڪريءَ جي ماءُ جيئري آهي. انهيءَ اسان کي ڏني آهي. اسين وري ٻہ آنهيءَ جي هٿ ۾ ڏيئي سگهنداسون."

اتي مسافر وري ٻہ پنهنجي ڪيسي مان پاڪيٽ بڪ ڪڍيو. هو خوش ٿيو تہ اجهي ٽا ٻيا نوٽ ملن، پر مسافر انهن مان هڪڙو ڪاغذ ڪڍي ٿينارڊيئر کي ڏنو، ۽ چيائينس تہ "هي پڙهي ڏس". هن پڙهيو تہ انهيءَ ۾ هيٺن لکيل هو- "مهربان ٿينارڊيئر صاحب، مهرباني ڪري هن خط آڻيندڙ کي منهنجي ڏيءَ ڪاسيٽ جي ٻانهن حوالي ڪج ۽ جيڪڏهين ڪا بقايا رهيل هوندي تہ آها پهچائي ڏيندو." ٿينارڊيئر اهو ڪاغذ وٺي رکيو، ۽ چوڻ لڳو تہ "اهو تہ ٺهيو، پر ڪاڏي جي وڏي رقم رهيل آهي، سا اسان کي

ملڻ گهرجي. تنهن تي مسافر چيس تہ "گذرئي دفعي تو چوڪريءَ جي ماءُ ڏي هڪ سؤ ويهہ رپيا بقايا ڏيڪاري هئي. ٻئي مهني ۾ وري پنج سؤ رپيا ڏيڪاريئي. انهيءَ تي ٽي سؤ رپيا هڪڙا ۽ ٽي سؤ ٻيا موڪليا ويا هئا. تنهن کان پوءِ نوَ مهينا گذريا آهن. پندرهن رپين ماهياني حساب سان ١٣٥ رپيا ٿيا. انهن مان سؤ توکي اڳئي وڌيڪ مليو آهي، باقي ٣٥ رپيا لهڻين، انهيءَ جي بدران هينئر مون توکي هڪ هزار ڏنو آهي."

اتي ٽينارڊيئر ڏٺو تہ ڪم تہ ڪنهن پڪي ماڻهوءَ ۽ حقدار سان ٻيو آهي، سو ٻيو عذر ڪوبہ ڪونہ سجهيس، البت شوخيءَ سان چوڻ لڳو تہ "آءٌ ٽي هزار رپيا وٺندس، نہ تہ چوڪريءَ کي موڪلائي وٺيو ٿو وڃان." تنهن تي مسافر بہ چڙ مان چيو تہ "توکي مجال آهي"، ۽ پنهنجو لڪڻ لوڏي، چوڪريءَ جي پانهن وٺي چيائين تہ "بابا، آءٌ تہ هلون". سگهوئي هو گهاٽي جهنگ ۾ گم ٿي ويو، ۽ ٽينارڊيئر ڪچ تائين ٻيهي ٻيهي پوءِ پٺتي موٽيو، چاتائين تہ جهنگ ۾ ٻيو ماڻهو ڪونهي، ۽ هو ماڻهو زبردست ٿو ڏسجي ۽ وٽس ڏنڊو بہ آهي.

پڙهندڙن سهي ڪيو هوندو تہ اهو مسافر ٻيو ڪونہ هو جين وليجان هو. سچو ڏينهن پنڌ ڪيائين. اڪثر ڪاسيت کي ڪلهن تي کنيو ٻئي هليو. سج لٿي ڌاري پئرس ۾ پهتو. هڪڙي گوشتائي هوٽل ۾ ماني کائي، پاڙي جي گاڏيءَ تي شهر جي حد لنگهي ٻاهر ٿيو.

باب

پري پهراڙيءَ ۾ بلورڊ ۽
عمارت ڏسڻ ۾ ٿي آئي، جا د
هئي، انهيءَ ڏي رخ رکيائين.
۾ هڪڙي جاءِ هئي، تنهن جي در
کولي اندر گهڙيو. بتي ٻاريائين.
هڪڙو سادو هڏ وڇايو پيو هو، ا
سمهاريائينس. پوءِ ڏاڍو سرهو ٿي ويهي
سڀ وقت ڪاسيٽ ستي پئي هئي. صبح
سويرا آئي تہ ڀانيائين تہ ٽيهارڊيئر جي گهر ۾
سوآئي ٻهاريءَ جو سعيو ڪرڻ لڳي. پر پوءِ
معلوم ٿيس تہ اتي نہ آهيان، تڏهن خوش ٿي ۽ س
ڏينهن مزي سان گذاريائين. هن حياتي ۾ اهو ٻهريون ٿي
ڏينهن ڏٺو هو، جو پورهيي کان سواءِ گذاريائين ۽
هڪڙي مهربان ٻڍي وٽ ڪڏين سان راند ڪندي
پورو ڪيائين.

جين وليجان
يءَ زال ڪان،
يءَ ۽ رهندي
ئي پنهنجي ۽
ن. انهي ٻڌيءَ
چڏي هئي. اتي
وليجان ڪاسيٽ ڪي
ر، ۽ راند ڪرائيندو هو.
ري سڏ ينڊي هئي. هوڏي سنڀال
هو، ڏينهن جو ٻاهر ڪين نڪرندو هو،
ڄ لئي ڪان ٻوءَ نڪرندو هو. ڪڏهن اڪيلو
ڪڏهن ڪاسيٽ سان گڏ، رڌڻ پچائڻ جو ڪم
سندن لاءِ اها ٻڌي ڪندي هئي. هو اڃا ٻه پيلو ڪوٽ
۽ فقيراڻا ڪپڙا ڏيکيندو آيو. انهيءَ هوندي ٻه
جڏهن هڪڙو نه ٻيو فقير ڪانئس خيرات گهرندو هو، تہ
هيڏي هوڏي نهاري هن کي خيرات ڏيندو هو، جو
ڪڏهن ڪڏهن ڪو چانديءَ جو سيڪو ٻه هوندو هو.
انهيءَ ڪري ٻهراڙيءَ جا ماڻهو هن کي "خيرات ڏيندڙ
فقير" سڏ ينڊا هئا. اها ٻڌي زال سندس پٺيان چاري
رهندي هئي. هڪڙي ڏينهن لڪي ڏٺائينس تہ پنهنجي،

ڪوٽ جي اوٽي اُڊوڙي هڪڙو ڪاغذ ڪڍ يائين جو سچاتائين ته هزار رپيي جو نوٽ هو. پيو اهڙو نوٽ ڪڍ يائين، ۽ آخر ٽيون ڪڍ يائين. هوءَ حيران ٿي وئي. ايتري خبر هيس ته اهو ماڻهو اڳي شاهوڪار هو ۽ گهڻي رقم ڪنهن بئنڪ ۾ هيس، پر پوءِ اها بئنڪ ڪٽي پئي ۽ هي غريب ٿي پيو. اها ڳالهه جين وليجان ٻڌائي هيس. سگهو ئي جين وليجان ٻڍيءَ کي هڪڙو نوٽ ڏنو ۽ چيائينس ته "بئنڪ مان ڪالهه هي مون کي پنهنجو حصو مليو آهي سو وڃي مٽائي اچ." ٻڍيءَ کي پڪ هئي ته ڪالهه هو اصل ٻاهر ڪين نڪتو آهي، اهو ڪوڙ ٿو ڳالهائي.

ٿورن ڏينهن کان پوءِ هڪڙي ڀيري جين وليجان ڪوٽ لاهي، ٻانهون کنجي ٻاهر ڪاڍيون پئي ڦوڙيون ۽ ڪاميٽ وٽس بيٺي هئي، ته ٻڍيءَ کوٽ ڪلهه تي ٽنگيل ڏٺو. چتائي ڏٺائين ته استر جي اوٽي پيو پيرو سبيل هئي ۽ هٿ لائڻ سان معلوم ٿيس ته اندر کي ڪاغذ پيل آهن. پڪ ٿيس ته اهي به سي نوٽ آهن. تنهن کان سواءِ ڪوٽ جي ٽن-چئن ڪيسن ۾ ڪيترين ئي ٻيون شيون پيل هيون -- سٽي، ڏاڪو، ڪينچي، وڏو چاڪو، پاڪيٽ بڪ ۽ جدا جدا رنگ جا ڪوڙا وار ٿوپيءَ جي اندران ڍڪڻ جا.

ديول جي پاسي ۾ هڪڙي پنجهتر ورهين جو ٻڍو فقير رهندڙ هو، جنهن کي جين وليجان اڪثر خيرات

ڏيندو هو. هڪڙي ڏينهن دستور موجب هو انهيءَ ٻڍي فقير وٽ ريو ۽ وڃي خيرات ڏنائينس. هن هڪڙو ڀيرو ڪنڌ مٿي ڪري سندس منهن ۾ ڏٺو، ۽ پوءِ ڪنڌ ڪٽي هيٺ ڪيائين. جين وليجان ساٿ ڪري خيرات ڏئي هليو آيو، مگر انهيءَ ڀيري فقير جي منهن ڏسڻ سان هن کي دل ۾ چرڪ پيو. شڪ پيس ته ڪي مهانڊا جاسوس انسپيڪٽر جاورٽ جهڙا آهن. ساري رات انهيءَ فڪر ۾ بي آرام هو. ارمان هوس ته ناحق چتائي نه ڏنومانس ۽ ساڻس نه ڳالهايم، تنهنڪري ٻئي ڏينهن شام جو ساڳيءَ مهل دستور موجب وڃي خيرات ڏنائينس، ۽ ساڻس زور ڪري زياده ڳالهايائين، ۽ منهن چتائي ڏنائينس. پڪ ٿيس ته هميشه وارو فقير آهي. پاڻ تي ڪليو ته ناحق ڪالهه هن ۾ اهڙو گمان پيم ۽ ڊپ کان ساري رات بي آرامي ۾ گذاريم. پوءِ ڳالهه وساري پنهنجي رواجي ڪم ۾ وڃي لڳو.

ڪن ڏينهن کان پوءِ، رات جو دير سان جين وليجان جاءِ جو در بند ڪري مٿي ماڙي تي ويٺو هو ۽ ڪاسيٽ کي ويٺي سبق پڙهايائين، ته ڏاڪڻ تي ڊڀڪو ٻڌائين، جو ٻڍيءَ زال جو نه هو، پر ڪنهن مڙس ماڻهوءَ جو هو. در جي سوراخ مان نظر ڪيائين ته هڪڙو ماڻهو بتي ڪٽي لنگهيو، پر پوءِ ماٺ ٿي ويٺي ۽ بتي ۾ اجهامي ويٺي. جنهن مان سمجهيو ته انهي ماڻهوءَ شايد جنتي لاهي هٿ ۾ ڪري، بتي اجهائي ڇڏي آهي.

آهي. جڏهن وري شڪ جو سبب پيدا ڪونہ ٿيو، تڏهن هو ماڻ ڪري ويهي رهيو. صبح جو سويرِ پنيرڪي ۾ هن وري ٻہ سنجهي وارو ديڪو ٻڌو ۽ درجي سوراخ مان هڪڙي ڊگهي قد واري ماڻهو کي لنگهندو ڏٺو، وڏو ڪوٽ پيو هوس ۽ هڪڙو ڏنڊو هٿ ۾ هوس. پئيرو ڏاڻيئنس. هن کي شڪ پيو تہ ٻاهرئين درجي ڪنجي هن ڪٿان آندي، ڪنهن اها ڏنيس؟ ٻڌيءَ زال تہ نہ ڏني هونديس! ٿوريءَ دير کان پوءِ جڏهن ٻڌي پنهنجي وقت تي دستور موجب ٻهاري ڏيڻ ۽ جاءِ صفا ڪرڻ آئي، تڏهن آنهيءَ جين وليجان کي ٻڌايو تہ "هڪڙو نئون مسافر ٻہ هنن جاين مان هڪڙيءَ ۾ رهڻ آيو آهي. سنجهي جو ٻہ آيو هو، جاءِ ڏسي ويو هو، ۽ اڄ ايندو." جين وليجان سندس نالو پڇيو. ٻڌيءَ چيو تہ "ڊومانٽ يا اهڙو ڪو نالو اٿس، پنهنجي ملڪيت وارو ماڻهو ٿو ڏسجي."

ٻڌيءَ جي وڃڻ کان پوءِ جين کي وري ٻہ ڪي شڪ گذريا. اڳ ڪٿي ڪري پيتيءَ مان رپيا ڪڍي ويڙهي رول ڪري ڪيسي ۾ وجهي ڇڏيائين، ٻہ اتفاق سان هڪڙو رپيو ڪيري پيو، جنهن ڪڙڪو ڪيو. آهو ڏينهن تہ خير جو گذريو. شام جو جين وليجان ڪاسيٽ جو هٿ وٺي ٻاهر نڪتو. هيڏي هوڏي ڏاڻيين، ٻہ ڪو ٻہ ماڻهو ڪونہ ڏاڻيين. اهو وجهہ وٺي

هو آهو هنڌ چڏي، گهڻي ڏيئي نڪري پيو. چنڊ به نڪري ظاهر ٿيو. گهڻين جا ور وڪڙ ڏيئي، پٽ تي نهاريندو، هو ڪچ پنڌ ڪري ويو. هڪڙي هنڌ پاڇولي ۾ ٽي ماڻهو بيٺل ڏٺائين، جن کان نٽائي پيو پاسو ورتائين، پر شڪ پيس ته آهي ٽي ماڻهو ٻري کان ڪيس جانچيو پٽيان پيا اچن. چوٽون به هاڻ ساڻن اچي گڏيو. سيني کي وڏا ڪوٽ پيا هٿا ۽ ڏنڊا هٿن ۾ هئن. انهن مان هڪڙي جي منهن تي چنڊ جي روشني پئجي وئي ۽ جين وليجان سڃاڻي ورتو ته اهو جاورٽ آهي.

اڳرچ ڊپ ٿيس ته به ڪاسيٽ جو هٿ وٺيو، انهيءَ کي گهليندو ۽ ڪڏهن ڪٽندو تڪڙو تڪڙو نڪرندو ويو، تان جو درياءَ جي ٻل تائين آيو. پل تي محصول اڳرندو هو، سو ڏئي پل لنگهي ويو. ڪوشش ڪري پاڇولي مان پئي هليو. اڳيان به رستا ٽي ٿيا، دل هنيائين ته ڪهڙو وٺان. آخر سڃي هٿ وارو رستو ورتائين. ڪاسيٽ ساڻ نه هجيس ها ته هو باز وانگي اڏامي وڃي ها، پر هاڻ لاچار ٿيس. وري اڳيان به گهڻيون آيس ۽ انهن مان به سڃي هٿ واري ورتائين ته اتي هڪڙو ماڻهو بيٺل ڏٺائين. ڀڪ ٿيس ته جاورٽ پٽيان لڳو اچي ۽ هي ماڻهو ور ڏئي پئي پاسي کان سندس اک وٺڻ لاءِ موڪليو اٿس. ڏاڍي مشڪلات ۾ اچي پيو. هيڏي ٻاهر، هوڏي پاڻي. اڳتي هلي يا پٺتي موٽي، ٻنهي طرفن خوف هوس،

پٽ تي نظر ڪيائين تہ ست-اٺ ماڻهو اچي رهيا هئا، پر اڃا پري هئا. ڪهي پاسي هڪڙي وڏي پٽ هئي جنهن جي هن پاسي هڪڙو وڻ بيٺو هو- هن رٽ ڪئي تہ پٽ تي چڙهي انهيءَ وڻ تان لهي هن پاسي هيٺ ٽپي، جو انهي پاسي ڪو ٻاغ ٿي ڏٺو. پر پٽ تي چڙهي ڪيئن، ۽ ڪاميٽ کي ڪيئن ڪري؟ چوڪري وبچاري ٻہ پري کان ماڻهو ايندا ڏٺا، ۽ جين وليجان کي ٻہ ٻي آراسي ٽيندو ڏسي ڊني ۽ روئڻ ۽ رڙين ڪرڻ تي هئي، پر جين دڙڪو ڏئي ڊيچاري چيائينس تہ متان ڪچيو اٿيئي! جيئن آءٌ چوان تيئن ڪر. نزديڪيءَ ۾ شهر جي هڪڙي بتي ٻرندڙ هئي. انهن ڏينهن ۾ بتين جي ٻارڻ لاءِ هڪڙو رسو ٻڌي ڇڏيندا هئا. جين وليجان جهٽ ۾ چاڪو ڪڍي بتيءَ جو آهو رسو وڍي آيو، ۽ پنهنجو هڪڙو مضبوط رومال ڪڍي ڪاميٽ جي ڪڇن وٽان ٻڌائين، ۽ رسي جو هڪڙو ڇيڙو انهيءَ سان مضبوط ٻڌائين، ۽ ٻيو ڇيڙو ڇڪ ۾ ڏندن سان جهليائين. ٻوٽ ۽ جوراب لاهي پٽ جي هٿن پاسي اڇلائي وڌائين. ٻوءِ پٽ جي نڪتلن پهٽن تي ٻهر ڏئي، ٻليءَ وانگي چڙهي ويو. پٽ جي چوٽيءَ تي وهي، رسو ڇڪي ڪاميٽ کي ڪٽي ورتائين ۽ آهستي هن کي پٽن تي ڪٽي وڻ جون ٽاريون جهلي، ٽڙ تان لهي هيٺ ٽپيو.

اهو سارو ڪم هن اهڙيءَ جلدائيءَ ۽ چالاڪيءَ سان ڪيو ۽ اهڙيءَ خبرداريءَ سان ٻاڇولي جي

اونداهيءَ ۾ ڪيو، جو ڪنهن ڪونہ ڏٺس. ٿوري
دير کان پوءِ جاورٽ ٻين سپاهين سوڌو آتي آيو ۽
اڪيون سپاهي بہ اچي انهن کي گڏيو. سڀ حيران
ٿي ويا تہ هي ڪيڏي آڏامي ويو. انهيءَ هنڌ جي
ٻہ سنهڙيون گهٽيون ٿيون ٿي، انهن مان هڪڙيءَ
مان هن جي وڃڻ جو شڪ ٻين. پڪ ٿين تہ ضرور
جهلبو، جو سيڪنهن گهٽيءَ ڏي هٽن هڪڙو ماڻهو
بيهاري ڇڏيو هو. سيئي آنهيءَ پاسي ڪاهي پيا ۽
گم ٿيل ماڻهوءَ کي کولڻ لڳا.

جين وليجان ڇوڪريءَ سوڌو باغ جي وچ ۾ اچي
بيٺو، جتي وڏا وڏا درخت بيٺا هئا. اهو هڪڙو تمام
وڏو باغ هو. هڪڙي پاسي تہ باغ ئي باغ هليو ويو،
۽ ٻئي پاسي هڪڙي وڏي جهوني عمارت نظر آئي.
پهرين جو راب ۽ ٻوٽ ڏڪي پوءِ ڪاميت جي ٻانهن
وٽي باغاين واري مَنهہ ۾ آيو. ٻاهران سپاهين جي
ڊوڙ ڏڪ جو ڏڪو ۽ هٽل ٻئي ٻڌائون. پاڻ ڪلاڪ
کان پوءِ ماڻ ٿي وئي. اوچتو ئي اوچتو انهيءَ پاسي
واريءَ عمارت مان گهڻن زالن ۽ ٻارن جو گڏ ڪاڻ
جو سٽو آواز ٻڌڻ ۾ آيو، جن ڪا مناجات يا دعا يا
ڪو مذهبي راڳ ٻئي ڳايو، ۽ اِئين ٻئي معلوم ٿيو
تہ جڻ آسمان مان ملائڪن جو ڳايل ڳيت ٻيو ٻڌجي.
اهڙيءَ ماڻ ۾ رات جي وقت، ٻڌندڙن کي ڏاڍي
فرحت ٻئي آئي، مَنهہ خالي ٻيو هو. ماڻهو ڪونہ

هو. هي ٻيئي ڇٽا اتي ويهي راڳ ٻڌڻ لڳا. مٿن چٽني پاسي ڪليل هو ۽ سخت سيءُ پئي ٿيو. زمين ۾ گهميل هئي. ڪاسيٽ ويچاريءَ کي ننڊ اچي وئي، تنهن کي ڪٽي هڪڙيءَ ڪنڊ ڪان سمهاريائين، ۽ پاڻ سماءُ وٺڻ لڳو.

معلوم ڪيائين تہ اها جاءِ زالن جي رهڻ جي مڙهي ۽ ديول آهي. ديول جو گهنڊ ٻہ پئي وڳو. هيڏي هوڏي گهمڻ سان گدرن جي واڙيءَ ۾ هڪڙو منڊو باغائي ڏٺائين. پهرين تہ ڊپ ٿيس تہ متان جاورٽ جو ڪو ڇڏيل جاسوس هجي، پر پوءِ همت جهلي هن وٽ ويو. ڪيسي ۾ جو سؤ رپين جو رول ويڙهيل پڌل پيو هوس، سو ڪڍي هٿ ۾ ڪيائين ۽ هن کي ويجهو وڃي چيائين تہ "سؤ رپيا روڪ." اهو ماڻهو چرڪ ڀري هن ڏي نهارڻ لڳو. جين ولڇان چيس تہ "ادا، رات جو مون کي ڪٿي ٽڪڻ ڏي تہ توکي سؤ رپيا ڏيان. چانڊوڪيءَ ۾ انهيءَ منڊڙي باغائي ڏسي ڏسي چيس تہ "هان، سائينءَ اوهين تہ مڊيلين آهيو!" پوءِ پاڻ ۾ بيهي ڳالهيون ڪيائون. معلوم ٿيو تہ هي آهو ساڳيو منڊو ماڻهو فاشل ونٽ هو، جنهن کي جين ولڇان جڏهن مڊيلين هو، تڏهن انهيءَ مڙهيءَ ۾ باغائيءَ جي جاءِ وٺي ڏني هئائين. انهيءَ ٻڌايس تہ انهيءَ عمارت ۾ فقط زالون ۽ چوڪريون ٿيون رهن ۽ ڪنهن ٻہ مڙس ماڻهوءَ کي اتي اچڻ

۽ رهڻ جو حڪم ڪونهي. جين چيس تہ "اڳي مون تنهنجو ساهہ بچايو هو، هاڻ تون منهنجو بچاءُ. مون سان هڪڙي نندڙي چوڪري بہ آهي، جا هن سُڃيءَ لانديءَ ۾ ئي آهي، ڪا جاءِ ڏي جتي رات گذاريون. ڊپ آهي تہ متان چوڪريءَ کي سردي لڳي ۽ مري وڃي." منڊڙي فاشل ونٽ پنهنجي ڪوٽي ڏيکاريس. جين وڃي ڪاسيٽ کي ستل ئي کڻي آيو، ۽ آڻي انهيءَ ڪوٽيءَ ۾ ٽپڙ وجهي سمهاريائينس. پوءِ ٻيئي چٽا ٻاهہ تي ويهي، پاڻ ۾ ڳالهيون ڪرڻ لڳا.

مٿي جيڪا ڳالهہ ٻئي ڪئي اٿوُن تنهن جي مفصل حقيقت هي آهي تہ جڏهن جاورٽ انسپيڪٽر جين وليجان کي فنٽائن جي مرڻ وقت گرفتار ڪرڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي، تڏهن جين اٿي ڀڳو. پوليس کي پڪ ٿي تہ هي پئرس ڏي ويندو، تنهنڪري اوڏانهن ڀڄڻ لڳس. جاورٽ کي هشيار ڄاڻي سندس آفيسرن اهو خلاصو ڪم سندس ذمي ڪيو. انهيءَ ڪان پوءِ جاورٽ جاسوسي ڪندو رهيو ۽ اخبارون ڏسندو رهيو ۽ شڪي ماڻهو ڏسندو ۽ احوال پڇندو رهيو. اخبار ۾ اها ڳالهہ پڙهيائين تہ جين وليجان تي مقدمو هليو ۽ جنم قيد سان ٽولون جي وڏي جيل ۾ ويو ۽ اتي هڪڙي جنگي جهاز جي ڪلميءَ تان ڪيري سمنڊ ۾ ٻڏي مئو. الهيءَ هوندي بہ جاورٽ کي جين وليجان جي ڄالا ڪي سڃهي ٿي، تنهنڪري ڳالهہ ۾ گهٽو

شڪ گذريو. ڄاتائين تہ هو اهڙو جلد مرڻ جو ناهي. وري ڪن ڏينهن ڪان پوءِ اخبار ۾ پڙهيائين تہ مانٽفرميل ۾ فنٽائن نالي هڪ زال پنهنجي ڌيءُ ڪاسيٽ ڪنهن هوٽل واري وٽ ڇڏي هئي، سا آنان ڪو ماڻهو چورائي ڀڄائي ويو آهي. اها خبر پڙهي جاورٽ ويچار ڪيو، ۽ فنٽائن جو نالو ياد پيس. پڪ ٿيس تہ اهو جين وليجان هوندو، جو انهيءَ ڇوڪريءَ کي وٺڻ ويو هوندو، تنهنڪري هڪدم مانٽفرميل ۾ ويو. ٿيناڊيئر کي وڃي هٿ ڪيائين. هن بروقت ئي پوليس ۾ رپورٽ ڪئي هئي، پر پوءِ جڏهن پوليس وارا آيا تڏهن رولي ڪان ڀڄڻ جي لاءِ آبتا سبتا جواب ڏئي هنن کي هلائي ڇڏيائين، تنهنڪري جاورٽ کي هنن ڪان پورو پتو ملي نہ سگهيو. هاڻي پڪ ٿيس تہ جين وليجان برابر ڀڏي مئو. انهيءَ سمجهہ تي ماٺ ڪري ويهي رهيو.

ٻئي سال هو اتفاق سان آتي اچي نڪتو جتي جين وليجان ڇوڪريءَ سميت اچي لڪو هو. جنهن فقير کي جين خيرات ڏيندو هو انهيءَ کان معلوم ٿيس تہ ڪو ٻڍو هڪڙي ڇوڪريءَ سان مانٽفرميل کان هتي اچي رهيو آهي. سو ويس بدلائي هڪڙي ڏينهن انهيءَ فقير جي جاءِ تي شام جي وقت ويهي رهيو ۽ خيرات ڏيندي جين کي ڏسي سڃاتائين. ٻڍيءَ زال کان بہ سارو احوال معلوم ٿيس، جنهن جي جاءِ

ٻ مسواڙ تي هو رهندو هو. جڏهن جين وليجان کي شڪ ٿيو تڏهن اها جاءِ ڇڏي ڀڳو، جيئن مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي. هڪڙي هنڌ رستي جي بتيءَ جي سوجهري تي جاورٽ جين وليجان کي سڃاتو ۽ پوءِ ڪي سپاهي وٺي پٺيان لڳس، پوءِ نيٺ هو چالاڪيءَ ڪري ڇوڪريءَ سميت ٽپي انهيءَ باغ ۾ آيو ۽ جاورٽ وري به ناامید ٿي هن کي وڃائي ويهي رهيو. پر جاورٽ به ڏاڍو خبردار جاسوس هو، تنهن کي بتيءَ جو وڏيل رسو ڏسي شڪ ٿيو ته ڪٿي ڇڙهي ڀڄي ويو آهي، تنهنڪري صبح جو به سپاهي جاسوس آتي ڇڏي، ٻاڻ ٻڙس ڏي هليو ويو.

باب ڏهون

اها مڙهي، جنهن جي حد اندر جين وليجان جڻ تہ آسمان مان ڪيري پيو هو، تنهن جو نالو ڀڪپس جي مڙهي هو. آتي فقط زالون رهنديون هيون، جي حق بخشي ڪري اندر ويهي رهنديون هيون، ۽ مڙس جو منهن نہ ڏسنديون هيون. اڪثر ڪاري پوشاڪ خاص نموني جي ڍڪينديون هيون، ۽ ٽوپي بہ خاص قسم جي برقعي وانگي ڍڪينديون هيون. جيڪي منجهن وڏيون هونديون هيون، جن کي نَن سڏيندا هئا سي ننڍين کي تعليم ڏينديون هيون. تعليم اڪثر مذهبي ملندي هئي. منجهن هڪڙي سيني جي وڏي هوندي هئي. ڪنهن مڙس ماڻهوءَ کي ڪو آتي ڪم پوندو هو تہ خاص ٺهرايل هنڌ تي، گهنٽي وڄائي اچي بيهندو هو. اندران اها وڏي نَن ڪانئس پڇندي هئي تہ ڪهڙو ڪم آهي، پر ڪنهن بہ عذر تي مڙس ماڻهو اندر ڪونہ وڃي سگهندو هو. انهيءَ مڙهيءَ سان شامل هڪ ديول بہ هئي، ۽ ٻارن جو اسڪول بہ هو.

منڊڙي باغائي فاشل ونٽ کي مڊيلين جا احسان ياد هئا، تنهنڪري هينئر هن کي انهيءَ سان ڀلائيءَ ڪرڻ جو چڱو وجهہ مليو. هن ارادو ڏيکاريو تہ اڳتي پنهنجي ڏهٽيءَ سوڏو اتي رهان. ۽ ٻيو ڪو

مڙس ماڻهو اتي ڪيئن رهي سگهي؟ منڊڙي باغائيءَ کي به لاچار اتي رهايو هئائون. انهيءَ بابت ٻنهي ڇٽن انهيءَ رات ويهي پاڻ ۾ صلاح ڪئي. باغائي چيس ته تون چڱي موقعي تي آيو آهين. هڪڙي نَن مُئي آهي- سڀ زالون انهي جي ڪم ۾ مشغول آهن. اسان ڏي گهڻو ڏيان ڪونه ڏيندن. منهنجي مرضي آهي ته ڪنهن تجويز سان تون رات جو مڙهيءَ جي حد مان ٻاهر نڪري وڃين، ۽ سيائي وڏي دَر مان اچين ته پوءِ مٿو هڻي توکي پاڻ سان رهڻ جي موڪل وٺي ڏيان ۽ تنهنجي ڏهڻيءَ کي به اندر اسڪول ۾ داخل ڪرائي ڇڏيان. نه ته، چوڻ ۾ ايندو ته هي ٻيو مڙس ماڻهو اندر ڪيئن آيو؟"

هي ٻڌي جين وليجان کي فڪر ٿيڻ لڳو. ٻاهر ڪيئن نڪري؟ چوڪريءَ کي ته باغائي ويڙهي سيڙهي ٻاهر ڪڍي وڃي سگهندو، پر هو پاڻ ڪيئن نڪري ۽ ڪٿي صبح تائين ترسي، متان انهيءَ وچ ۾ وري پڪڙجي وڃي— اها ڏاڍي مشڪلات جي ڳالهه هئي. ائين ڪندي اندران گهنڊ وڳو. منڊڙي باغائيءَ چيو ته "اهو مون کي سڌ آهي، آءٌ وڃي حڪم ٻڌي ٿو اچان." ائين چئي هو ويو، ۽ ٿهرايل جاءِ تي وڃي بيٺو. پردي جي اندران وڏي نن هئي، تنهن چيس ته "ٻڌيا فاشل ونت، اسان جي هڪڙي نَن مري ويئي آهي، پر اها وصيت ڪري وئي آهي ته ڪيس

ديول جي ٻاهر هيٺ دفن ڪجو ۽ انهيءَ پيتيءَ ۾ دفن ڪجو جنهن ۾ عمر ساري ستي پئي هئي. اگرچ سرڪاري منع آهي تہ بہ اهڙي پاڪ زال جي وصيت جي مذهبي حڪمن موجب ضرور تعميل ڪرڻ گهرجي، تنهنڪري اسان صلاح ڪئي آهي تہ اڄ رات يارهين بجي مهل تون هڪڙي لوهہ جي لٽ پاڻ سان ڪٽي اچي، ٻين زالن جي مدد سان انهيءَ نن کي انهيءَ پيتيءَ ۾ وصيت ڪيل هنڌ پورجئين ۽ ٻي خالي پيتي جا دستور موجب تيار ڪرائي وٺي آهي، تنهن کي جنازي وانگي هتان ٻاهر نيئي مقرر مقام ۾ دفن ڪبو، جيئن شڪ نہ پوي تہ بيقاعدي ٿئي هنڌ ماڻهو دفن ڪيو ويو آهي."

منڊڙي ٻاغائيءَ چيو تہ "آءٌ حاضر آهيان، مگر پيتي جا ٻاهر ويندي سا ڪٽڻ ۾ تہ هلڪي لڳندي، متان ڪو شڪ پوي." نن کي اها ڳالهہ واجبي ڏسڻ ۾ آئي، ٻيهي خيال ڪرڻ لڳي. ٻاغائيءَ چيو تہ "جي اوهان جي مرضي هوندي تہ آءٌ انهيءَ ۾ پتر ۽ پهڻ ماڻهوءَ جي ٻار جيترا وجهي چڏيندس. پيتي متان تہ اهين ئي ڪپڙن سان ڍڪيل هوندي ۽ تختن کي ڪليون لڳنديون." اها ڳالهہ نن کي گهڻو پسند آئي. اتي ٻيڙي ٻاغائيءَ ٻيو عرض ڪيو تہ "منهنجو ڀاءُ آهي جو مون کان بہ عمر ۾ وڏو آهي، اهو ٻئي ملڪ ۾ هو، هاڻ هتي آيو آهي. انهيءَ کي الن ورهين جي ڌُهڻي بہ آهي، انهيءَ کي مڙهيءَ ۾ رکڻ ۽ تعليم

ڏيارڻ ٽو گهري، تنهنڪري اجازت ملي تہ آءٌ انهيءَ کي پاڻ سان پنهنجي پُنگيءَ ۾ رهايان؟" انهيءَ تي وڏيءَ لَن چيو تہ "چڱو، سيائي ڏينهن جو انهيءَ کي چوڪريءَ سميت وٺي اچ، پوءِ ڏسبو." پوءِ باغائيءَ کي وري بہ يارهين ڀڄي اچڻ جو تاڪيد ڪري، روانو ڪري پاڻ هلي وئي.

ٻڌي فاشل ونت اچي جين وليجان کي حال ڏنو. پاڻ ۾ صلاح ڪيائون تہ جين وليجان انهيءَ کوئيءَ ۾ وڃي لڪي ويهي، جتي خالي جنازي واري پيتي رکي آهي ۽ جنهن جي ڪُنجي باغائي وٽ هئي. جڏهن باغائي ٿهرايل وقت اتي ايندو، تڏهن پترن ۽ پهٽن بدران جين وليجا کي انهيءَ ۾ سمهاري ڇڏيندو، انهيءَ طرح هو مڙهيءَ جي حد مان ٻاهر نڪري ويندو. وري دستور موجب ننن جا جنازا بہ رات جي اندر کڻيا هئا، تہ ڏينهن جو، تنهنڪري پاڻ سولائي ٿيندي. ساهہ کڻڻ جي پيتيءَ جي تختن ۾ هڪ-ٻن هنڌن تي سيرائيءَ سان ٽُنگ ڪرڻ جي رٽ ڪيائين. اهو ٿهراءُ ڪري ڇڏيائون تہ انهي پيتيءَ کي مقام ۾ پورڻ مهل تجويز ڪري جين وليجان کي تختو کڻي ڪڍي ڇڏبو ۽ هو پوءِ مڙهيءَ ۾ هليو ايندو.

اها جيڪا هنن رٽ رٽي هئي سا سڄي تعميل ۾ آئي. ننن اندر دفن ڪئي ويئي ۽ جين وليجان ٻي خالي پيتيءَ ۾ ٻاهر ويو ۽ پيتيءَ جي پورڻ مهل نڪري ٻاهر ٿيو. جيڪو قبر کوٽڻ وارو باغائيءَ سان شامل

هو، تنهن کي ڪنهن عذر تي هن ٿوري تائين پاسي ڪيو، جنهن وچ ۾ جين نڪري آيو، پوءِ باغائي انهيءَ کي وٺي مڙهيءَ جي باغ ۾ آيو ۽ صبح جو سويل هن کي ٻه ڪوڏر ڏئي ٻيئي چٽا باغ جي ڪم ۾ لڳا. مڙهيءَ جي ان انهيءَ کي ڏٺو. سيني کي معلوم ٿيو ته مڙهيءَ واري باغائيءَ جو پاڻ آهي جو هن جو مددگار ٿي ڪم ڪندو.

انهيءَ طرح ٻڌي فاشل ونٽ جي مدد سان جين وليجان پنهنجو ٽڪاڻو ٻه ڪيو ۽ ڪاسيٽ کي ٻه مڙهيءَ جي اسڪول ۾ داخل ڪيائين، جتي هن جي خوراڪ، پوشاڪ ۽ تعليم جو خاطرخواه بندوبست ٿيو. هن جا ماڻ جي ماتم وارا ڪارا ڪپڙا ۽ سندس جتي ۽ جوراب يادگيريءَ لاءِ هڪڙي پيتيءَ ۾ بند ڪري رکي ڇڏ يائين.

جين وليجان پنهنجو نالو اتي فاونٽ چوايو. جڏهن مڙهيءَ کان ٻاهر ڪو ڪم ٿيندو هو تڏهن فاشل ونٽ ويندو هو، ۽ جي مڙهيءَ جي اندر هوندو هو ته اهو فاونٽ پيو ڪندو هو. ڪاسيٽ کي ايتري موڪل ملي ته ڏهاڙي هڪڙو ڪلاڪ پنهنجي ناني وٽ ٻاهر ايندي هئي. انهيءَ طرح جين وليجان ۽ ڪاسيٽ جڻ ته دوزخ مان نڪري بهشت ۾ پيا، ۽ پنهنجا ڏينهن سڪ ۽ آرام ۾ گذارڻ لڳا. ورهيه لنگهي ويا ۽ ڪاسيٽ وڏي ٿيندي وئي ۽ ڏاڍي هشيار ٻه ٿي ۽ خوبصورت جوان زال ٻه ٿي-

باب يارهون

انهيءَ ڪالهه ڪي اٺ-نوَ ورهيه گذري ويا. بلورڊ جو مڪان، جتي جين وليجان جاءِ مسواڙ تي ڪري چوڪريءَ سميت اڪيلي رهيو هو. اتي هينئر اڪوٽي مالڪياڻيءَ جي بدران ٻي هڪڙي ٻيڙي زال رهندي هئي. انهيءَ ساڳئي گهر ۾ جنهن ۾ جين رهندو هو، هينئر "جانڊريٽ" نالي هڪڙو شخص رهندو هو، جنهن کي هڪ زال ۽ ٻه ڌيئرون هيون. تمام غريب ماڻهو هوندا هئا ۽ تمام ڏکيو گذران ڪندا هئا. انهيءَ جي پاسي ۾ ٻي هڪڙي جاءِ هئي، جتي ٻيو هڪڙو شخص "ميريس" نالي رهندو هو، جو ٻه هڪڙو جوان شخص هو.

اهو ميريس جارج پانٽمرسيءَ جو پٽ هو، جو جنگي ڪاتي ۾ هڪڙو ڪرنل هو ۽ گهڻين جنگين ۾ وڙهيو هو. انهيءَ جي زال ٻئرس جي هڪڙي ٻيڙي سڪر ماڻهو "گلي نارمنڊ" نالي جي ڌيءَ هئي، جو مريس مڪان ۾ رهندو هو. اهو نوي ورهين عمر جو هو، ۽ ڏاڍو چيڙاڪ طبعيت جو هو. گلي نارمنڊ کي ٻي ٻه ڌيءَ هئي، جا پنهنجي ٻيڻ کان وڏي هئي، مگر شادي ڪانه ڪئي هئائين ۽ اها ٻه هاڻ پنجاهه ورهين عمر جي هئي ۽ پيءُ سان گڏ رهندي هئي. ننڍي ڌيءَ

هڪڙو ٻار چڏي مري وئي هئي، جو گلي نارمنڊ پاڻ وٽ آڻي رهايو ۽ پالي وڏو ڪيو. آهو هو ميريس. انهيءَ ٻڍي جي ڀنهنجي نائيءَ جارج پالمرسي سان ڪين پوندي هئي ۽ اهو هن کان ڏار رهندو هو، ۽ اهو حڪم هوس ته پنهنجي پٽ جو اصل منهن نه ڏسندو. ميريس کي به فقط ايتري خبر هئي ته مون کي هڪڙو پيءُ آهي، بس.

جارج پالمرسي اهو ساڳيو شخص آهي جو واڙلو واري لڙائيءَ ۾ وڙهندي ڦٽجي پيو هو ۽ مئلن سان گڏ پيو هو، جنهن جا پئسا، واچ ۽ سونو ٻلو وغيره ٽينارڊ ڀڙ چورائي ويو هو ۽ انهيءَ کي مدد ڪري آڻاري ويهاري، پوءِ ڪنهن ماڻهوءَ کي ايندو ڏسي ڀڄي ويو هو. پوءِ هو نيٺ چڱو ڀلو ٿيو، ۽ وري جنگي ڪاتي ۾ نوڪر ٿيو، ۽ هاڻي پينشن ملندي هيس. جنهن تي آسائش سان گذارينندو هو. پڻس ڏانهنس ڪڏهن ڪڏهن خط لکندو هو ۽ انهيءَ جا هو پيار مان جواب به لکندو هو، پر نانس آهي خط هن کي نه ڏيندو هو.

ميريس کي ننڍي هوندي موچاري تعليم ملي هئي، بادشاهه جي طرف وارن مان هو. نائي جي طبعيت نه وٺندي هيس، تنهنڪري انهيءَ سان نه پوندي هيس. هو ڏاڍن چڱن اخلاقن وارو ۽ خوش طبع جوان هو. هينئر سترهن ورهين جو هو. هڪڙي ڏينهن نانس

سڏي چيس تہ ”تنهنجو پيءُ سخت بيمار آهي: ضروري خط لکيو اٿس. تون هڪدم وڃ وڃ.“ ميريس پهرين تہ حيران ٿيو جو اهڙي مهرباني جي اميد ڪانہ هيس. پوءِ دل جي خوشيءَ سان انهيءَ حڪم جي تعميل ڪرڻ لڳو. ويجهي ايندڙ گاڏيءَ ۾ چڙهي ڏنل پتي تي روانو ٿيو، وڃي انهي هنڌ پهتو. پٽس کي هڪ ٻہ ڏينهن اڳي دماغ جو تپ ٿيو هو ۽ اوچتو مري ويو. اڃا تازو مئو هو ۽ ڊاڪٽر ۽ پادري مئانس بيٺا هئا، تہ مريس وڃي پهتو. پنهنجي پيءُ کي پهريون دفعو ۽ پويون ڀيرو دفعو ڏٺائين -- منهن تي زخم بيٺو هوس. خوش ٻہ ٿيو ۽ ڏک ٻہ ٿيس، جيڪي حاضر هئا تن سائس معذرت ۽ همدردي ظاهر ڪئي، ۽ نوڪرياڻيءَ هڪڙو ڪاغذ آڻي ڏنس جو سندس پيءُ سندس لاءِ لکي ڇڏي ويو هو. انهيءَ ۾ هيئن لکيل هو: ”منهنجي پٽ ميريس جي لاءِ -- واٽرلو جي جنگ ۾ فرانس جي شهنشاهہ مون کي بئرن ڪيو ۽ سونو پلو ڏنائين. جڏهن رعيتي حڪومت قائم ٿي، تڏهن آنهيءَ خطاب تي اعتراض آندو آهي، ۽ انهيءَ هوندي ٻہ اسان جو خطاب موروثي آهي. اهو تون رکجئين.“ ڪاغذ جي پٺيان وري هيئن لکيل هو تہ ”واٽرلو جي لڙائيءَ ۾ هڪڙي سپاهي ٽينارڊ يئر ٽالي منهنجي جان بچائي هئي. اهو پئرس جي ويجهو مانٽفرميل ۾ هڪڙي هوٽل ٿو رکي، تون انهيءَ سان جيتري

پلائي پچي سگهئي، اوتري ڪجئين." صحيح

ڪرنل جارج پانٽمرسي

ميريس پنهنجي پيءُ جي لاش دفن ڪرڻ کان پوءِ موٽي پنهنجي نائي وٽ آيو. وري اچي پئرس ۾ قاعدن پڙهڻ ۾ مشغول ٿيو. اتي اخبارن ۽ سرڪاري دفترن پڙهڻ سان ۽ وطن دوست مدبرن جي صحبت ڪرڻ سان پنهنجي پيءُ جي بهادريءَ ۽ نيڪيءَ جي تعريف ٻڌائين، تڏهن هن جي اک کلي ۽ پيءَ تي فخر ڪرڻ لڳو، ۽ نائي جي واهياتي ڳالهين تي دل ۾ ڪلڻ لڳو ۽ معلوم ٿيڻ لڳس ته ناحق ننڍي هوندي کان پيءُ کي وساري ڇڏيائين، ۽ مٿس جيڪي خدائي حق ۽ فرض هئا سي بجا آندائين. انهيءَ لاءِ ڏاڍو پشيمان ٿيو ۽ وقت بوقت پيءُ جي قبر تي وڃي معافي گهرڻ لڳو. انهي مان اهو به اثر پيدا ٿيو ته اڳي نانس وانگي ملڪ ۾ فساد ۽ ڦيرگهير ڪرڻ وارن جي طرف جو هو، پر هاڻ پيءُ وانگي بادشاهه جي طرف وارن سان شمار ٿيڻ لڳو، ۽ پيءُ وارو موروثي خطاب ۽ پلو فخر سان ڪم آڻڻ لڳو.

جڏهن وري موڪل تي نائي جي گهر آيو تڏهن نانس اهڙي حقيقت معلوم ڪري منجهانئس ڏاڍو رنج ٿيو. اگرچ سندس ماسي ڪيس گهڻو پيار ڪندي هئي ۽ سندس طرف هئي، ته به ڀيڻو خفقاني گلي نارمنڊ مڙڻ جو نه هو. هن صفا چيس ته "جڏهن هاڻ تون

پنهنجي پيءَ جو پٽ ٿيو آهين ۽ نہ منهنجو، جنهن هيستائين توکي ٻئي پاليو آهي تڏهن مون وٽان نکر. جيڏي وٽئي تيڏي وڃ. اڳتي ڇهين مهيني توکي سٺ مهرون ڀڃايون ويندي يون. بس، وڌيڪ تنهنجو مون سان واسطو ڪونهي." ڪاوڙ کان هن ويچاري جي پيءُ جو وصيتنامو به هن باهہ ۾ ساڙي ڇڏيو، جنهن جو هن کي گهڻو ارمان ٿيو. انهيءَ هوندي به هن کي انهيءَ جو مضمون ياد هو، ۽ هن پڪو ٺهراءُ ڪيو تہ انهيءَ تي تعميل ڪندو رهندو.

انهيءَ طرح ميريس ڪاوڙجي ناني جي گهران نڪتو، ڪيسي ۾ فقط ٽيهہ روپيا هئس. ڪي ٿورا ڪپڙا ٿيلهي ۾ وجهي، گاڏي ڀاڙي ڪري نڪري پيو، ۽ ڪنهن کي سماءُ ڪونہ پيو تہ ڪيڏي ٿو وڃي.

ٻاب ٻارهون

مريس اتان نڪري، شهر جي ٻئي پاسي هڪڙيءَ هوٽل ۾ اچي رهڻ لڳو. سندس ڪاليج جا سنگتي وٽس ايندا ويندا هئا، انهن مان گهڻا ملڪي ڦير گهير ۾ فساد ڪندڙن جي طرف جا هئا. جنهن پاسي هن جو ٻانو هوندو هو. انهن گهڻا مٿا هنيا تہ هي بہ سندن طرف جو ٿئي، مگر هن بادشاهہ جو پاسو نہ ڇڏيو، جنهن جي پاسي هن جو ٻيءَ وڙهيو هو. انهيءَ هوٽل ۾ رهئي، هن جو خرچ ڪٽي ويو. پنهنجا ڪپڙا ۽ پنهنجي واڻ وڪٽي پورائي ڪئي هئائين، فقط ٽي رپيا بچيا هئس.

هڪڙي ڏينهن صبح جو ٽپال ۾ هڪڙو خط آيس جو سندس ماسيءَ جو هو. آنهيءَ پنهنجي ٻيءَ يعني ميريس جي طرفان ڏانهنس سٽ مهرون موڪليون هيون. ميريس اهي ٻئسا وري ماسيءَ ڏي موڪلائي ڏياري موڪليا، ۽ لکيائين تہ "اوهان جي گهڻي مهرباني، مون کي انهن ٻئسن جي گهرج ڪانهي. آءٌ پاڻهي پنهنجي ڪمائيءَ تي گذران ڪندس." اهو خط پڙهي ماسيس کي گهڻو ارمان ٿيو. هن اها ڳالهہ ٻيءَ کي نہ ٻڌائي متان هو ڪاوڙجي. هوڏي ميريس هوٽل ڇڏي ٻهراڙيءَ ۾ سادي گذران ڪرڻ جي ارادي

سان بلوردِ واري مڪان ۾ اچي رهيو، جنهن جو اشارو مٿئين باب جي منڊي ۾ ڏنو ويو آهي.

ميريس جهڙا جوان ۽ پڙهيل ماڻهو انهيءَ عمر ۽ اهڙي حالت ۾ ڏيو سڪيو گذارينداهئا ۽ عيش عشرت ڪندا وتندا هئا، پر هن جي طبعيت ۾ خوش خلقيءَ ۽ نيڪيءَ هن کي ائين ڪرڻ نٿي ڏنو. غريب ۽ اشراف ٿي گذارڻ زياده پسند ٿي ڪيائين. جيڪو ڏک سک مٿن پئي آيس، سو خوشيءَ سان پئي ڪنيائين. نانوائي کان غريبائي ماني وٺيو پيو ڪائيندو هو. ڪپڙا غريبائا ڍڪيندو هو. بلڪ ڪڏهن تہ پيني بہ گذران ڪندو هو. ڪيترا پيرا ماسيس وري وري پئسا موڪليس پر هن اهي قبول نہ ڪيا. ۽ موڪلائي پئي موڪليائين. اچا تائين هو پيءُ جي مانم ۾ ڪارو نشان ڪنيو وتيو، ۽ انهيءَ وارا خيال دل ۾ سانڍيو وتيو. جيڪڏهن تيل جا پئسا نہ هوندا هئا تہ شهر جي بتين تي وڃي پڙهندو هئو. ڏاڍي محنت ڪري پڙهندو رهيو. نيٺ بئرسٽريءَ جو امتحان پاس ڪيائين ۽ ماسيءَ کي خوشيءَ مان اها خبر ڏنائين. ماسيس اهو خط پنهنجي پيءُ کي ڏيکاريو. انهيءَ اهو خط ولي ڦاڙي ڇڏيو ۽ چوڻ لڳو تہ "گڏهہ کي ايترو عقل نٿو اچي تہ ساڳيو ماڻهو ساڳئي وقت ۾ بئرن بہ بئرسٽر بہ ٿي نٿو سگهي."

ميريس کي اتي بوردِ ۾ رهندي گهڻا ڏينهن گذري ويا. ڏاڍي صرفي سان رهندو هو. غريبيءَ

۽ به قرض ڪونه ڪنيائين، بلڪ ٻين کي ٿورو گهڻو اڌاروئي ڏنائين. هن کي دل ۾ فقط ٻن ماڻهن جي حق ادا ڪرڻ جي خواهش هئي: هڪڙي ٻيءَ جي ۽ ٻي ٽينارڊ بئر جي، جنهن جي پارت پٽس وصيتنامي ۾ ڪئي هئي. وجهه وٺي انهيءَ ماڻهوءَ جي ٻتي ڪيڻ ۽ سمهڻ لهڻ لاءِ ماڻهرميل ۾ ويو هوءَ ٽينارڊ بئر جي هوڻل بند ٿي وئي هئي، جو هو ڪنجي ٻيو هو، ۽ ڪنهن کي به خبر ڪانه هئي ته ڪيڏي لڏي ويو. جن کان هن قرض ڪنيو هو سي به انهيءَ جون پيا پڇائون ڪندا هئا. ميريس کي ڏاڍي ڪٽتي هئي ته ڪنهن به طرح انهيءَ شخص کي ڳولي لهان، ۽ هن کي پئسي جي يا ٻي مدد ڏيان، سائس احسان ڪريان.

اتي ميريس کي نانيءَ جي گهر ڇڏي ٿي ورهيه ٿيا هئا. پاڻ هينئر ويهن ورهين جو هو. هن جي سمجهه ۾ هو ته نانس ڪيس نڏو گهري، پر اها سندس غلط فهمي هئي. نانس جي ساڻس حد ڪان وڌيڪ دل هئي، نه ته جيڪر ننڍي هوندي ڪان هن کي پنهنجي ذمي نه ڪري ها. هو شوخ طبعيت جو هو ۽ خفقاني به هو، سندس عمر جو به ته خيال ڪريو. ميريس جي نڪري وڃڻ ڪان پوءِ ڏاڍو ڏک رهندو هوس ۽ هن جي لاءِ ٻيو سڪندو هو ۽ رئندو به هو، پر ڪنهن کي ٻڌائيندو ڪين هو. هوڏي ميريس ڪانئس ۽ سندس پڳهار ڪان ٻيو نفرت ڪندو هو. اگرچ ٻئريسٽر ٿيو هو ته به ٻئريسٽريءَ ڪرڻ جي

بدران ڪتابن لکڻ جي مشغولي ڪندو هو ۽ چڱو پئسو ڪمائيندو هو. هڪڙي چاپخاني واري هن کي ٻاڻ وٽ ٽي رکيو ۽ رهڻ جي جاءِ ٽي ڏنائينس، ۽ سال ۾ ڏيڍ هزار رپيا ٽي ڏنائينس، پر هن پابندي قبول نه ڪئي. آزادي ۽ غريبي سان گذارڻ کي بهتر ٽي ڄاتائين. ماڻهن جي صحبت نه وٺندي هيس، اڪثر اڪيلائي ۽ گوشه نشيني وٺندي هيس. ڪڏهن ڪڏهن سندس پيءُ جا جهونا سنگتي جنرل، ڪرنل ۽ ٻيا وڏا ماڻهو ٻئرس ۾ دعوت ڏئي سڏيندا هئس، اوڏي سو ويندو هو، نه ته گهمام ٽيو پيو گذاريندو هو ۽ آسپاس جي ماڻهن کي فقط سندس نالي ميريس جي خبر هئي، ڪنهن کي به سندس خطاب يا ٻيءَ لياقت ۽ قابليت جي خبر ڪانه هئي. مگر سندس سخا ۽ مروّت ۽ مهرباني ڏينهون ڏينهن مشهور ٿيندي وئي.

سندس پاسي ۾ جانڊريت يا گوروش وارو غريباڻو ڪٽنب جو رهندو هو، ۽ جنهن سان هن جي سڄاڻپ به نه ٿي هئي، تنهن کي جاءِ جي مالڪياڻيءَ مسواڙ نه ڏيڻ ڪري هڪالي ڪڍي ڇڏيو. جڏهن ميريس کي انهيءَ ڳالهه جي خبر پئي تڏهن ڏاڍو ڏک ٿيس. پنهنجي هڙان ويهه رپيا مسواڙ جا هن کي ڀري ڏنائين ۽ پنج رپيا وڌيڪ به ڏنائينس. سي به لڪچوريءَ ۽ تاڪيد ڪيائينس ته هنن کي نه ٻڌائي ته اهي ٻئسا ڪنهن ڏنا آهن.

ميريس عادت ڪري چڏي هئي ته شام جو هڪڙي وڏي باغ ۾ هوا کائڻ ويندو هو، جو پيڪپس واري مڙهيءَ جي رستي تي هو. اتي باغ جي هڪڙي گوشائتي پاسي هڪڙو ٻيو آدمي ۽ هڪڙي جوان ڇوڪري گڏ ويٺل ڏسندو هو. ٻيو انڪل سٽ ورهين جو هو ۽ ڇوڪري چوڏهن ورهين جي هئي. هو هر روز اتي ويندو هو ۽ هر روز هنن کي ڏسندو هو، پر ڪڏهن هنن سان ڳالهائڻ جو اتفاق ڪونه ٿيس. سڄو سال ائين گذريو، تنهن کان پوءِ ڇهن مهينن تائين ڪين سبين ڪري هن جو انهيءَ پاسي وڃڻ نه ٿيو. ڇهن مهينن کان پوءِ هو وري به انهيءَ پاسي وڃڻ لڳو. وري انهيءَ ساڳئي ٻڌي ۽ انهيءَ جوان زال کي انهيءَ ساڳئي هنڌ ويٺل ڏٺائين، پر زال هينئر زياده خوبصورت ۽ پوري جوان ڏسڻ ۾ آيس، اڳي ڇوڪري ٿي ڏٺي. انهيءَ کان پوءِ وري به هر روز اڳي وانگي انهيءَ باغ ۾ ويندو رهيو. هڪڙي ڏينهن انهيءَ جوان زال منهن مٿي ڪري ميريس کي ڏٺو، ۽ ميريس به هن کي ڏٺو. هنن ٻنهي جون اکيون پاڻ ۾ اٽڪيون. انهيءَ وقت کان وٺي ميريس ٻنهنجي دل کسائي ويهي رهيو. ٻنهنجي جاءِ تي موٽي ويو، پر آرام ڪونه آيس. رات جو به انهيءَ جوان زال بابت خيال ڪندو رهيو. جي اها زال جوان ۽ خوبصورت هئي، ته ميريس به ڦوهه جواني ۾ هو ۽ تمام حسين هو.

ٻئي ڏينهن نوان ڪپڙا، نئين ٽوپي ۽ نئين جُتي ڏڪي باغ ۾ هوا کائڻ ويو. انهيءَ ٻڌي مڙس ۽ جوان زال کي انهيءَ ساڪي هئڻ ساڪئي ٻنڌڻ تي ويڙل ڏٺائين. هوءَ ساڪي غريبائي پوشاڪ ۾ هئي، مگر هن کي گذريل ڏينهن کان به زياده سهڻي ڏسڻ ۾ آئي. اکي ڪنڌ هيٺ ڪري ويهندي هئي ۽ ڳالهائيندي ڪين هئي، پر هن ڀيري هو سنهن مٺي ڪرڻ لڳي ۽ ٻڌي سان اهڙو ڳالهايائين جو هن جو سٺو آواز ميريس جي ڪن تي به پيو. اکي ٻنڌڻ جي اکيان لٽڪي ويندو هو، پر هن ڀيري ٻه-ٽي دفعا آيو ويو ۽ آخر سامهون هڪڙيءَ ٻنڌڻ تي ويهي رهيو. ٻاءُ ڪلاڪ کان پوءِ اٿيو ۽ هليو ويو، پر سندس خيال اکي کان به زياده انهيءَ زال بابت هئا. انهيءَ رات ماني به ڪانه ڪڏائين ۽ ننڊ به ڪانه آيس.

وري ٻئي ڏينهن هو سامهون ٻنڌڻ تي ويٺو هو ۽ هڪڙو ڪتاب پڙهيو ويٺي ڏٺائين، تہ اوچتو اهو ٻڌو ۽ جوان زال پنهنجي ٻنڌڻ تان اٿيا ۽ هلندي هئن ڏي اچڻ لڳا. ميريس جي دل ۾ الهجي انهيءَ مهل چا گذرڻ لڳو. هو وٺاءُ اچي لڳهيا، هن ڪتاب ڪٽي بند ڪيو. جوان زل هن ڏي ڏٺو ۽ اکين سان چڻ چيائينس تہ "جي تون مُون ڏي نٿي آئين تہ آءٌ تو ڏي آئي آهيان." هن جي ويجهائي کان هو وائڙو ٿيڻ لڳو. سندس بت پئي ڏکيو. "ٻڌي سو الٽ ڏانهنس گهور سان نهاريو، ليڪن انهيءَ جي هن کي

گهٽي ڪٽتي ڪانه ٿي. هو هن نازنين جي خيال ۾ محو هو. ٻڌي جي دل تي اهڙو اثر ٿيو جو انهيءَ کان پوءِ جڏهن سندن وٺي ميريس باغ ۾ ايندو هو، تہ هي آئي هيڏي هوڏي هان لڪندا هئا. پوءِ رڦتي رڦتي انهيءَ بينچ جي پڇر ڇڏي ڏنائون، پلڪ ڪڏهن ڪڏهن تہ باغ ۾ ئي نہ ايندا هئا، جا ڪالهہ ڏيڍ ورهہ کان هنن جي عادت جي برخلاف هئي.

هڪڙي ڀيري ميريس باغ ۾ آيو. هو ٻڌو ۽ زال هن کي ڏسي پنهنجيءَ بينچ تان اٿي هليا ويا، پر زال هڪڙو آچو رومال اتي ڇڏي وئي- اهو هن وڃي کنيو. انهيءَ مان ڏاڍي سرهي ٻانس آيس. رومال جي هڪڙيءَ ڪنڊ تي الف-ب اکرن جا نشان ٿيل هئا. هو ڏاڍو خوش ٿيو، ڇاتي تي ڪٽي رکيائين، ۽ انهيءَ مان روح جي راحت پئي آيس. تنهن کان پوءِ اها گهٽتي ٿيس تہ معلوم ڪريان تہ هي ڪٿي ٿا رهن. جڏهن هو اٿيا تڏهن پري کان پٺيائن پئي ويو، ۽ جنهن گهر ۾ گهڙيا سو ڏسي ڇڏيائين. پئي وقت اتي وڃي ڪن ماڻهن کان پڇا ڪيائين. انهن ٻڌايس تہ اهو ماڻهو پنهنجي ملڪيت وارو آهي. اگرچ غريب آهي تہ بہ ماڻهن کي خيرات گهٽي ڏيندو آهي." نالو پڇيائين، پر جنهن ماڻهوءَ کان پڇيائين انهيءَ چيس تہ تون ڪو پوليس جو جاسوس آهين ڇا، جو ماڻهن جون پڇائون ڪندو وتين؟" تنهنڪري ميريس شرمندو ٿي هليو ويو.

هڪڙي پيري جڏهن ٻڌو ۽ جوان زال باغ مان گهمي گهر ٿي ويا ۽ ميريس پري کان ٻڌائن ٿي ويو، تڏهن گهر ۾ گهڙڻ وقت ٻڌي ماڻهوءَ ميريس کي منهن ڦيرائي ڏنو. وري انهيءَ جي ٻئي ڏينهن هو اصل باغ ۾ ڪين آيا. ٿي ڏينهن ميريس وڃي هنن جي گهر ڌاري جانچ ڪئي. ڏسي تہ اهو گهر خالي ٿيو پيو آهي. پاڙيوارن کان پڇا ڪيائين، چيائونس تہ "اهو ٻڌو ڏيءَ سميت لڏي ويو آهي، مگر خبر ناهي تہ ڪيڏي ويو آهي." ميريس ناميد ٿي موٽي آيو، ۽ انهي وقت کان وٺي ٻي آرامي ۾ گذارڻ لڳو. ٻوءِ تہ ڏينهن جا ڏينهن، هفتا ۽ مهينا گذري ويا تہ ٻہ هن کي پنهنجي محبوب جو پتو ڪونہ پيو ۽ هو حيران ۽ پريشان گذاريندو وتيو. سارو ڏينهن هڪڙيءَ ڪنڊ ۾ پيو هوندو هو ۽ اڪيلائي ۾ پيو ڳرندو هو. رات جو ننڊ حرام هيس ۽ ڪاڏو پيتو زهر ٿي آيس. ڪڏهن وري ٻاهر نڪري رلڻ ويندو هو، ۽ هميشه پنهنجي محبوب جي ڳولا ۾ رهندو هو.

هڪڙي ڏينهن هن کي هڪڙو ٻڌو ماڻهو گڏيو جو مزور جي پوشاڪ ۾ هو. هن کي ڪي مهانڊا هن جوان زال واري ٻڌي جا لڳا، مگر صورت ٻي ڏسڻ ۾ آيس خوش ٻہ ٿيو ۽ شڪ ٻہ پيس، پر جيستائين پاڻيائين تہ هن کي چتائي ڏسي، تيسين هو نڪري ويو، ۽ هن دل ۾ چاتو تہ "اهو ڪو ٻيو ماڻهو آهي، آءٌ رڳو ڀليو آهيان."

باب تيرهون

ميريس اچا ۽ بلورڊ جي مڪان ۾ رهندو آيو ۽ پاسي ۾ جانڊريٽ جي ڪٽنب کان سواءِ ٻيو ڪو ٻيو ڪونہ رهندو هو. اگرچ اهي ماڻهو، يعني ٻي ماءُ ۽ سندن ٻہ ڌيون، هن جا پاڙيسري هئا، تڏهن ٻہ هي هنن جو اچا واقف ڪونہ ٿيو هو، بلڪ چٽائي ٻہ نہ ڏٺو هئائين.

هڪڙي ڏينهن شام جو ميريس در جي اڳيان پنڌ ڪندو هڪڙي پاسي هليو تہ اونداهيءَ ۾ ٻہ چوڪريون سندس اڳيان ڊوڙنديون اچي لنگهيون، جن تہ ڪو ٻڌيان ٻيو هجين ۽ هو انهن کان پڇي نڪتيون هجن. هنن جي وڃڻ کان پوءِ ميريس اڳڙيءَ ۾ ٻڌل ڪي ڪاغذ لڌا. پڙهائين تہ اهي چوڪريون ڊوڙندي ڪيرائي ويون آهن. فيالحال ڪٿي ڪيسي ۾ وڌائين. جڏهن گهر آيو ۽ ماني کائي ويٺو، تڏهن اهي ڪاغذ ياد پيس. ڪڍي بتيءَ تي ڏسڻ لڳو تہ من ڪو ٻتو پوي تہ انهن کي موڙائي ڏئي. ڏسي تہ جدا جدا ماڻهن جا خط يا عريضيون خيرات جي ٻڌسن لاءِ آهن، جدا عذرن ۽ سببن تي. اهي سڀ شهر جي ڪن سڪرن جي نالي لکيل هئا، ۽ هڪڙو خط هو هڪڙي ٻڍي رحمدل ۽ سخي خيرات ڏيندڙ ماڻهوءَ ڏي، جو ٻڌس واريءَ

ٻاهرينءَ ديول ۾ گهڻو ايندو آهي. ميريس خيال ڪري معلوم ڪيو تہ اڪر ساڳئي ماڻهو جا لڪيل آهن، مگر لڪندڙن جا نالا ٻيا آهن ۽ جدا جدا ماڻهن ڏي آهن. ڪاغذ ۾ ساڳئي قسم جو هو. اڪرن جو شان ۾ ساڳيو، صورتخطي جون چوڪون ۾ ساڳيون ۽ سيني ۾ تماڪ جي باڪس ۾ هئي. خيال ۾ هو تہ هي ڪنهن جا خط آهن ۽ ڪنهن کي موڪلڻي ڏيان. ٻئي ڏينهن صبح جو سويرا در تي هٿ لڳو ۽ سندس سڏ تي هڪڙي ڇوڪري اندر گهڙي آئي ۽ هڪڙو خط آڻي ميريس کي ڏنائين. پوءِ هيڏي هوڏي نهارڻ ۽ ڪتاب ۽ ٻيون شيون ڏسڻ ۽ گستاخيءَ سان ڳالهائڻ لڳي. هڪڙي ڪتاب ۾ واڙرلو جو لفظ پڙهي چوڻ لڳي تہ "واڙرلو جي لڙائيءَ ۾ ٻابو ۽ وڙهيو هو ۽ بادشاهہ جي طرف جو هو." ڪڏهن قلم کڻي ڪاغذ تي لکي چوي تہ "آءٌ ۾ لکي ڄاڻان ٿي."

انهيءَ وچ ۾ ميريس اهو خط ڦاڙي پڙهيو. لفافو تازو بند ٿيل ٿي ڏٺو، جو اڃا ڪوڙو ۾ آلو هو. مضمون هي هو تہ "منهنجا مهربان جوان پاڙيسري، آءٌ اوهان جو گهڻو شڪرگذار آهيان جو مون کي معلوم ٿيو تہ اوهان منهنجي پاران گهر جو مسواڙ ڀري ڏني آهي. اسين غريب ماڻهو آهيون. رات جو ڪاڏي لاءِ ڪين اٿون. منهنجي وڏي ڌيءَ اوهان کي ٻڌائيندي تہ منهنجي زال بيمار پيئي آهي. اسان کي ڪي پئسا خيرات ڏيو- صحيح جانڊريٽ."

ميريس کي انهيءَ خط جي ۾ اکرن ۾ ڊول ڏسڻ سان معلوم ٿيو تہ اهي ٻيا خط ۾ انهيءَ ماڻهوءَ جا لکيل آهن ۽ هن خيرات وٺڻ جو اهو ڏنڌو ڪري ڇڏيو آهي. تڏهن ميريس اهي اڳڙيءَ ۾ ٻڌل خط انهيءَ کي ڏيئي چيو تہ "هي خط ۾ اوهان جا ٿا ڏسجن، جي مون اڳهٽو ٻاهران لڌا هئا." ڇوڪريءَ اهي کولي ڏسي چيو تہ "هائو، برابر، منهنجي ڀيڻ ڊوڙندي ڪيرايا هئا." ٻوءِ هڪڙو هڪڙو خط ڪڍي ڏسي چوندي وئي تہ هي ٿلاڻي صاحب جي ٽالي آهي، اهو هڙو سخي آهي، هڙو رحمدل آهي. جڏهن ٻڌي رحمدل گهنام ماڻهوءَ جي خط تي آئي، تڏهن چيائين تہ "اهو ٻيو ڏاڍو چڱو ۽ سخي ماڻهو آهي. هر روز ديول ۾ ايندو آهي. هينئر سندس اچڻ جي مهل آهي. وڃي ٿي هي ڏيانس. هميشه اسان کي خرچي ڏيندو آهي." جڏهن هو وڃڻ لڳي تڏهن ميريس کيسي ۾ هٿ وڌو. وٽس هئا ٿي پنج رپيا ۽ ٻارهن آنا، جن مان انهيءَ ڏينهن جو کاڌو ڪري ها. هن اهي ٻارهن آنا پاڻ لاءِ رکيا، ۽ پنج رپيا ڇوڪريءَ کي ڏيئي ڇڏيائين تہ وڃي پيءُ کي ڏئي. هو ڏاڍي خوش ٿي، رپيا وٺي ٽپ ڏيندي گهر هلي ويئي.

ڇوڪري جي وڃڻ کان پوءِ خيال پڇائيندي ميريس کي دل ۾ آيو تہ ڏسان تہ هي ڪهڙي قسم جا ماڻهو آهن، سچي پچي غريب آهن يا ٺڳ آهن، جيئن خطن مان معلوم ٿي ٿيو. هنن جي جاءِ ۽ سندس جاءِ

جي وچ ۾ جا پٽ هئي، سا چڪاسي ڏائين تہ آنهيءَ ۾ مٽي چٽ ڪان هيٺ هڪڙو اٿلڪو ٽنگ هو، جو گاري لهڻ ڪري ٽي پيو هو. انهيءَ هنڌ سندس جاءِ ۾ ڪپڙ رکيل هو. هن رٽ ڪئي تہ ڪرسي رکي ڪپڙ تي بيهي انهيءَ سوراخ مان نظر ڪريان. اهو ارادو ڪري ڪپڙ تي چڙهي، بيهي ڏسڻ لڳو. ڏسي تہ هنن جي جاءِ ڏاڍي گندي آهي، سامان منجهس ڪو نالي جو آهي، هڪ-ٻہ ڪٽولا آهن جن تي خراب هنڌ پيل آهن، هڪڙو ٻيو مڙس ويٺو آهي ۽ ٻي تمام ٿلهي مضبوط قداور زال آهي، ۽ سندس نڍي ڏيءَ ٻہ اتي حاضر آهي، پاسي تي هڪڙو ميز جو ٽڪر پيو آهي، جنهن تي مس قلم ۽ ڪاغذ پيل آهن.

ائين ڪندي ميريس ڏٺو تہ هنن جي جاءِ ۾ هنن جي وڏي ڏيءَ جا وٽس ٻہ آئي هئي سا ڊوڙندي آئي اندر ۽ تڪڙو تڪڙو چوڻ لڳي تہ "آهو سخي ماڻهو اچي ٿو." ميريس کي هڪدم ياد پيو تہ اها چوڪري خط ڪٽي انهيءَ ٻڍي سان ديول ۾ ويندڙ ماڻهوءَ ڏي وئي هئي، ۽ اهو ٻہ ياد پيس تہ انهيءَ خط ۾ انهي کي لکيل هو تہ "اوهين پلائي ڪري هن منهنجي ڏيءَ سان اسان جي گهر اچي ڏسو تہ اسان جو ڪهڙو خراب حال آهي، ۽ آءٌ اوهان کي پنهنجا سرٽيفڪيٽ ٻہ ڏيکاريندس." تنهنڪري سهي ڪيائين تہ شايد انهيءَ ماڻهوءَ کي سڏ وٺي آئي آهي.

سٽت ئي هڪڙي گاڏي جو آواز آيو، جا در تي اچي بيٺي. جانڊريٽ ۽ سندس زال تڪڙا تڪڙا اٿيا. باهر اجهائي چڏيائون ۽ گاڏي پيتي جي شئي پاسي ڪري لڪائي چڏيائون، انهيءَ لاءِ تہ هو اچي سندن غريبيءَ جو حال ڏسي. زال ڊوڙ پائي وڃي هڪڙي هنڌ تي ليٽي بيمار ٿي ڪيري پيئي. پڳل شيشن مان سرد هوا جاءِ ۾ پئي آئي. اٿين ڪندي در کي هٽ لڳو، ۽ هڪڙو ٻيو ماڻهو ۽ هڪڙي جوان زال پيئي اندر لنگهي آيا. ميريس سوراخ مان ويٺي ڏٺو. هڪدم معلوم ڪيائين تہ اهو ٻيو ۽ اها زال آهي ئي آهن جن کي باغ ۾ ڏسندو هو ۽ جن لاءِ هي حيران هو. اهو ئي محبوب هو، جنهن لاءِ ٻي آرام هو ۽ ڳولائون ڪندو وتيو. انهيءَ وقت انهيءَ ۾ بجليءَ جهڙو اثر ٿيڻ لڳو ۽ ڏکڻ لڳو، اهڙو جو ذري گهٽ ڪيٽ تان ٿي ڪيريو.

ٻيي مرڪي هڪڙي ڪنڊڙي جانڊريٽ کي ڏني، ۽ چيائينس تہ "انهيءَ ۾ اوهان جا نوان ڪپڙا ۽ گرم جوراب، ٽوپيون ۽ ڪٿا پيل آهن." جوان زال وري چوڪرين کي پيار ڏيڻ ۽ انهيءَ سان ڳالهائڻ ۾ مشغول ٿي ويئي. انهيءَ وچ ۾ گهر جي ڀاتين هڪٻئي سان ڪن ۾ ٻہ پئي ڳالهيون ڪيون ۽ هنن کي عرض احوال ٻہ پئي ڪيائون، جانڊريٽ چيو تہ اسان تي گهڻو ترس آهي، وري جاءِ جي مسواڙ ڏيڻي پئي آهي،

نہ تہ اج شام جو اٿين بجي اسان کي هڪالي ڪيندا. ڪاڏي لاءِ اڪئي ڪين اٿئون." انهيءَ طرح وڏو قصو ڪري ويو. ٻڌي سخيءَ کيسي مان پنج روپيا ڪڍي هن کي ڏنا. انهيءَ تي البت هو ناراض ٿيو. قصو وڏو ڪري ويو، مليو ٿوروا ٻڌي دلاسو ڏيئي چيس تہ "اج شام جو چهين بجي آءٌ اوهان کي سؤ روپيا هتي آڻي ڏيندس." تنهن کان پوءِ جانڊريٽ جي زال، جا بيمار پيئي هئي، تنهن کي ڏٺائون. پوءِ موڪلائي موٽڻ لڳا. هلڻ وقت جيڪو گرم ڪوٽ ٻڌي جي بدن مٿان پيل هو، سو به لاهي هنن کي ڏنائين. ظاهري ڪري هو سڀ خوش ٿيا، هنن کي دعائون ڏيڻ لڳا. جانڊريٽ پاڻ به هنن سان گڏجي در کان ٻاهر اماڻ لاءِ ويو.

ميريس اهو سڀ رنگ ڏٺو، مگر هن جون اکيون فقط هن جوان زال ۾ هيون، جنهن جو هو مشتاق هو. ٻيو جيڪي ٿي گذريو، تنهن جو ڪو به سماءُ ڪونہ رهيس. هن جي وٺي کان پوءِ، هن جي نظر ۾ سچي پچي اونداهي اچي وئي، ۽ دل سست ٿيڻ لڳيس. هي ٽپ ڏيئي ڪهٽ تان اٿيو. دل چيس تہ هنن جي ٻڌيان لڳو وڃي ۽ معلوم ڪري تہ ڪٿي ٿا رهن. اهو خيال ڪري ٻاهر نڪتو، ۽ ڏسي تہ گاڏي اڪئي هئس واري سڙڪ ڏيئي رواني ٿي. هيءُ انهيءَ پاسي ڏاڍو ڊوڙيو. اوچتو هڪڙي نندي پاڙي جي گڏي خالي ٿي آئي، تنهن کي بيهاري

ٽپ ڏيئي منجهس ويهي رهيو، ۽ هن کي چيائين ته هن پاسي گاڏي هڪل. هن کي بدن تي پورا ڪپڙا ئي پيل نه هئا، سو گاڏيءَ واري کي ڪو شڪ گذريو، تنهن پئسا اکيوات گهريا. هن وٽ پئسو موجود ڪونه هو، لاچار موٽي پنهنجي جاءِ ۾ آيو، پر اندر لنگهندي جانڊريٽ کي ڏٺائين ته ٻاهر سيءَ ۾ ٻڌي وارو ڪوٽ ڏڪيو، هڪڙي ٻئي بدشڪل بدمعاش ماڻهوءَ سان ٻيٺو ڳالهائي. اهڙا ماڻهو اڪثر رات جي وقت رلندا وتندا آهن، ۽ وجهه ڏسي اڪيلن ماڻهن کان ڦرمار ڪندا آهن.

ميريس جيئن ناميديءَ ۾ اندر اچي هنڌ تي اونڌو ٿي ڪيري پيو، ته اوچتو جانڊريٽ جو ڳرو آواز ٻڌائين، جنهن پنهنجي گهر اچڻ سان ئي زال سان وڏي آواز سان ٻئي ڳالهايو. ميريس دل ۾ چيو ته وري به سوراخ مان ڏسان ۽ ٻڌان، من کو هن جو پتو سندن واتان نڪري. هڪدم وري ڪٽ تي چڙهي ڏسي ته سيئي گهر جا ٻاتي گڏ آهن. جانڊريٽ زال کي ٻيو چوي ته "چو، تو سچاتو ڪونه؟ مون کي پڪ آهي ته اهو ساڳيو آهي، اگرچ اٿ ورهيه گذريا آهن ۽ هينئر هو آروءَ جهڙيءَ پوشاڪ ۾ آهي، ته به آءٌ بيشڪ سچاڻانس ٿو ته اهو ئي آهي." زال چيو ته "هوندو! چوڪريءَ ۾ به مون کي شڪ پيو ته اهائي آهي، رکو هينئر وڏي ٿي آهي ۽ خوبصورت ۽ جوان زال ٿي ٻئي آهي." مڙس چيو ته "هاڻ مون به رٽ ڪئي

آهي تہ آءٌ بہ هن وانگي غريب مان شاهوڪار ٿيندس. اسين اڪتي بڪ ۾ ڏک ۾ ڪيون گذاريندا سين." زالس پڇيو تہ "آءٌ تنهنجي پرولي نٿي سمجهان. ڇا ٿو چوين؟ ڪهڙي رٽ ڪئي اٿئي؟" جانڊريٽ ويجهو ٿي آهستي چيس تہ "اڄ ڇهين بجي شام جو هو پئسا ڪٽي ايندو. انهيءَ مهل ٻيو ماڻهو ڪونہ هوندو. اسان جو پاڙيسري اڪثر دير سان ٿو اچي. گهر جي مالڪياڻي بہ انهيءَ مهل پري ٽانون ڏوئڻ ۾ ٻئي ڪم ڪار ۾ مشغول هوندي. ڇوڪرين کي ٻاهر پهري تي بيهاريندا سين. زور ڪري ڪنهن بہ طرح هن کان لڪائي وٺندا سين. هاڻ آءٌ وڃان ٿو ۽ وڃي ڪن ٻين سنگتين سان بہ صلاح ڪريان ٿو، جو شايد انهن جي بہ مدد ڪم اچي." ائين چئي هو ٽوپي ڏکي، ٻاهر نڪري هليو ويو.

جڏهن هو روانو ٿيو، تڏهن ميريس هيٺ لٿو. هڪڙو لڳي ويو هو. جيڪي ڏٺو ۽ ٻڌو هئائين، تنهن تي ويهي خيال ڪرڻ لڳو. پڪ ٿيس تہ هن ٻڌي جي برخلاف ڪو خراب ۽ خوفناڪ منصوبو ٿو ٿئي، تنهن جو علاج ڪرڻ گهرجي ۽ انهيءَ کي روڪجي. اها بہ خوشي ٿيس تہ جي آءٌ انهيءَ طرح هن کي مدد ڏيئي سگهان يا هن جو ساهہ بچايان تہ مون کي پنهنجي محبوب سان ملڻ جو زياده امڪان ٿيندو. اهو پهہ پچائي، ڪپڙا ڏکي ٻاهر نڪتو. سڌو پوليس آفيس ۾ ويو. هڪڙو ڏگهو قداور انسپيڪٽر ويٺو هو،

تنهن کي حال ڏنائين، ۽ جانڊريٽ جو نالو نشان ٻڌايائين. پوءِ اها رٿ ڪيائون تہ ميريس اڪواٽ لڪي اچي گهر ۾ ويهي، جيئن هو سمجهن تہ ٻاهر آهي. انسپيڪٽر کي ٻيا پوليس وارا ساڻ ڪري ٽوري پنڌ تي ڪنهن جاءِ ۾ ويهي رهندو. انسپيڪٽر ميريس کي ٻہ ننڍا تماچا ڏنا ۽ چيائينس تہ "تون پنهنجي پٽ واري سوراخ مان انهيءَ وقت ويهي ڏسج، جڏهن ڏسين تہ ڪا خوفناڪ ڳالهہ ٿيڻ تي آهي، تڏهن هڪڙو تماچو ڪٽي ڇوڙج تہ اسين ڊوڙي اچي هنن تي ٻولداسين، جي وچ ۾ ڪا ٻي ڳالهہ ٿئي تہ مون کي اچي ٻڌائج. منهنجو نالو جاورٽ آهي."

شام ٿي، ڇهہ لڳا. ميريس اڳيتي اچي در بند ڪري لڪي پنهنجي جاءِ وٽي ويهي رهيو. جانڊريٽ جي جاءِ ۾ بتي پئي ٻري. انهن ڏينهن ۾ سج سوير اڀندو هو ۽ ڇهين بجي ڌاري اونداهي ٿي ويندي هئي. سڀ ڀاتي حاضر هئا. زال - مڙس پاڻ ۾ ڳالهيون ڪرڻ لڳا. ڇوڪرين کي موڪليائون تہ ٻاهر نظرداريءَ تي ٽهي رهن. ميريس جي نالي هنن ڇيو تہ ٻاڙيسريءَ جو در بند آهي، اڄا ڪونہ آيو آهي، هميشہ دير سان ايندو آهي. گهر جي مالڪياڻيءَ جي نالي چيائون تہ اها ٻہ ڪانهي، ڪيڏي ٻاهر ويل آهي. پڪ ٿين تہ سڀ بندوبست ٻورو آهي. رات ڪنهن طرح سان گذري، پئي ڏينهن هو شاهوڪار ٿي ٻوندا، ۽ عملدا وڳا ڍڪيندا ۽ عملدو طعام کائيندا وتندا

باب چوڏهون

ميريس سوراخ ۾ اک وجهيو بيٺو هو. هنن جي جاءِ ۾ ٻه شيون ڏسڻ ۾ آيس، جن جي معنيٰ سمجهي نه سگهيو: در جي ويجهو هڪڙيءَ ڪنڊ ۾ پراڻي لوهه جي اوزارن جو ڍير ۽ ڪي رسا پيل هئا، ۽ هڪڙو رنبي جهڙو اوزار باهه ۾ پئي ڳاڙهو ٿيو. جانڊريٽ پاڻ توڙي سندس زال ڏاڍي خوفناڪ صورت ۾ هئا. ماڻهو نٿي ڄاڻيا، جن ڀوت پئي معلوم ٿيا. جانڊريٽ تماڪ جي نلي وات ۾ وجهي هڪڙيءَ پراڻي چنڊل ڪرسيءَ تي ويٺو هو. زال کي چيائين ته "سيءَ ٿو پوي، هو ضرور گاڏيءَ ۾ ايندو. هي پئسا وٺ، هو لنگهي اندر ٿئي ته گاڏيءَ واري کي ڀاڙو ڏيئي روانو ڪري ڇڏجئين." پوءِ پئسا ڏئي ڇڏيائينس. هڪڙو وڏو چاڪو، خنجر جهڙو، ميز جي خاني مان ڪڍي، تکو ڪري وري آني رکي ڇڏيائين. رسن جي ڍير کي کولي، ڏسي وري رکيائين. ميريس ڏٺو ته اها رسن جي ڏاڪڻ هئي، جنهن ۾ ڪاٺ جا ڏاڪا هئا، ۽ منهن ۾ لوهه جا ڪنڊا اٽڪائڻ جا پيل هئس. پيا لوهار جا اوزار به ڪنڊ ۾ پيل هئا، سي به جانچي ڇڏيائين. اهو سامان صبح جو جاءِ ۾ ڪونه هو. هو پوءِ اندر ويو. چوڪريون اڳيئي ٻاهر نظرداريءَ لاءِ لڪري وڃي بيٺيون هيون.

ائين ڪندي زال ٻاهر وئي ۽ ستت ئي وري آئي ۽ چوندي آئي ته "سائين، ڀلي آيؤ. هليا اچو." جانڊريٽ به چيو ته "سائين، ڀلي آيؤ. اوهان جي گهڻي مهرباني." ٻيو سخي مڙس گهڙي آيو. خوشيءَ مان ٻُسا ڪڍي هنن کي ڏنائين، ۽ چيائين ته "اجهي هي اوهان جي مسواڙ جا ٻُسا، ۽ ٻي بخشش." هو ڪيس دعائون ڪرڻ لڳو. انهيءَ وچ ۾ مڙس جي اشاري تي زال ٻاهر وڃي گاڏيءَ واري کي روانو ڪري ڇڏيو، ۽ پاڻ موٽي آئي. انهيءَ وقت ميريس ڏٺو ته هڪڙو ٻيو ماڻهو آهستي آهستي اچي ٻڌي جي ٻئيان ڪنڊ ۾ لڪي بيٺو. ٻڌي کي هڪڙي ڪرسي ڏنائون، تنهن تي هو ويهي رهيو. ٻڌي ڏسي ورتس. هنن کان پڇيائين ته "هي ڪير آهي؟" جانڊريٽ چيو ته "اهو هڪڙو پاڙيسري آهي، اوهان کي ايندو ڏسي لنگهي آيو آهي." ائين ڪندي ٻيو به هڪڙو ماڻهو لنگهي اچي، هن ٻهرئين جي پر ۾ ويهي رهيو. انهيءَ جي نالي به جانڊريٽ پاڻيهي چيو ته "هيءُ به پاڙيسري آهي، انهيءَ جو ڪو خيال نه ڪريو." پوءِ هن سان هيڏي هوڏي جون ڳالهيون ۽ سندس تعريف ڪرڻ لڳو. ستت ئي پوءِ ٻڌي نظر ڪئي ته ٻيا ماڻهو به انهن جي پر ۾ ويٺا هئا. چارئي مضبوط ماڻهو هئا. پانهون اگهاڙيون هين، ۽ منهن ڪارا هئن. جانڊريٽ ٻڌي کي حيرانيءَ ۾ ڏسي ڪيس چيائين ته "حيران نه ٿيو.

هي سڀ پاڙيسري آهن. بخارا صاف ڪندا آهن، اڳرن جو ڪم ڪندا آهن، تنهنڪري ڪارا ٿيا آهن."

اوچتو ئي اوچتو جانڊريٽ اکيون ڪڍي شوخيءَ مان ٻڍي جي اکيان آيو ۽ رڙ ڪري چيائينس ته "تون مون کي سڃاڻين ٿو! آنهيءَ وقت هڪڙا ٻيا ئي ماڻهو بدليل پوشاڪ ۾ گهڙي آيا- هڪڙو سنهو هو، جنهن کي لوهه جي لٽ هٿ ۾ هئي. ٻيا ٻه ڳرا مڙس هئا، ۽ هڪڙي کي ڪهاڙي ۽ ٻئي کي هڪڙي وڏي ڊرنٽ جيڏي لوهه جي ڪنجي هٿ ۾ هئي. انهن کان جانڊريٽ پڇيو ته "ڪيئن؟" هنن چيو ته "سڀ ڪم تيار آهي. ٻن گهوڙن واري گاڏي به ٻئي آهي."

ٻڍي کي هڪدم شڪ پيو ۽ ڊپ ٿيڻ لڳس. ئي ڇٽا وڃي در جهلي بيهي رهيا، ۽ ٻيا خوفناڪ صورت ۾ ٻڍي جي ويجهو اچڻ لڳا. جانڊريٽ وري به اکيون ڪڍي ٻڍي کي چيو ته "تون مون کي نٿو سڃاڻين؟" هن چيو ته "نه." نڏهن منهن تمام ويجهو نيئي هن کي چهاڻين ته منهنجو نالو جانڊريٽ نه آهي، آءٌ ٽينارڊيئر آهيان، مانٽفرميل جي هوٽل وارو! ياد پوئي ٿو يا نه؟"

ميريس پهرين خوفناڪ حالت ڏسي لهي تپاچي ڇوڙڻ تي هو، پر جڏهن ٽينارڊيئر جو نالو ٻڌائين، تڏهن هڪدم پاڻ کي روڪيائين. اهڙو ڏکي ويو جو ڪپڙن تي هو، ذري گهٽ پاڻ کي هٿي ساري

وجهڻ تي هو. اهو ئي شخص ٽينارڊ ڀئر هو، جنهن سان پيءُ جي وصيت موجب احسان ڪرڻ جو وجهه پيو ڳولينڊو هو، ۽ پيءُ کان پوءِ انهيءَ سان پلائي ڪرڻ جي ڪٿي هوندي هيس. هينئر تپاجو چوڙي، هن کي پوليس جي هٿان ڪيئن گرفتار ڪرائي. وري جي اڻين نٿو ڪري ته نيڪ ٻڌو ٿو مارجي، جنهن کي پنهنجي محبوب ٻڌو پيءُ ٽي سمجهيائين ۽ جنهن جي ساهه بچائڻ ڪري هن سان ساڻ جو گهٽو امڪان، ٻڌڪ يقين نظر ٽي آيس. هيڏي ٻاهه، هوڏي پاڻي، هاڻ ڪيئن ڪري. خيال ڪرڻ جو وقت ڪونه هو هڪ لحظي جو ڪم هو، يا هيئن ڪري يا هونئن!

انهيءَ وچ ۾ جانڊريٽ، يا جنهن کي هاڻ اسين ٽينارڊيئر سڏينداسون، سو ٻڌي کي چوڻ لڳو ته "توکي ياد نه آهي ته اٿ ورهيه اڳي تون اچي اسان کي پئسا ڏيئي چوڪري ڇڏائي هاڻو ويو هوئين؟ نه چوڪري ٽي موٽائي ڏنيئي نه زياده پئسا ٽي ڏنئي. پڻ ڏڙڪا ناب ٽي ڏنئي. اڄ توکان اهو ويو وٺندس." ٻڌي جيو ته "آءٌ پانيان ٿو ته تون پلجين ٿو. پر ظاهر آهي ته تون ۽ هي سڀ هڪڙي چورن ۽ بدمعاشن جي ٽولي آهيو." تنهن تي ٽينارڊيئر چيو ته "مهربان، توکي خبر هجي ته آءٌ اڳي سرڪاري جنگي سپاهي هوس. آءٌ واٽرلو جي مشهور لڙائيءَ ۾ فرانس جي بادشاهه جي طرفان وڙهيو آهيان ۽ جنرل پانٽمرسيءَ جهڙي وڏس کي مون بچايو هو، پڻ تي ڪٿي ٻاهر سلامتي

جي جاه تي پهچايو مانس. آءُ چور ۽ بدمعاش ڪين آهيان. زماني جي گردش ڪان غريب ۽ ڪنگال ٿي پيو آهيان. هاڻ مطلب آهي ته مون کي تمام وڏي رقم گهرجي، جنهن مان آءُ پاڻ کي هڪدم شاهوڪار ڪريان، انهي لاءِ مون پڪو ڦهراءُ ڪيو آهي."

هي ذڪر ٻڌي ميريس جي ڳٽتي ۽ بي آرامي پاڻ زياده ٿيڻ لڳي. پيءُ جي ۽ سندس وصيت جي ۽ خود پنهنجن فرض ادا ڪرڻ جي يادگيري تازي ٿيڻ لڳي. ساڳئي وقت ۾ پنهنجي پياري نازنين جي شڪل به ياد اچڻ لڳيس.

ايتري ۾ ٻڌي هيڏي هوڏي نهاري اوچتو ٽپ ڏئي پاسي واريءَ دريءَ وٽ ويو ۽ دري پٽي اڏوگابرو ٻاهر نڪري ويو جو سيني مڙسن ڊوڙي وڃي ورتس ۽ گهيلي اندر ڪيائونس. پوءِ ته سيئي هٿيار ۽ اوزار کڻي هن تي ڪاهي آيا. انهن کي ڏسي، ميريس وري به تپاجي ڇوڙڻ لاءِ تياري ڪئي، ۽ دل ۾ چيائين ته "بابا سائين، مون کي معاف ڪجو، آءُ پنهنجي وس ناهيان." ذري گهٽ تپاڇي جي گهوڙي کي ٽي لاتائين ته ٽينارڊيئر هڪل ڪري پنهنجن سنگتين کي چيو، ته "ٻياي بيهو، هن کي ڪوبه ايذاءُ نه پهچايو"، تنهنڪري ميريس به هٿ جهليو. ايتري ۾ ٻڌي ڏاڍي تياري ڏيکاري، هڪڙي

کي اهڙو ڏکو ڏنائين جو پري چوٽيءَ ۾ وڃي ڪيريو، ٻين کي هڪڙو مترڪو ڪٽي اهڙو ڏکو هنيائين جو اونڌا ٿي ڪيري پيا، ۽ چوٽين کي مروڙي گوڏن هيٺ جهڪائي، مٿانئس چڙهي ويٺو. پر، ٻيا چار انهيءَ وچ ۾ چڙهي ويس ۽ ڪيرائي وڌائونس. ۽ ٻڌي ويهاري ڇڏ يائونس. پوءِ ٽينارڊ ٻئر جي چوڻ تي سندس بدن جي تلاشي ورتائون: نڪو پاڪيٽ بڪ هوس، نڪا واچ، نڪا ٻي قيمتي شئي، فقط ڇهه رپيا ڪيسي ۾ پيل هئس ۽ خالي رومال.

پوءِ ٽينارڊ ٻئر قابو ٿيل ٻڌي جي اڳيان ڪرسيءَ تي ويهي رهيو ۽ چوڻ لڳس ته "سائين، هاڻ ٻڌ- مون کي ٻه لک رپيا گهرجن، ڪوڏي ٻه گهٽ نه! اها رقم ڪڍي ڏي ته پوءِ تنهنجي وار کي ٻه ڪو جوڪو ڪونه رسندو، انهيءَ جو آءٌ ضامن ٿو پوان. تون چوندين ته مون ساڻ ايترا ته پئسا ڪين آهن، تون رڳو ڪاغذ تي لک، جيڪي آءٌ چوندو وڃان." ائين چئي ميز آڏي اڳيان رکيائونس، ۽ مس قلم ڪاغذ به. پوءِ فقط سڄي ڀانهن ڇوڙيائونس. تنهن کان پوءِ ٽينارڊ ٻئر هيٺن چوندو ويو ۽ ٻڌو لکندو ويو: "منهنجي پياري ڏيءَ، هن خط پهچڻ شرط مون وٽ ٻاي آءٌ. خط آڻيندڙ ماڻهو توکي مون وٽ وٺي ايندو. آءٌ ترسيو ويٺو آهيان." پوءِ ٽينارڊ ٻئر چيس ته "هاڻ انهيءَ جي هيٺان صحيح ڪر. خبر ناهي ته تنهنجو

نالو ڇا آهي، پر مون کي توتي اعتبار آهي." ٻڌي ورندي ڏني ته "منهنجو نالو "اربين فيبر" آهي."
ٽينارڊ ڀڙ جهٽ ۾ پنهنجي ڪيسي مان هڪڙو رومال ڪڍيو، جو ٻڌي جي بدن تلاشيءَ مان لڌو هو. انهيءَ جي ڪنڊ تي ڏٺائين ته الف-في جا اکر لکيل هئا، تڏهن چيائينس ته "ڇڳو، الف-لي ڪٽي لک." ٻڌي ائين ڪيو. پوءِ هن کان ڪاغذ وٺي. ائبريس پڇي لفافي ۾ وڌائين ۽ لفافي تي سرنامو لکايائين، جو هيءُ هو:
"اربين فيبر جي گهر نمبر ١٧ ۾، سندس ڏيءُ ڪي رسي، ٻيڪپس واري ٻاهرين ديول جي ويجهو."
ٽينارڊ ڀڙ خط وٺي زال کي ڏنو، ۽ چيائينس ته "هڪدم وڃ. ٻاهر گاڏي تيار بيٺي آهي." ۽ هڪڙي ڪاري منهن واري سنگتيءَ کي چيائين ته "تون هن مان گڏيو وڃ ۽ گڏيو اچ." اهو هن جي زال سان نڪري ويو ۽ باقي پنج بدمعاش رهيا، ٽينارڊ ڀڙ ۽ ٻڌي ڪان سواءِ. ذري تائين ماڻ ٿي ويئي ۽ سڀڪو پنهنجي منهن ويهي رهيو. ميريس بي انتظار ۾ بيهي رهيو ۽ ڊپ ۾ پئي ٿيس، جو چاتائين ته ٻڌي جي ڏيءُ يعني سندس محبوب کي وٺي ايندا.
ٿوريءَ ماڻ کان پوءِ ٽينارڊ ڀڙ ٻڌي کي چيو ته "توکي خبر هجي ته تنهنجي ڏيءُ کي منهنجي زال پهرين ٻئي هنڌ وٺي وڃي روڪيندي، ۽ جڏهن تون مون کي گهربل رقم ڏيندين، تڏهن توکي تنهنجي ڏيءُ ملندي، نه ته جيڪو ماڻهو منهنجي زال سان

ويو آهي، انهيءَ کي حڪم آهي تہ چوڪريءَ کي پورو ڪري ڇڏي. زال جي اچڻ کان پوءِ اسين توکي آزاد ڪنداسين، پوءِ تون پلي سمهي ننڊ ڪج. اسان کي ڪا ٻي خراب نيت ڪانهي."

هي ٻڌي ميريس جي دل ۾ الهجي ڪهڙا ڪهڙا خيال اچڻ لڳا. ذري چوي تہ تپاچو ڪٽي ڇوڙيان تہ هي بدمعاش جهلجي پون. پر وري بہ ڊپ ٿيس تہ متان ٻڌي جي ڏيءَ انهيءَ ڪري مارجي وڃي. اتي قريب اڏ ڪلاڪ ڪان پوءِ اوچتو ٽينارڊيئر جي زال اچي نڪتي ۽ ڪاوڙ مان سڙن تي هٿ هڻندي آئي ۽ چوڻ لڳي تہ "ڪوڙو نالو ۽ ڪوڙو ٻتو- اهڙو ماڻهوئي اني ڪونہ ٿو ليي." ٽينارڊيئر کي بہ ڏاڍي چڙ لڳي، ۽ ٻيا بدمعاش بہ سنبري اٿيا. صلاح ڪيائون تہ مارڻ کان سواءِ ٻيو چارو ڪونهي. ٽينارڊيئر ميز جي خاني مان خنجر ڪڍيو ۽ سيئي گڏجي ٻڌي کي ڪهڻ لاءِ تيار ٿيا. ميريس اڃا بہ تپاچي ڇوڙڻ لاءِ ديرندار ٿئي ڪئي ۽ هڪڙي خوف جي ڪري لاچار تپاچو نہ ڇوڙيائين، هڪڙو ڪاغذ ڪٽي انهيءَ ۾ پٿر يا ڀيت جو ڇاپوڙو ٻڌي، ويڙهي سوراخ مان لڪهائي هن جي جاءِ ۾ آڇلايائين. ٽينارڊيئر کي ٻڪ ٿي تہ ڪنهن جاسوس اسان کي ڏٺو آهي ۽ پوليس اسان جي پٺيان آهي. بدمعاشن ٻڌي کي ڇڏي ڏنو، ۽ دريءَ مان ٽپي ڀڄڻ جي تياري ڪرڻ لڳا تہ ايتري ۾ در مان انسپيڪٽر جاورٽ پنهنجن سپاهين سميت لنگهي آيو. بدمعاشن کي اوزارن

سان وڙهن لاءِ ايندو ڏسي چيائين تہ "ماڻ ڪري بيهي رهو، اوهين ست آهيو. اسين پندرهن چٽا آهيون ۽ هٿيارن سميت." اتي هن جي آواز تي سندس سپاهي بہ لنگهي آيا ۽ بدمعاش سڀ جهلجي پيا. جڏهن انهن کي هٿ ڪڙيون پيون، تڏهن جاورٽ ٻڌي وٽ آيو، جو هيستائين ڪنڌ هيٺ ڪيو ويٺو هو. حڪم ڪيائين تہ "هن کي کوليو." تنهن کان پوءِ اسپيڪٽر وچ ۾ ڪرسي وجهي ميز وٽ ويهي رهيو، ۽ قلم مس سان ويهي پنهنجي رپورٽ لکڻ لڳو. ٿورو رکي پوءِ چيائين تہ "اهو ماڻهو جنهن کي هنن ٻڌو هو، تنهن کي وٺي اچو." هيڏي هوڏي ڏٺائون تہ اهو ڪونہ هو، گوڙ گڙ ۾ گم ٿي ويو. در تہ قابو هو، شايد دريءَ مان ٽپي هليو ويو هو. ٻاهر نڪري ڳولا ڪيائون پر هن جو ڪوبہ پتو ڪونہ پيو.

باب پندرهون

انسپيڪٽر جاورٽ پنهنجا قيدي وٺي ٻاهر ٽيو ۽ ٽي ڀاڙي جون گاڏيون هٽ ڪري انهن کي چاڙهي وٺي ويو. هن جي وٺي کان پوءِ ميريس نڪتو. نائين - ڏهين بجي جو وقت هو. پنهنجي هڪڙي ڪاليج جي دوست وٽ وڃي رات ٽڪيو ۽ صبح جو سوير اچي جاءِ جي مسواڙ ڏئي، حساب صفا ڪري، سامان ڪٽائي هاڻو ويو. ڪنهن کي ٻڌايائين ٻه ڪين ته ڪيڏي ٿو وڃان. ٿوري وقت کان پوءِ انسپيڪٽر جاورٽ هن جي ڳولا لاءِ آيو، پر معلوم ٿيس ته هو لڏي ويو آهي ۽ رهڻ جي هنڌ جو ڪنهن کي به ٻڌائي نه ويو آهي. انهيءَ طرح نڪري وڃڻ مان ميريس جو مطلب ئي اهو هو ته مقدمي ۾ شاهد ٿي گهلجان نه، ۽ ٿينارڊيئر جي برخلاف شاهدي نه ڏيان. جاورٽ به چاتو ته اهو جوان شخص جنهن کيس رپورٽ ڪئي هئي ۽ جو ٻئريسٽر هو ۽ نالو نٿي آيس، سو ڊپ کان شام جو ئي ڪيڏي ڀڄي ويو هو. سندس ٿوري گهڻي پڇا ڪيائين، پر ٻتو ڪوله پيس. ماٺ ڪري ويهي رهيو، پر ميريس ته پنهنجي ڪاليج واري سنگتيءَ وٽ ٻه - ٽي مهينا سانده رهندو آيو. اتي ڪنهن ٻئرسٽر کان خبر پيس ته انهيءَ مقدمي وارو ٿينارڊيئر قيدي، هڪڙي اڪيليءَ ڪوٺيءَ ۾ ڌار قيد رکيو ويو آهي. اتي هو انهيءَ کي پهري

وارن جي معرفت هر هفتي پنج رپيا پهچائي ڏيندو هو. پنهنجو پئسو ڪٽي ويس تہ پنهنجي سنگتي کان بہ اڌارا پئسا وٺي هن کي ٽي پهچايائين. پر ويچارو پيءَ طرح ڏاڍو دل شڪستو ۽ ملول رهندو هو، جو جنهن جوان زال سان محبت اٽڪي وئي هيس، تنهن کي ڏسي نٿي سگهيو ۽ نہ انهيءَ جو ڪو سماڌ ئي ٿي پوس. ڏاڍي ڏک ۽ ارمان ۾ گذارڻ لڳو.

جاورٺ بدمعاشن جهلڻ ۾ ڏاڍي چالاڪي ڪئي ۽ ڏاڍو خوش هو، ليڪن جنهن کي انهن بدمعاشن پڌو هو، سو هن کي هٿ نہ آيو. پانيائين تہ اهو شايد شڪي ماڻهو هو ۽ جهلڻ جوڳو هو، جو پڇي ويو. پيو جيڪو بدمعاش ٽينارڊ پئر جي زال سان گڏجي ويو هو، اهو بہ في الحال هٿ نہ آيس. تنهن کان سواءِ جيڪي بدمعاش، سپاهي گاڏين ۾ چاڙهي وئيو ٿي ويا، انهن مان بہ هڪڙو ٽپي پڇي ويو هو، ۽ اهو بہ هٿ نہ آيس. انهن ڳالهين ڪري هن کي ڏاڍو ارمان هو.

هاڻي اسين پڙهندڙن کي جين وليجان جو گذريل احوال پڌائيندا سين. هو پڪوس جي مڙهيءَ جي باغ ۾ فاشل ونٽ باغائيءَ جو ڀاڻ ٿي رهندو هو ۽ ڪاسيٽ مڙهيءَ ۾ گذاريندي هئي. ڏهاڙي ڪيس گذبي هئي. چڱي تعليم حاصل ڪئي هئائين ۽ گهڻو امڪان هو تہ هوءَ بہ ٽين ٿي پوي ۽ عمر لاءِ ٻاهر نڪرڻ يا

شادي ڪرڻ ڪان رهجي وڃي. اها ڳالهه هن کي پسند نٿي آئي، جو ڄاڻائين ته متان ڪاسيٽ جي اهڙي مرضي نه هجي، تنهنڪري ڪو عذر ڪري اتان نڪتو ۽ ڪاسيٽ کي ساڻ وٺي ٽوري پنڌ تي هڪڙي ديول هئي، تنهن جي پاسي ۾ هڪڙي جاءِ مسواڙ ڪري رهي ٻيو. پنهنجو نالو اليڪٽر فاشلونٽ سڏايائين. هڪڙي ٻڌي زال جا اڳي سندس ڪارخاني ۾ ڪمائيندي هئي، ۽ جنهن کي گهڻي مدد ڏني هئائين، سا پوءِ بچڙي حال ۾ هٿ آيس، تنهن کي ڪاسيٽ جي خدمت ڪرڻ لاءِ پاڻ وٽ نوڪر رکائي مقرر ڪيائين، ۽ جنهن جي نالي چيائينس ته منهنجي ڏيءِ آهي. ساڳئي وقت هن پڙس ۾ ٻن جدا جدا پاڙن ۾ ٻه جايون ٻيون به مسواڙ تي ڪري ڇڏيون هيون ۽ ڪڏهن ڪٿي، ۽ ڪڏهن ڪٿي وڃي رهندو هو. اها اڳ ڳٽتي هن پنهنجي بچاءِ ۽ سلامتي لاءِ ڪري ڇڏي هئي. انهيءَ ديول واري جاءِ ۾ رهندي ڪاسيٽ کي ويجهي باغ ۾ وٺي ويندو هو، جتي اتفاق سان ميريس هنن کي ڏٺو، جيئن مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي. اتي ميريس ۽ ڪاسيٽ جي اک انڪي ويئي، ۽ ٻنهي جي دلين ۾ هڪٻئي جي محبت پيدا ٿي. جڏهن جين وليجان کي ميريس ۾ شڪ پيو تڏهن اتي اچڻ بند ڪري ڇڏيائين، ۽ ميريس جي نسبت ۾ ڪاسيٽ وٽ شڪايتون ڪرڻ لڳو، جي هن کي وٺندي ڪين هيون، ۽ حجاب ڪان ڪڍندي ڪين هئي. انهيءَ ڪان

پوءِ وري پئي پاسي هوا کائڻ ويندا هئا، جتي ڪٿڪ جون پوکون ٿينديون هيون ۽ ساوڪون هيون.

ڪاسيٽ ڪڏهن ڪڏهن هن کان پنهنجي ماءُ بابت پڇا ڪندي هئي، پر جين وليجان نٽائي ڇڏيندو هو. سندس مرضي نه هئي ته هن کي خبر پوي ته سندس ماءُ پهرين ڪهڙي چال جي هئي ۽ ڪيئن شادي کان سواءِ پيٽ سان ٿي ۽ ڪيس ڇٽيائين. هن کي تمام عمدي اخلاقي تعليم ڏني هئائين. ڪابه خراب ڳالهه هن جي ڪن تي نه وجهندو هو، ۽ نه هن کي ڪا اهڙي شئي ڏيکاريندو هو. مڙهيءَ ۾ هوءَ لکڻ پڙهڻ ۽ ڳائڻ ۽ سبڻ، گهر هلائڻ جو ڪم سکي هئي، تنهنڪري اڪيلائيءَ ۾ به خوش پئي گذاريندي هئي. پائيندي هئي ته منهنجي ماءُ ڪا هئي جا مري وئي آهي، ۽ منهنجو پيءُ اهو آهي جنهن پالي وڏي ڪئي ۽ جنهن سان گهڻي محبت هوندي هيس. پيءُ وانگي هوءَ به رحمدل ۽ نيڪ زال ٿي پئي هئي، ۽ بکين، ڏکين ۽ غريبن جي سنڀال پئي ڪندي هئي، ۽ انهن کي خيرات پئي ڏيندي هئي. انهيءَ هنڌ هو جانڊريٽ جي ڪتب ۾ ويا هئا ۽ انهن کي خيرات ڏيڻ جي ڪيائون، جيئن مئي ڏيکاريو ويو.

جين وليجان گهڻو ڪري ٽن - چئن ڏينهن لاءِ ڪنهن پاسي هليو ويندو هو، خاص جڏهن پئسو ڪٽندو هوس. ڪاسيٽ کي نوڪرياڻي خدمت ۾ هوندي هئي. اگرچ جهنگ ويجهو هو ۽ اڪيلائي هئي، تڏهن به هو

ڍڇنديون ڪين هيون. ڪاسيٽ پنهنجي گهر واري باغيچي ۾ وڃي هوا ڪائيندي هئي، ۽ هڪڙيءَ بينچ تي ويهي رهندي هئي ۽ ٿوري وقت بعد هلي ايندي هئي. اگرچ هڪڙو- به ڀرا هڪڙو جوان جنگي آفيسر ڪيس ڏسي سندس اکيان لنگهيو به هو، تہ به ڪاسيٽ انهيءَ ڏي خيال ڪونہ ڪيو. جيتوڻيڪ هو ٻاهوڪيءَ پوشاڪ ۾ هو، ۽ شڪل جو به چڱو هو، تڏهن به هن جي نظر ۾ بدشڪل ٿي آيو، ڇالاءِ جو هن جي دل ۾ ميريس جي شڪل ويٺل هئي، جا اتان نڪرڻ جي نہ هئي.

هڪڙي ڀيري ڪاسيٽ پنهنجي بينچ وٽ اچي تہ انهيءَ تي هڪڙو ڪاغذ رکيو آهي. حيران ٿي تہ هتي هيءَ ڪاغذ ڪنهن رکيو هوندو! پڙهيائين تہ انهيءَ ۾ عشق ۽ حسن جي تعريف ۾ نثر ۽ نظم لکيل هئي، پر نہ سندس نالو انهيءَ تي هو، تہ ڪنهن ٿي لکيڙ جو. ڪاسيٽ کي شڪ گذريو تہ اهو ميريس جو ڪم آهي. خوشي به ٿيس ۽ ڊپ به ٿيس تہ متان ٻئس ڏسي وٺي.

ٻئي ڀيري به جين وليجان جي غيرحاضريءَ ۾ هي انهيءَ پنهنجي بينچ تي ويٺي تہ هڪڙو ماڻهو اوچتو لنگهي آيو. مڃ لهي ويو هو، اونداهي هئي. ٻهرين هوءَ ڊني، پر جڏهن هو نڪري نروار ٿيو ۽ اچي سندس پاسي ۾ بيٺو، تڏهن ڏٺائين تہ ميريس بيٺو آهي. ڏاڍي خوش ٿي، پر وري به ڊپ ٿيس. آخر ويهي محبت

جون ڳالهيون ڪرڻ لڳا. ميريس ٻڌايس ته "آءٌ تنهنجي لاءِ حيران پريشان ٿيو وتان. جن ڏينهن ۾ توکي پهرين باغ ۾ ڏٺو هوم، تنهن ڪان وٺي مون کي آرام ڪونهي، تنهنجي محبت ۾ مرندو وتان." ڪاسيٽ به خاطري ڏنيس ته پاڻ به سندس محبت ۾ اهڙي گرفتار هئي جهڙو هو سندس محبت ۾ هو. هڪ-ٻئي جا نالا نشان پڇي پڪ ڪيائون، بلڪ ميريس پنهنجي رهڻ جي جاءِ جو پتو باغيچي جي هڪ ٻيلهائي تي هن جي يادگيريءَ لاءِ ڪليءَ سان هن طرح لکيو: "نمبر ١٦ مروو ريري".

ڀ پوءِ موڪلائي هليو ويو.

باب سورهون

مانٽفرميل ۾ قرضي هيٺ ۽ ڪٿي پوڻ سبب، ٽينارڊ پئر پنهنجي هوٽل بند ڪري هليو ويو. انهيءَ وچ ۾ هن کي ٻه پٽ ڄاوا هئا، پر ماءُ جي، پٽن سان پوندي ئي ڪين هئي. هڪڙو پٽ اڳي ٻه هوس، ڏيئن جي وچ وارو، پر انهيءَ کي ٻه اڳيئي ڪڍي ڇڏيو هئائين، رڳيون ٻه ڏيئرون ساڻس رهنديون هيون، جي ڪيس ڪم ڪار ۾ مدد ڪنديون هيون. هن جو وڏو پٽ سندن لڏي وڃڻ کان پوءِ سندن سماءُ تي آيو هو، پر خير پيس تہ هو هوٽل بند ڪري ڪنهن پاسي هليا ويا آهن، تنهنڪري هو ٻه وري هليو ويو. اهو پاڻ کي ٻيءَ جي ٻئي نالي ٻئيان گوروش سڏائيندو هو. هڪڙو ٽڪاڻو ڪونہ هوندو هوس، ڪڏهن ڪٿي ڪڏهن ڪٿي گذاريندو هو، ۽ چورن بدمعاشن جي ٻئيان لڳو، ٽڪر ڪائيندو وتندو هو.

اهي ٻئيا پٽ جي سڄائيءَ جي زماني ۾ ڄاوا هئا، تن جو نيڪال هنن هيئن ڪيو: ميريس جي نالي گلي نارمنڊ جو نالو مٿي آيو آهي، اهو اسي نوي ورهين جو ڪراڙو ماڻهو هو ۽ تمام آسودو گذاريندو هو. جوانيءَ ۾ هو عيش وعشرت ۾ گذاريندو هو. انهيءَ زماني ۾ اڪثر فرانس جا وڏا ماڻهو سربتون

رکندا هئا. هن کي به هڪڙي اهڙي سريت هئي، جنهن مان ڀ پٽ ڄاوا هئس، سي هن لڪائي هڪڙيءَ غريب ڪراڙيءَ زال کي ڏيئي ڇڏيا هئا ته انهن کي پالي ۽ وڏو ڪري، پاڻ انهيءَ کي پارن جي پرورش لاءِ سٺ رپيا پهچائي ڏيندو هو. اها زال شهر جي ٻئي پاسي رهندي هئي، جڏهن هو ستين-اٺين ورهيه جا ٿيا، تڏهن ملڪ ۾ وبا جي بيماري اچي ويئي، ۽ ٻيئي پار هڪڙي ئي ڏينهن ۾ مري ويا. جڏهن انهيءَ غريب زال ڏٺو ته ٻيءَ کي خبر ڏيڻ سان اسان جو روزگار بند ٿيندو، تڏهن هن رت ڪئي ته ڪي ٻيا ٻه پار ڪٿان هٿ ڪري، پاڻ وٽ رکان. خبر هيس ته هو ٻڌي ڪي سچائي ڪين سگهندا، جو ڪڏهن اتفاق سان انهن پارن کي ڏسڻ ايندو آهي. انهيءَ زال جي ٿيناردپڻ جي ڪٽنب سان واقفيت هئي. هنن کي به اهڙيءَ عمر جا پار هئا جن کان بيزار هئا، ۽ ڪنگال ٿي پيا هئا، تنهنڪري انهيءَ زال کان ڪي پئسا وٺي پنهنجا ٻيئي ننڍا پٽ انهيءَ کي ڏئي ڇڏيائون ۽ وري انهن جو منهن ڏسڻ نه گهريائون. ورهيه-ٻن کان پوءِ اتفاق سان اها زال بيمار ٿي مري ويئي، ۽ هي ٻه پار نڌڪا رلندا وتندا هئا، جنهن کي ڪهل پوندي هئي سو هنن کي پاڻ وٽ ٽڪائيندو، ۽ ٽڪر ڪارائيندو هو، هڪڙي پيري رلندي اهي ٻيئي پار گوروش کي هٿ لڳا، سچانائين ڪين ته ڪي هي منهنجا ٻه پائر آهن. هنن تي قياس

ٻيس ۾ پاڻ سان وٺي وڃي گڏ ڪيائين، جيئن پاڻ پنندو چوريون ڪندو پيٽ پاليندو وتندو هو تيئن هنن جي به سنڀال ڪندو هو.

جيئن ٽينارڊ ڀڙ جا هي پٽ ڪانئس ڌار ٿيا، تيئن جڏهن ٽينارڊ ڀڙ پنهنجن سنگتين سميت جهاجي قيد ٿي ٻيو، تڏهن سندس زال ۽ به ڌيئون به دربدر ٿيون- خاص سندس وڏي ڌيءَ- پنهنجي ڀاءُ گوروش وانگي رلڻ ۽ پورهيي ڪرڻ سان پيٽ پالڻ لڳي. ميريس کي سڃاڻندي هئي، جو ڪي ڏينهن سندن پاڙيسري هو، ۽ انهيءَ ڪان خرچي وٺي هن کي ڪاسيٽ ۽ ان جي ٻيءَ جي رهڻ جي جاءِ ڪولي لهي ڏنائين، جنهن ڪان پوءِ ميريس اتي وڃڻ ۽ پنهنجي محبوب کي ملڻ لڳو، تنهنڪري هو هن جو احسانمند رهندو هو، ۽ هيءَ هن جي شڪرگذار رهندي هئي. جڏهن به ڪٿي هن کي ملندي هئي تہ هو هن کي خرچي ڏيندو هو.

ٽينارڊ ڀڙ ۽ انهن جا سنگتي جيل ۾ قيدي ٿي رهيا. ڪن مهينن ڪان پوءِ هنن پاڻ ۾ جيل مان ڀڄي نڪرڻ جي صلاح ڪئي. هڪڙيءَ رات جڏهن سيءُ ۽ واءُ هو ۽ مينهن وسڻ ۽ برف پوڻ لڳي، تڏهن هنن وجهه چگو ڏئو- ڏينهن جو رت ڪري چڏي هئائون، ۽ پڇڻ جون جايون جانچي چڏيون هئائون، بلڪ کي رواني جهڙا اوزار به هٿ ڪري چڏيا هئائون. انهن ڏينهن جي دستور موجب قيدين کي ڪورهه ۾

ماڻهو خيرات ڏيندو هو، تہ اها انهن کي ملندي هئي ۽ اهي پئسا هو پنهنجي سک لاءِ ڪم آڻيندا هئا. جيئن اسان کي خبر آهي تہ. مهربس ٽينارڊيئر کي سپاهين جي معرفت پئسا پهچائيندو هو، ۽ قيد بن جا مائٽ يا خود قيدي بہ پهريوارن کي پئسا ڏئي خوش ڪندا هئا، ۽ هو مٿن مهربان رهندا هئا. قيدي پنهنجن پئسن مان شراب يا ٻيون اهڙيون شيون لڪچوريءَ سپاهين جي معرفت وٺي ٻاڻ بہ ڪم آڻيندا هئا، ۽ سپاهين کي بہ ڏيندا هئا. ٽينارڊيئر ۽ ان جي چئين سنگتين انهيءَ رات پنهنجي پهريوارن هڪ-ٻن سپاهين کي سنجهي ۾ شراب پياريو، جنهن ۾ ڏاتوري جهڙي ڪا نشيدار شئي هٿ ڪري وڌي هنائون، جنهنڪري ڀڄڻ جي وقت آهي سمهي پيا.

مطلب تہ هي چارئي سنگتي هڪ-هڪ ٽي ٻڌارن مان يا ڀتين جي ڪنڊن تان چڙهي، چتين تان ٽپي ٻاهر ٽپا. مينهن، برف ۽ سيءَ کين انهيءَ ڪم ۾ گهٽي مدد ڏني- ٺهرايل جاءِ تي سڀ اچي گڏ ٿيا، ۽ پوءِ پڪڙي پيا. صبح جو سويرهنن جي ڀڄي وڃڻ جي خبر پئي. گهٽي ڪولا ڪيائون پر هٿ نہ آيا. ٽينارڊيئر جو هڪڙو سنگتي تہ اڪيئي ٻاهر هو، جنهن کي زال سان گڏ ٻڌي جي گهر موڪليو هئائين. ٻيو سنگتي وري جهاڻ کان پوءِ ٽٽي ڏي ويندي گڏيءَ سان ٽپي هليو ويو هو، سو بہ اڪيئي آزاد هو. اهي سڀ هاڻي ٻاڻ ۾ وڃي گڏيا. گوروش، جو ٻڌ اهڙي ڪم جي

پئيان هو ۽ اڃا تعليم پئي ورتائين، سو به وڃي ساڻن گڏيو. ٽينارڊ پئر کي پهرين خبر ڪانه هئي، پر پوءِ هن کي سڃاتائين ته منهنجو پٽ آهي. انهيءَ سان جي به چوڪر رهندا هئا، سي اڃا سندس حوالي هئا، پر انهن کي اڃا نڪي هو سڃاڻندو هو ته ڪي منهنجا پائر آهن، ۽ نڪي ٽينارڊ پئر ئي سڃاڻندو هو ته منهنجا پٽ آهن. ٽينارڊ پئر جي زال ۽ سندس ننڍي ڌيءَ جي خبر ناهي ته سندس جهلجڻ ڪان پوءِ ڪيڏي ويون، شايد مري ويون! فقط سنديس وڏي ڌيءَ بچي هئي، جنهن جو نالو اپونائن هو. آءٌ به رولو هوندي هئي ۽ اڪثر پنهنجي پيءُ ۽ انهن جي سنگتين کي گڏي هئي، ۽ انهن سان رهندي هئي.

هي ڇهه ئي-ست ئي بدمعاش پاڻ ۾ ٽولي ڪري گڏ گذارڻ ۽ چوريون ڪرڻ لڳا، ۽ ڏهاڙي هڪڙي نه پئي پاسي رات جو پنهنجي شڪار تي ويندا هئا. هڪڙي پيري ڏينهن جو آنهيءَ هنڌ اچي نڪتا، جتي جين وليجان ۽ سندس ڌيءَ ڪاسيٽ، هڪڙيءَ ٻڌيءَ نوڪرياڻيءَ سان گڏ رهندا هئا. جين کي هڪ-به دفعو هڪڙو ماڻهو مهن پيو، جنهن ۾ هن ٽينارڊ پئر جهڙا مهابا معلوم ڪيا، پر هن جي قيد ٿيڻ جي خبر هيس، تنهنڪري گهڻو شڪ ڪونه پيس. جين اڪثر باغيچي ۾ هڪڙي جاءِ هوندي هئي، انهي ۾ اڪيلو گذاريندو هو، ۽ سندس ڌيءَ ۽ نوڪرياڻي گهر ۾ گذاريندي هيون. ڪڏهن ڪڏهن جين ئي-چار ڏينهن گهر ئي ويندو هو، ۽

وري موڙي ايندو هو. هي اهوئي هنڌ هو، جتي ميريس اپونائن چوڪريءَ جي ڏس تي ڪاميٽ کي اچي ڪولي لڌو هو، ۽ تنهن کان پوءِ وڻس ملاقات لاءِ پيو ايندو هو، جيئن مٿي ذڪر ڪيو ويو. انهيءَ اڪيلي گهر ۾ انهن چورن ڪاٽ هڻڻ ۽ چوري ڪرڻ جو ارادو ڪيو. اپونائن کي انهيءَ ڳالهه جي ڪٽڪ پئي يا اتفاق سان آئي اچي نڪتي، تنهن جڏهن رات جو بي وقت پيڻ کي ۽ سندس سنگتين کي آئي ڏٺو، تڏهن ميريس ۽ ڪاميٽ سان احسان ڪرڻ جي نيت سان، جو هنن جي محبت جي خبر هيس، انهن چورن کي روڪيائين، ۽ چيائين ته "مون کي خبر آهي ته هن گهر ۾ چوريءَ جهڙو مال ڪونهي، ناحق هلاڪ ٿيندؤ." چورن هن جي ڳالهه تي ڌيان نه ڪئي، ۽ اندر ٿيڻ تي هٿ ته آن چوڪريءَ چيو ته: "جي اوهين هليا نه ويندؤ ته آءٌ رڙيون ڪنديس، ۽ اوهان کي جهلائيندس." انهيءَ تي پڻس کي توڙي پين کي ڏاڍي چڙ لڳي، ۽ لاچار تي هو موڙي هليا ويا ۽ جين جو گهر چوريءَ کان بچي ويو.

انهيءَ ڏينهن، جنهن جي شام جو ڏهين بجي چور هتي چوري ڪرڻ آيا، جين وليجان باغيچي واري اڪيلي جاءِ ۾ ويٺو هو. ڪاميٽ جي فڪر ۾ هو، جو شڪ هوس ته هن جوان ماڻهوءَ سان محبت اٿس. ٿينارڊيئر ۽ جاورٽ انهيءَ جو به خيال دل ۾ هئس. پسار ڪندي پيلچائي تي اڪر لڪيل ڏٺائين:

"لمبر ١٦ مرو وريري"، هڪدم هانوَ ۾ ڏڪاءُ پيس. پڪ ٿيس تہ ضرور هتي ڪو ماڻهو اچي ٿو ۽ هي نشان انهيءَ جي رهڻ جي جاءِ جو آهي. هيستائين هن جي سمجهہ ۾ هو تہ آءُ شهر کان گوشائتو اڪيلو گهر ۾ ٿو گذاريان، تنهنڪري ڪنهن کي خبر نہ هوندي. پر هاڻي يقين ٿيس تہ ڪنهن ماڻهوءَ مون کي هٿ ڪيو ۽ گهڻو شڪ ڪاميٽ جي دوست ۾ پيس، تنهنڪري پڪو ارادو ڪيائين تہ هتان لڏي نڪران، بلڪ فرانس ئي ڇڏي انگلنڊ ۾ وڃي رهان. انهيءَ خيال ۾ بيٺو هو تہ هڪڙو وڏو هيل ڪاغذ اچي سندس سامهو ڪيريو. کولي پڙهي تہ انهيءَ تي پينسل سان ٿلهن اکرن ۾ لکيل آهي تہ "پنهنجو گهر ڇڏي وڃو." هيڏي هوڏي ڏٺائين، ويجهو ڪو بہ ماڻهو نظر نہ آيس، پري کان هڪڙو سنهڙو چوڪرڻ يا جوان ماڻهو ويندو ڏٺائين، جو جهٽ ۾ نظر کان غائب ٿي ويو، ۽ جين وليجان فڪرمند ٿي اندر گهر ۾ گهڙي ويو.

باب سترهون

چورن کي اپونائن چوڪريءَ، جين وليجان جي گهر ۾ ڪاٽ هٽن کان روڪي پڇائي ڪيبو، تنهن کان پوءِ سگهوئي ميريس، باغيچي جي لوڙهي وٽ آيو، جتان اندر لنگهندو هو. ڪاسيٽ کي ڏسڻ پائي ڏاڍي پيار سان اچي گڏيو هو، پر هن کي فڪر ۾ ڏسي پڇائينس ته "اڄ تون غمگين ۽ ملول ٿي ڏسجين، ڀيو ته خير آهي؟" هن چيو ته "اڄ بابي مون کي چيو ته تون تيار رهجئين، ڪنهن ٻئي پاسي لڏي هلڻاسين. ڪيس کو شهر ۾ ڪم هو، اوڏانهن ويو آهي." هي ٻڌي ميريس ويچارو ڏکي ويو، ڊپ ٿيس ته اوپرسو ير محبوب سان ملڻ جو وڃهه ۽ وڃي ٿو ۽ مورکو جدائي ٿي پلئه پوي. ميريس پڇيس ته ڪهڙي پاسي ٿا وڃو؟" هن چيو ته "گهٽو ڪري انگلنڊ ڏي." ڪڏهن وڃبو ۽ ڪيترن ڏينهن لاءِ وڃبو، تنهن جي هوءَ خبر ٻڌائي نه سگهيس. ميريس پڇيس ته "هوءَ تون مون کي ڇڏي هلي ويندينءَ؟" هن چيو ته "لاچار آهيان، وڃڻ لاءِ دل نٿي چوي، پر پيءُ جي نافرماني مون ڪڏهن ڪانه ڪئي آهي. هو مون تي تمام مهربان آهي، هن کي رنج ڪرڻ نٿي گهران." تنهن تي ميريس ڏک ۾ ٿي چيو ته "چڱو، خدا تنهنجو نگهبان هجي! آءٌ وڃان ٿو." پر، ڪاسيٽ تکڙي ٿي پانهن مان وٺي جهليس، ۽

پاڪر وڃهي پيار ڪيائينس ۽ چيائينس تہ "ميريس، جي تون ويندين تہ آءٌ مري ويندس. جيسين اسين هتي آهيون تيسين تہ هرروز هيڏيءَ مهل ايندو وڃ، پوءِ جيئن خدا ڪهڙيو هوندو تيئن ٿيندو." ميريس چيو تہ "نہ، سچائي آءٌ اڃي ڪين سگهندس، باقي پرينءَ شايد ايندس." هن پڇيس تہ "چو، ڪو ڪم اٿئي ڇا؟ ڪيڏي ويندين؟" ميريس چيو تہ "منهنجي رهڻ جو هنڌ نمبر ۱۶ مرڙوريري آهي، اتي پنهنجي ڪالج جي هڪڙي سنگتيءَ سان گڏ رهندو آهيان، جنهن جو نالو "ڪورفيراڪ" آهي. اهو نشان مون هن پياپائي تي لکي ڇڏيو آهي. ڪنهن خط پٽ لکڻ يا حال احوال ڏيڻ جو ضرور ٿيئي تہ اوڏي لکجئين." ڪاسيٽ پڇيس تہ "پوءِ نيٺ ڪهڙي رٽ ڪئي اٿئي؟" هن چيو تہ "هيٺئر چئي نٿو سگهان، پرينءَ جڏهن ملڻ سين، تڏهن خيال ڪنداسين. پر ايتري مون کي پڪ آهي تہ خدا اسان کي هڪ-ٻئي کان ڌار ڪين ڪندو. هاڻ خدا حافظ". پوءِ هڪٻئي کان پيار مان موڪلائي ميريس، لوڙهو ٽپي هليو ويو، ۽ ڪاسيٽ گهر هلي آئي.

ميريس جي ناني گلي نارمنڊ، اگرچ ميريس کي ڪاوڙ ۽ بدطبعيت ڪان ڪيئي ڇڏيو هو، ۽ پڌل رقم گذران لاءِ پهچائي ٻيو ڏيندو هوس، پر پوءِ بہ هن سان دلي محبت هيس، ۽ هن جي لاءِ هميشہ ٻيو تانگهيندو هو. سندس ڏيءَ، ميريس جي ماسي، جا سائس گڏ رهندي هئي ۽ ميريس

جي ڦائدي ۾ هئي، تنهن پهرين پنهنجي پيءُ کي ٺارڻ جي گهڻي ڪوشش ڪئي، پر جڏهن ڏٺائين ته پٽس مڙڻ جو ڪين آهي، تڏهن ماڻ ڪري ويهي رهي. ٻيو هڪڙو جوان شخص سندس ڪٽنب جو، پٽس جو ڏهٽو، جنهن جو نالو ٽيوڊُول هو ۽ جو جنگي ڪاتي ۾ ڪپتان هو ۽ اڪثر ٻاهر گذاريندو هو، تنهن کي گهر ۾ آڻڻ لڳي ۽ ميريس جي جاءِ تي ان جا پير کوڙڻ لڳي. پٽس پهرين انهيءَ تي راضي ٿيو ۽ ميريس واري ساڳي مهرباني مٿس ڪرڻ لڳو، پر جڏهن معلوم ٿيس ته جنگي ڪاتي ۾ بادشاهه جي طرف وارن مان آهي، نه مخالف طرف مان، تڏهن انهيءَ کان به بيزار ٿيو. اهو اگرچ ميريس جو مؤٽ هو ته به ڏار رهڻ ڪري هڪٻئي جا ڏُکل نه هئا، ۽ هڪٻئي کي ڪين سڃاڻندا هئا. ٽيوڊول ڪڏهن ڪڏهن ڪاسيٽ جي گهر ۽ باغيچي وٽان به لنگهندو هو ۽ پنهنجي پوشاڪ ۽ جنگي ڊريس ڏيکاري، سندس اکيان لنگهندو هو ۽ ڪوشش ڪندو هو ته جيئن ڪيس موهي، ۽ ڪاسيٽ ڏانهنس خيال به نه ڏيندي هئي، جو هن جي دل ميريس سان ڳانڍل هئي، جيئن مٿي به اشارو ڏنو ويو آهي.

هينئر اوچتو ميريس پنهنجي نائي جي گهر گهڙي آيو. ماسيءَ ڏسي ڏاڍي خوش ٿي، جو گهڻن ڏينهن کان پوءِ آيو هو. ڊوڙي وڃي پيءُ کي ٻڌايائين، جو نهايت خوش ٿيو، ۽ هن کي گهرائي پيار ڪيائين

۽ حال احوال پڇيائينس. ميريس ڪانئس معافي گهري، ۽ اڳتي مهربان رهڻ لاءِ عرض ڪيائين. هڪ ڏينهن وجهه وٺي چيائينس ته "آءٌ شادي ڪرڻ جي موڪل وٺڻ آيو آهيان، جو اٿون ڪرڻ مون پاڻ تي فرض سمجهيو." نانس چيو ته "چا، ايڪيهين ورهين جو ٻار ٿو شادي ڪري-- سو به اڳئي بندوبست ڪري آيو آهين، ۽ فقط نالي جي لاءِ وات ٽڪائي ڪرڻ آيو آهين، ٻڙسڙيءَ مان شايد گهٽي دولت ڪمائي اٿئي يا اها چوڪري دولتمند آهي؟" ميريس ورندي ڏني ته "نڪي هونئن آهي، نڪي هونئن. مون جهيڙي درجي ۽ مون جهيڙي حال واري آهي، پر ڏاڍي خوبصورت ۽ نيڪ آهي ۽ اسان ٻنهي جي ٻاڻ ۾ ڏاڍي محبت آهي." وري پڇيائينس ته "ڪنهن جي ڌيءَ آهي؟" هن چيو ته "فاشل ونٽ نالي هڪڙو اشراف ٻنهنجي ملڪيت وارو شخص آهي. تنهن جي ڌيءَ آهي. پڪس کي ويجهو گهر ۽ باغ اٿن." هي ٻڌي نانس ٽهڪ ڏئي ڪلڻ لڳو. چيائين ته واه، ٻڙن پانتمرسي، گلي نارمنڊ جو ڏهنو! هڪڙي لقيراڻي سان ٿو شادي ڪري، جا بازار سان ٿوم ۽ بصر خريد ڪري، سندس ماني رڌيندي. واه، چڱي شادي ٿو ڪرين-- وڃ، مون وڻان نڪر. جنهن سان وٺئي تنهن سان وڃي شادي ڪر.

منهنجو توسان کو واسطو ڪونهي. هان، هي سؤ مهرون اٿئي، وڃي پنهنجي ڪم لاءِ. ميريس گهڻا مٿا هنيا ۽ ماسيس به سندس گهڻي سفارش ڪئي، ته به ڪراڙو مڙڻ جو ڪين ٿيو، ٿورو رکي، ٻوءِ هن کي چيائين ته "پيڪپس نالو مون کي دل سان لڳي ٿو. انهيءَ جي نزديڪيءَ ۾ پلٽڻ جون ٻارڪون آهن، اُني تنهنجو سؤٽ "نيوڊول" رهندو آهي، اهو به ته شاديءَ کان سواءِ پيو گذاري، تون به ائين گذار. آءٌ جڏهن اوهان جيڏو هوندو هوس، تڏهن ائين ئي گذاريندو هوس. شاديءَ جي ياد گيري ئي ڪانه هوندي هيم." ٻوءِ سڏي آهستي ڪن ۾ چيائينس ته "منهنجي صلاح اٿئي ته شادي نه ڪر، ائين وئي ڪٽي ويهاريندس." هي ٻڌي ميريس نفرت ۽ ڪاوڙ کان ٻري ڀڄي وڃي بيٺو. چيائين ته "نانا، افسوس جي ڳالهه آهي جو پنج ورهيه اڳي اوهان منهنجي پيءُ سان جهٽ ڪئي ۽ هن کي ملڪ ڇڏايو، ۽ مون کي انهيءَ کان عمر لاءِ ڏار ڪيو، ۽ اڄ وري مون کان پنهنجي زال ٿا عمر لاءِ ڇڏايو. بس مون کي ٻيو ڪي به چوٽو ناهي ــ آءٌ وڃان ٿو." ائين چئي ٻاهر نڪري هليو ويو. ڪراڙو وات پٽي حيران ٿي ويو. هٿ ڏنڻ لڳس، ۽ ذري گهٽ ڪيرڻ تي هو. ميريس کي گهڻا سڏ ڪيائين، ٻين کي چيائين ته هن کي سڏ ڪريو، پر ميريس ڇوهه مان هليو ويو ۽ نظر کان نڪري ويو.

ميريس اهو سڄو ڏينهن ڏاڍي فڪر ۾ ڳٿيءَ ۽ شهر جي گهٽين ۾ رلندو وتهو. انهيءَ انتظار ۾ هو ته رات پوي ته ڪاسيٽ کي وڃي ڏسان. شهر ۾ گهمندي گڙ ٻڙ ڏٺائين. شهر جي گهٽن ماڻهن دنگي فساد ڪرڻ جو منصوبو ڪيو هو. ماڻهن چلڪيون چلڪيون ڪيو پاڻ ۾ صلاحون پئي ڪيون ۽ وڙهڻ لاءِ جايون پئي جانچيائون ۽ سامان پئي گڏ ڪيائون. جڏهن رات پيئي ۽ ٿورايل وقت نَ ٿيو. ڏهن بجن جو اچي ٿيو، تڏهن هو باغيچي جي لوڙهي وٽ ويو ۽ اندر لڪهڻ جي ٿي ڪيائين ته ڏٺائين ته ڪاسيٽ هميشه وانگي آني بيٺل ڪانهي. وڃي در کڙڪائين، اگرچ ڊپ ٿيس ته متان پٽس ڏسي وٺي، پر ڪو به جواب ڪونہ آيو ۽ ظاهر هو ته هو اڳيئي اتان لڏي هليا ويا آهن.

اڃا ميريس وائڙو ٿيو اتي بيٺو هو ته پاهران ڪنهن سندس نالو وٺي سڏ ڪيو. آواز اهو ناٿن ڇوڪريءَ جهڙو هو. جڏهن اوڏي ويو، تڏهن پري کان ڏٺائين ته هڪڙو جوان مڙس اونداهيءَ ۾ پڇندو وڃي.

باب ارڙهون

هن باب ۾ انهن واقعن جو اشارو آهي، جي تاريخ جي ڪتابن ۾ مشهور آهن، ۽ جي ١٨٣٢ع ۾، فرانس جي مڪيه شهر پئرس ۾ ٿي گذريا ـ ٿي مهينا سالدهه وبا جي مرض شهر جون گهڻيون صفا ڪري ڇڏيون هيون، تنهن ڪان پوءِ فساد جو ڪورو دڪڻ لڳو هو. باهه جي پڙڪڻ لاءِ سڀ سامان تيار هو، فقط هڪڙي چڻنگ درڪار هئي، ۽ 'اها جنرل لامارڪ' جي مرڻ سان اچي پئي. اهو جنرل پنهنجي ملڪ ۽ ملڪي ماڻهن لاءِ ساهه ڏيندو هو، ۽ نپولين بوناپارٽ جو خاص طرفدار هو. جيئن نپولين "لشڪر" جو لفظ واتان ڪڍندي دم ڏنو هو، تيئن لامارڪ به "ديس" جو لفظ واتان ڪڍندي دم ڏنو هو. هو ويلنگٽن جو جاني دشمن هو ۽ ورهين ڪان واٽرلو واريءَ لڙائي جو سور دل ۾ سالڍيو آيو، ۽ آهو وير سدائين دل ۾ تازو رکندو آيو: هن جي مرڻ سان ملڪ ۾ ماتم پئجي ويو، ۽ اهو ماتم جلد بدلجي هڪڙو عظيم فساد ٿي پيو. گهڻا ڏينهن اڳي انهي فساد جا افواهه اٿن لڳا: غريب غربا، ڪاسبي، ڪڙمي، ڪاليجن ۽ اسڪولن جا شاگرد هٿيار يا اوزار، جيڪي هٿ آيا، سو ڪٽي زور سان مڙهيل

حڪومت جي برخلاف ٿي بيٺا، ۽ مرڻ مارڻ لاءِ تيار ٿي ويا. سرڪار کي جيڪو احتياط وٺڻو هو سو انهيءَ ورتو، ليڪن انهيءَ مان ڪوبه فائدو ڪونه ٿيو- ڳالهه زور پڪجي ويئي، پنڌڻون نڪري آيون ۽ ڪيترائي ماڻهو شڪ ۾ يا ڊپ ڪان ناحق ماريا ويا.

فساد شروع ٿيڻ ۾ ديرڪانه ٿي ٿئي: گوڙ گڙ ٻڙ شروع ٿي، دڪان بند ٿيا، ماڻهو گڏ ٿيا، در دروازا ڀڳائون، ڏڪ لڳا. ۽ رڙيون ۽ دانهون ٿيون. اڏڪلاڪ جي اندر شهر ۾ ويهن هنڌن تي نوجوان شرابخانن ۽ هوٽلن ۾ حڪومت جي برخلاف گڏ ٿيڻ لڳا. سيني جو اهو نعرو هو ته "يا رعيتي راج، يا موت!" ويهن ٿيهن هنڌن تي مورچا ٻڌي آڏون ڏئي سرڪاري لشڪر سان وڙهڻ لاءِ تيار ٿي بيٺا، ۽ تراريون ۽ بندوقون ۽ توبون موجود ڪري ويهي رهيا. وري اهو ڏينهن ڪهڙو هو: مينهن جا وسڪارا پئي ٿيا. ٻيا ته سڀ وڙهڻ لاءِ تيار ٿيا، پر نڌو گوروش به لٽ ڪٽي وڙهڻ لاءِ سنڀريو، ۽ پنهنجن لنڊڙن ٻارن کي ڪنهن پناهه جي جاءِ ۾ لڪائن لاءِ ڪوشش پئي ڪيائين. پوءِ هو انهيءَ ٽوليءَ ۾ وڃي گڏيو، جنهن جا مهندار چار- پنج ڪاليج جا نوجوان شاگرد هئا، ۽ جن مان سڪه هڪڙو "ڪورڪيراڪ" ۽ ٻيو "انجولراس" هئا، جي ٻيئي مهريس جا سنگتي هئا، ۽ جن سان پهرئين سان ته مهريس هاڻ به گڏ رهندو هو. انهن کي تراريون

بندوقون، ۽ تپاچا هئا. هنن نوجوانن کي مچرکو ڪري هلندو ڏسي شاگرد، وايا، لوهار ۽ ڪيترا ٻيا ماڻهو ٻه گڏجي ويا. هلندي هلندي هڪڙي هوٽل ۾ آيا. اها جاءِ سيني باغين جي گڏ ٿيڻ ۽ دشمن کي سامهون ٿيڻ جي مقرر ڪيائون. هوٽل جو مالڪ توڙي سندس نوڪر ۽ نوڪرياڻيون سندن مددگار ٿيون. ماڙيءَ تي ٻيهي ۽ بندوقن هٿن جي جاءِ مقرر ڪيائون، ۽ هيٺ سامان رکي ۽ ٻهري ٻيهارڻ جو بندوبست ڪيائون. اهڙو چڱو بندوبست ڪيائون، جو ڇڻ ته هڪڙو مضبوط قلعو ٻڌي ڇڏيائون، ۽ اهو سڀ ڪم هڪڙي ڪلاڪ جي اندر ڪري ڇڏيائون. عمارت تي پنهنجا جهنڊا ڪٽي چاڙهيائون: ٻي انداز ٻاروت گڏ ٿي ويو ۽ سڀڪنهن کي ورهائي ڏئي ويا. آسپاس گهٽين جي منهن وٽ ٻهريوارا ٻيهاري ڇڏيائون. ۽ ڀاڻ سرڻ ۽ سارڻ لاءِ تيار ٿي ٻيهي رهيا.

جنهن قسم جو بندوبست شهر جي هن پاسي ٿيو هو، يعني بلوردِ مڪان جي نزديڪيءَ ۾، اهڙو بندوبست شهر جي ٻين ٿيهن هڌن تي اڪچنيءَ ۾ ڪري ورتائون. رات ٻيئي ته هر هنڌان گوڙ ۽ بندوقن جا ٽڪاءَ ٻئي ٻڌڻ ۾ آيا. باغين اڃا ڪا ڪاهه ڪانه ڪئي هئي. اڃا ٻه ماڻهو هڪڙو- هڪڙو ٿيو هنن سان شامل ٿيڻ لاءِ ٻئي آيا. گوروش سيني کي پنهنجن چرچن ۽ مسخرپن سان خوش ٿي ڪمو ۽ پنهنجون چالاڪيون

پئي ڏيکاريائين. ائين ڪندي هڪڙو مضبوط تداور مڙس شامل ٿيڻ لاءِ لنگهي آيو. گوروش انهيءَ سان ۾ مسخريون ڪرڻ لڳو ۽ ذري ذري چٽائي منهن ۾ ڏسڻ لڳس. پوءِ آهستي وڃي ڪورفيراڪ ۽ انجولراس کي ڪن ۾ چوڻ لڳو ته "هي شخص جاسوس اٿو" هنن پڇيس ته "پڪ ٿو ڄڻين؟" هن چيو ته "مون کي پڪ آهي، آءٌ سڃاڻانس ٿو. سرڪاري ماڻهو آهي، جاسوس ٿي آيو آهي." پوءِ ته سيني اڃي کانئس پڇيو ته "تون ڪير آهين؟" هو پهرين ته نٽائڻ لڳو، پر پوءِ جڏهن زور ڀريائونس، تڏهن چيائين ته "آءٌ سرڪاري عملدار آهيان، ۽ منهنجو نالو جاورٽ آهي." انجولراس چٽن چٽن کي اشارو ڏنو ته اڪچڻ ۾ انهن کٽي پڪڙيس. سندس بدن تلاشيءَ مان هڪڙي گوڙي ۽ کي مهرون لڌيون، جي چڏي ڏنائونس. پوءِ کيس جاءِ جي هڪڙي ٿنب سان ٻڌي، وچ تي ويهاري ڇڏيائونس. گوروش چرچو ڪري چوڻ لڳو ته ڏسو ته مون جهڙي ڪٽوئي کيئن نه هن ٻلي جهڙي مڙس کي آٽي ڦاسايو آهي." جاورٽ نڪا دانهن ڪئي، نڪا ڪوڪ، ۽ نڪي ٻاڻ ڇڏائڻ لاءِ منو هنيائين. ماٺ ڪري ويهي رهيو.

مريس پنهنجي محبوب کي ويل ڏسي نا اميد ٿيو بيٺو هو، ته ڪو ماڻهو سڏي ويس. هي انهيءَ جي پٺيان لڳي پنهنجيءَ جاءِ تي آيو. رستي ۾ وڃار

ڪندو آيو تہ "جي ڪاسيت انگلنڊ ڏي يا ٻئي پاسي هلي ويئي" تہ پوءِ منهنجو جيئڻ اجايو آهي. انهيءَ ڪان تہ مرڻ بهتر آهي." گهر اچڻ سببان خبر پيس تہ جيتري عرصي ۾ پاڻ نڪتو هو، انهيءَ عرصي ۾ شهر جو ڦرڪو ڦري ويو- هر هنڌ فساد ۽ مارا ماري شروع ٿي ويئي هئي. ڪورفيراڪ جنهن سان گڏ پاڻ رهندو هو، تنهن کي هن ڳولي اچي لڌو. دل ۾ پڪو ارادو ڪيائين تہ سائس وڃي شامل ٿئي تہ هن وڙهندي مارجي وڃي. هن کي پنهنجو ٻيءَ ياد ٻيو، دل ۾ آيس تہ چوڻ پاڻ به اهائي پيروي ڪري ۽ اهڙو نالو ڪيڏي ۽ ملڪ جي لاءِ پنهنجو سر ڏئي ۽ رت وهائي. پوءِ تہ هوٽل ۾ اچي پنهنجين باغين سنگتين سان گڏيو ۽ ڪانئن هڪڙي بندوق وٺي تيار ٿي ويو.

رات جي ڏهين بجي جي مهل هئي، سڀ تيار ٿيا بيٺا هئا تہ پري کان هڪڙي پلٽڻ مشعلن سان ايندي ڏٺائون. جڏهن اها پلٽڻ هوٽل کي اچي سامهين ٿي، تڏهن انهيءَ جي اڳواڻ هڪل ڪري پڇيو تہ "دوست يا دشمن؟ سرڪار يا فسادي؟" انجولراس مٿان دريءَ مان منهن ڪيڏي چيو تہ "فرانس جا باغي!" تڏهن انهيءَ آفيسر حڪم ڪيو تہ "بندوقون ڇوڙيو." هڪدم بندوقن جو دس ڇٽي ويو. گولين جو وسڪارو ٿيو— ڪتل جهنڊو ڀڃي ڪيري ڀيو ۽ ڪيترا ساٿهو

ڏنجي پيا. اهڙيءَ ڪاهه جي وقت سڀ ماڻهو پنهنجا پنهنجا هٿيار ڪٽي پنهنجو جايون ولي بيٺا هئا. نقط جاورٽ جاءِ جي وچ ۾ ٽنڀ سان ٻڌو ويٺو هو، ۽ فسادين مان هڪڙو ترار ڪڍيو مقابلي بيٺو هو. گوروش آسپاس جي نظرداريءَ ۽ ٻهري لاءِ بيٺل هو. هن ڏٺو ته سرڪاري پلٽن وارن مان ڪي هوڏل ۾ اچي گهڙيا آهن ۽ مٿي تا چڙهن. ڊپ ٿيس ته متان لحظي ۾ سڄي جاءِ جا مالڪ نه ٿي وڃن، سو هڪدم وڃي انجولراس ۽ ڪورفيراڪ کي ٻڌايائين. باغي هڪدم اچي انهن جي سامهون ٿيا، ۽ هڪ-ٻين کي بندوقون هنيائون. ذري گهٽ ڪورفيراڪ ۽ گوروش ماريا هئا، پر ميريس اوچتو حملو ڪري ڪاهه ڪندڙن کي ماري وڌو، ۽ پنهنجي ساٿين کي بچايائين.

انهيءَ وچ ۾ سرڪاري پلٽن جو گهڻو ڀاڱو ڪاهي اندر آيو ۽ هوڏل جو وڏو حصو هٿ ڪري ويا. جڏهن اچي ٻئي طرف مقابلي لاءِ آمهون سامهون ٿيا، تڏهن سرڪاري طرف واري عملدار هنن کي چيو ته "هڪدم پيش پئو نه ته مارجي ويندؤ." تنهن جي ورنديءَ ۾ انجولراس پنهنجن ماڻهن کي حڪم ڪيو ته "بندوقون هڻو!". هڪدم ٻنهي طرفن جا دس چٽي ويا ۽ ٻنهي پاسي ڪيترا ماڻهو ڪري پيا. ايتري ۾ ميريس وڃي هڪڙو باروت جو ٻيپ گهلي، مشعل هٿ ۾ ڪٽي اچي وچ تي بيٺو، ۽ سرڪاري پلٽن وارن کي چيائين ته "نڪري وڃو، نه ته سڄي جاءِ کي اڏائي

ٿو چڏيان. اوهين توڙي اسين سڀ اڏامي ويندا سين."
اڻين چئي، مشعل انهن کي ويجهو ٿي ڪيائين، ته
سڀ سرڪاري ماڻهو عمارت چڏي ڀڄي ٻاهر ٿيا، ۽
پنهنجا ڦٽيل سنگني ۾ چڏي ويا، چاڪاڻ ته پڪ ٿين
ته هي فسادي پنهنجي سر تان آسرو لاهيو ٻيٺا آهن،
ساڻن مقابلو ڪرڻ آسان نه آهي.

ميريس جي اهڙي جانفشاني ۽ چالاڪي ڏسي،
ڪورفيراڪ ۽ انجولراس هن ڏي ڀاڪر وجهي ملڻ
لڳا. تنهن کان پوءِ ته سيني باغين هن کي ڪٽي پنهنجو
مهندار ڪيو، ۽ سڀ ڪم هن جي حڪم مان ٿي
ڪيائون. ميريس انهيءَ مهل اهڙو سرگرم هو جو
ڪاميٽ ۾ وسري ويٺي هيس. انهيءَ جوش ۾ هن
جاورٽ کي ۽ ڪين سڄاتو، جو اڃا تائين اتي ٻڌو
ٻيٺو هو.

باروت جي ڦاٽڻ جي ڊپ کان سڀ سرڪاري سپاهي
جاءِ چڏي ڪٿيءَ جي منهن وٽ وڃي گڏ ٿيا. حڪم
جي لاءِ يا مدد جي لاءِ منتظر ٿي ٻيٺا. انهيءَ وچ ۾
جوڪي ڊاڪٽري ڪالهج جا شاگرد باغين مان شامل
هئا، سي زخمين جي مرهم پٽي ۽ ٻي سنڀال ڪرڻ لڳا.
ميريس فسادين جي مهندار، پنهنجي ساڻين کي ٻيهر
مقابلي لاءِ تيار رهڻ جو بندوبست پئي ڪيو ۽ هيڏي
هوڏي ٿي آيو ويو، ته رستي ۾ هڪڙي سنهڙي آواز
واري ماڻهوءَ آهستي سندس نالو ولي سڏ ڪيو. هن
ٻيهي انهيءَ ڏي منهن ڪيو. ڏسي ته اهو ناڻن چوڪري

آهي، جا مرداني ويس ۽ هٿيار کڻي ٻاغين سان اچي شامل ٿي آهي. اهو ڏسي ڏاڍي حيرت لڳيس.

حقيقت هيءَ آهي ته اها اپونائن، جا ڪڏهن ڪڏهن ميريس جو ڪاسيٽ ڏانهن پيغام نيندي هئي، تنهن جي پاڻ ميريس سان محبت ٿي ويئي هئي ۽ ڪاسيٽ سان حسد يا پڇاڻپو ٿي پيو هوس. انهيءَ ڪري هوءَ اڪثر ميريس جي صدقي ڪاسيٽ جي خيرخواهي ڪندي هئي، جيئن هڪڙي پوري ڪاسيٽ جي گهر کي چورن کان بچايائين. ۽ جڏهن معلوم ٿيس ته ميريس ڪاسيٽ جي اوچتي گم ٿي وڃڻ ڪري ڏاڍو ناامميد ٿيو آهي، ۽ فسادين سان شامل ٿي مرڻ ٿو گهري، ۽ اها به خاطري ٿيس ته انهيءَ کي وساري ساڻس محبت نه رکندو، تڏهن پاڻ به انهيءَ سان گڏ مرڻ ۾ راضي ٿي. انهيءَ ارادي سان ويس بدلائي اچي شامل ٿي. اها ئي هئي جنهن آتان سڏي آندو هوس، ۽ هاڻ هن جي بهادري ڏسي ۽ مهنداري مڃي ڏاڍي خوش ٿي ۽ پاڻ سڃارائڻ لڳي. ميريس پڇيس ته "تون ڇو هتي آئي آهين؟" هن چيو ته "مرڻ لاءِ!" ميريس ڏٺو ته هن کي زخم به رسيو آهي ۽ رت پيو وهيس، ڪهي هٿ مان گولي لنگهي وئي هيس-- هڪڙي سرڪاري سپاهيءَ کي ميريس تي بندوق چوڙيندي ڏٺائين، ته جهٽ ۽ بندوق جي منهن تي هٿ رکي هٽائي پاسي ڪيائين. بندوق ڇٽي، ميريس بچي ويو، ۽ هن جي هٿ مان گولي لنگهي ويئي. ميريس کي

ڏاڍو قياس ٿيو. ڀائيائين تہ ڪٿي هنڌ تي سمهاريس ۽ مرهم پٽي ڪرائيس، پر هن چيس تہ "گولي هٿ مان لنگهي، پوءِ آرپار پٽن مان نڪري وئي آهي، تنهنڪري علاج ڪرڻ اجايو آهي. آءٌ مرڻ تي آهيان، فقط ٿوري گهڙي مون وٽ ويهہ". ميريس ويهي رهيو. هن پنهنجو مٿو هن جي جهوليءَ ۾ رکيو ۽ چيائين تہ "هاڻ مون کي ڏاڍو آرام ٿو اچي. سڀ سور وسري ويم. هاڻ آءٌ وڃان ٿي. اميد آهي تہ هُن جهان ۾ ملنداسين. شايد تون به جلد منهنجي پٺيءَ ايندين، جو مرڻ لاءِ تيار ٿيو آهين. مون تنهنجي لاءِ هڪڙو خط لکيو هو ۽ ٽپال ۾ ٿي وڃم، پر ڊنيس تہ متان تون ڪاوڙجين، آهو منهنجي ڪيسي ۾ پيو آهي."

ميريس سندس ڪيسي مان اهو خط ڪڍي ورتو. وري به هوءَ چوڻ لڳيس تہ "چڙين متان -- منهنجي توسان ڏاڍي محبت هئي. هاڻ مون سان انجام ڪر تہ جڏهن آءٌ مران تڏهن مون کي هڪڙي چمي ڏجئين." سگهوئي هن سڏڪا ڀري دم ڏنو، ۽ ميريس اهو انجام پورو ڪيو. پوءِ پاسي تي هڪڙيءَ بتي وٽ بيهي آهو خط ڏسڻ لڳو. ڏسي تہ اهو خط ڪاميٽ جو آهي. هُئن لکيل آهي-- "منهنجا پيارا، افسوس آهي تہ منهنجي پيءُ زور لاتو آهي تہ هڪدم هتان نڪري هلون. اڄ رات اسين هوم آرمي واري گهٽيءَ جي گهر نمبر ستين ۾ هونداسين، ۽ هفتي جي اندر لنڊن پهچنداسين -- ڪاميٽ."

ڳالهه هيئن آهي تہ انهيءَ رات اپونائن جو ارادو اهو هو تہ پنهنجي ٻيءَ ۽ ٻين چورن کي چوريءَ کان روڪي ۽ ميريس ۽ ڪاسيٽ جي وچ ۾ جدائي وجهي. جين وليجان کي بہ انهيءَ ڪاغذ اچلائي ڏنو هو، جنهن ۾ لکيو هئائينس تہ هڪدم اٿو گهر چڏي وڃو. انهيءَ ڪاغذ ڏسڻ شرط جين وليجان گهر ويو ۽ تيار ٿيڻ لڳو وٽ پَڄ ۾ ڪاسيٽ ميريس ڏي مٽيون مختصر خط لکي، مٿا هٿ لڳي تہ ڪيئن ٽپال ۾ وجهان، تہ ٻاهر اپونائن کي مردانيءَ پوشاڪ ۾ ڏنائين، جا باغيچي جي آسپاس پئي گهمندي هئي. انهيءَ کي ڏنائين تہ پلائي ڪري ڪٽي وچ ۽ ٻہ-ٽي رپيا خرچي بہ ڏنائينس. هن خط ڪٽي ڪيسي ۾ وڌو.

ميريس ڪاسيٽ جي خط کي چميون ڏيڻ لڳو. اتي لحظي تائين خيال ٿيس تہ نہ مران تہ چڱو، من ڪڏهن ملانس بہ. پر ياد پيس تہ هن کي ٻيءَ انگلنڊ ڏي وٺي ويندو ۽ نانو مون کي هن سان شادي ڪرڻ جي موڪل نہ ڏيندو-- تنهنڪري مرڻ بهتر آهي. پر انهيءَ کان اڳي بہ فرض ضروري نظر آيس: هڪڙو ڪاسيٽ کي پنهنجي موت جي خبر ڏيڻ ۽ خدا حافظ چئي موڪلائڻ، ۽ ٻيو اپونائن جي ڀاءَ ۽ ٽينارڊ ڀڙ جي پٽ گوروش کي موت کان بچائڻ. هڪدم ڪيسي مان پاڪيٽ بڪ ڪڍي پينسل، سان انهيءَ تي هيئن لکيائين: 'پنهنجي شادي ناممڪن، نانو اجازت نٿو ڏئي، جو نڪا تو وٽ دولت آهي،

نڪا مون وٽ. آءٌ تنهنجي گهر آيس ۽ تون ڪانه هئينءَ. مون توسان جو انجام ڪيو هو سو توکي ياد هوندو— آءٌ مران ٿو. جيستائين هي ڪاغذ توکي پهچندو، تيستائين منهنجو روح تو وٽ هوندو ۽ توکي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيندو ۽ مرڪندو.” تڪڙ ۾ ڪاغذ ويڙهي تهه ڪري، سواءِ لفافي چنبڙائڻ جي انهيءَ تي هي سرنامو لکيائين: ”مس ڪاسيٽ فاشل ونٽ ڪي، نمبر ٧، هوم آرمي واري گهٽيءَ ۾ سلي.”

تنهن کان پوءِ پنهنجي پاڪيٽ جي پهرين صفحي ۾ لکيائين ته ”منهنجو نالو ميريس پانٽمرسي آهي. منهنجو لاش منهنجي نالي گلي نارمنڊ وٽ، نمبر ٦ ڪلوير مڪان ۾ پهچي.” پوءِ گوروش کي سڏي چيائين ته ”پلائي ڪري هي خط راتو رات وڃي پهچائي آءٌ. هوٽل جو گهيرو اميد آهي ته صبح تائين هلندو.” اگر گوروش جي مرضي هئي ته پاڻ حاضر رهي ٻين سان گڏ وڙهي، پر ميريس جو حڪم ضرور مڃڻو ٿيس. اها گهٽي ٻري نٿي سمجهيس، تنهنڪري ارادو ڪيائين ته خط ڏئي وري ڊوڙي اچي هتي ۽ شامل ٿي سگهندس. اهو ارادو ڪري خط ڪڍي اڻي ڍڪو.

باب اوڻيهون

انهيءَ سماڳئي ڏينهن، رات جو سنجهي مان جين وليجان، ڪاسيٽ ۽ نوڪرياڻي ساڻ ڪري، هوءِ آرمي واري گهٽيءَ ۾ اچي رهيو. نڪرڻ ڪان اڳي ٻيءَ ۽ ڏيءَ جي وچ ۾ اهو پهريون ئي دفعو هو جو مرضيءَ جو اختلاف پيدا ٿيو. ڪاسيٽ اعتراض اٿارڻ لڳي ۽ عذر ۽ بهانا ڪرڻ لڳي، پر جين وليجان مڙڻ جو نه ٿيو. شام جو مٽي جي سور جي بهاني تي اندر در بند ڪري وڃي ويٺي، ۽ اتي ميريس ڏي خط لکي ورتائين. جين وليجان نوڪرياڻيءَ جي واتان پئي ٻڌو، جو چيائين ٿي ته شهر ۾ گڙبڙ ٿي ٻڌجي، پر هن جو خيال پئي پاسي هو ۽ گهڻو ٻي آرام ٿي ڏنو ۽ گهڻو پسار پئي ڪيائين. اوچتو پاسي تي رکيل آرسيءَ واري ميز تي، مسچٽي تي لکيل ابتا اکر آرسيءَ ۾ نهاريندي سبتا پڙهيائين. ڪاسيٽ تڪڙ ۾ خط لکي، مٽائنس مسچٽو هٽي، سڪائي، ڪاغذ ڪٽي هلي ويٺي هئي. انهيءَ نندڙي خط جو مضمون پڙهي حيران ٿي ويو، بلڪ مٽو ڦرڻ لڳس. وري به مسچٽو آرسيءَ جي سامهون جهلي پڙهيائين. پوءِ خيال ڪرڻ لڳو ۽ چاتائين ته زماني جا عجب رنگ آهن! پوءِ نوڪرياڻيءَ واري ڳالهه ياد پيس، ڀانيائين ته نڪري سماڻ رکان. يارهين ٻجي جو وقت هو

گهٽين ۾ آيو تہ ڀري کان هڻل ۽ گوڙ ٻڌائين. ڪٽان ٽڪاءَ ۾ ٻئي آيا، اهي ٽڪاءَ شايد آنهيءَ ڪاهہ جا هئا، جا سرڪاري پلٽڻ هوٽل تي ڪئي هئي. اتي هڪڙو چوڪرات گهٽيءَ ۾ گڏ ٿيس. اهو گوروش هو. آنهيءَ هن کان پڇيو تہ "سائين، هن گهٽيءَ ۾ گهر نمبر ستون ڪهڙو آهي؟" جين کي هڪدم ڪاميٽ وارو خط دل سان لڳو ۽ شڪ پيس. هن کي چيائين تہ "خط آندو اٿئي نہ؟ اهو مون کي ڏي. چوڪر چيو تہ "تون زال تہ ناهين. خط زال ماڻهوءَ لاءِ آهي." جين چيو تہ "مس ڪاميٽ جي لاءِ آهي نہ؟" هن چيو تہ "هائو". جين چيو تہ "اهو مون لاءِ آهي." خط وٺي ٻيو حال احوال بہ ورتائينس، ۽ چوڪر تڪڙوئي موڪلائي هليو ويو.

جين وليجان خط وٺي اندر آيو ۽ ڪوليائين تہ نظر ڀريندي انهن لفظن تي پيس تہ "آءٌ مران ٿو، جيستائين هي ڪاغذ توکي پهچندو تيستائين منهنجو روح تو وٽ هوندو..." حيران ٿي ويو. ڇاتائين تہ اڌرات ٿي وئي آهي ۽ ٻہ دس بندوقن جا بہ ٻڌڻ ۾ آيا. پڪ آهي تہ هيستائين ميريس مري ويو هوندو. اهو ٻہ ڏٺائين تہ هي خط موڪليل هو تہ سيائي صبح جو ڪاميٽ اڙهي. خيال ڪيائين تہ اهو ٻلو ضرور صبح تائين هلندو، ۽ رات جي اندر اها هوٽل، جتي باغي گڏ ٿيا آهن، سا وٺي نہ سگهندا. هڪڙي ڪري خوش ٿيو تہ جنهن ماڻهوءَ کان آءٌ ٿي ڀڳس ۽ جو منهنجي

ڏيءَ جي ٻڌيان هو، تنهن کان چئس. خط کڻي
کيسي ۾ وڌائين، ۽ ٻاڻ سنيري تيار ٿي بندوق
ڪارتوسن سميت کڻي انهيءَ هوٽل ڏي هليو. ڄاتائين
تہ جڏهن ههڙا معصوم ڇوڪرا ۽ ملڪ جي ڀلي لاءِ
پيا وڙهن ۽ مارجن، تڏهن آءٌ ڇو نہ وڃان.

هوٽل ۾ انجولراس، ڪورفيراڪ ۽ مريس جي
نظر هيٺ هرقسم جي تياري پئي ٿي. ستنيهہ ڇٽا وڃي
آتي بچيا هئا. سڀ گهٽ بندڪري مٿي ماڙيءَ تي
بندوقون کڻي ويهي رهيا. ٻين اڃا ڪا اڳ ڪٺتي
پئي ڪئي، پر ميريس، جو موت جي لاءِ سنيريل هو،
سو وڙهڻ لاءِ تڪڙو هو. ڀانيائين تہ جيئن جلد دشمن
اچن تہ وڙهي ساهہ ڏيان. ٽين بجي جي مهل هئي،
جو جين وليجان ۽ رلندو رلندو اچي اتي نڪتو، ۽
لنگهي اچي باغين سان شامل ٿيو. انجولراس کي شڪ
هو تہ الاجي دوست آهي يا دشمن، پر ميريس جو
ڏنل هو، تنهن ڇيو تہ آءٌ سڃاڻانس ٿو، هن جو نالو
ناشل ونٽ آهي." تڏهن رهڻ ۽ شامل ٿيڻ ڏنائونس.

مٿي ماڙيءَ تي بندوبست پورو رکي، انجولراس
هيٺ لٿو، جتي جاورٽ ٻڌو ويٺو هو. انهيءَ کان
پڇيائين تہ "ڪي گهربل اٿئي؟" هن ڇيو تہ "ڪي
ٻہ ڪين - ڪڏهن ٿا مون کي ماريو؟" هن ڇيو تہ
"تڪڙ نہ ڪر، اسان کي اڃا ڪارتوس پئي بهتر
ڪم لاءِ بچائڻا آهن." جاورٽ ڇيو تہ "نڏهن مون کي
آج لڳي آهي، کي پيٽ لاءِ ڏيو." انجولراس گلاس

پاڻيءَ جو آڻي ڏنس، جو هن پيتو. پوءِ چوڻ لڳو ته اوهان مون کي ڏاڍو ڏکيو پڌو آهي. سڄي رات هيئن ويٺو رهيو آهيان. پڌوم پلي، پر ڪنهن ميز تي سمهاري پڌوم ته ٽنگون ته ساهيان؟"

انجولراس ڪن ماڻهن کي حڪم ڏنو ته هن کي چوڙيو. چئن چڻن هن کي چوڙيو، ۽ هڪڙو ترار ڪڍي ٻيٽو. جاورٽ جا هٿ پٺن سان پڌل هئا ۽ هڪڙو مضبوط رسو چيلهه ۽ پيرن ۾ پيل هوس. پاسي تي هڪڙي ميز پئي هئي، اوستائين وٺي ويس ۽ انهيءَ تي سمهاري پڌائونس. جين وليجان به اتي اچي نڪتو. جاورٽ جي نظر انهيءَ تي پيئي، پر نڪو چرڪ پريائين، نڪا حيرت ئي لڳيس. جين به چتائي ڏنس.

اتي پرهه ٿي ۽ ڏينهن ٿيو. اوچتو ٻاهر هڪڙي گهنٽيءَ کان سرڪاري سپاهي هڪڙي توب ڪاهيندا آيا. پري کان انجولراس پنهنجن ماڻهن کي بندوق جي دَسَ هٿ لاءِ حڪم ڏنو. هڪدم بندوقون ڇٽيون. دونهي سان توب ۽ انهيءَ جا ماڻهو ڍڪجي ويا. لحظي کان پوءِ دونهون لٿو. جيتري ۾ هنن وري بندوقون پريون، تيتري ۾ توب وارن توب چوڙي ۽ گولو اچي هوٽل کي لڳو. انهيءَ وقت گوروش ڊوڙندو اندر لنگهي آيو. ميريس ڏسي ورتس. پاسي تي نيٽي پڇيائينس ته "تون چو موتي آئين؟ مون توکي موڪليو هو ته مرڻ کان بچين. پلا پڌاءِ ته

خط پهچايئه؟" گوروش ڪوڙ ڪري چيو ته "گهر جي مالڪياڻي، جنهن ڏي خط هو سا سٽتي پئي هئي، خط سندس نوڪرياڻيءَ کي ڏئي ڇڏيم ته صبح جو پهچائي ڏيئس. پوءِ ڳٽتي هتي حاضر رهڻ جي ٿيم، تنهنڪري وري هتي آيو آهيان."

ميريس جڏهن جين وليجان کي پهرين آتي ڏٺو، تڏهن هڪدم سڃاتائينس ته اهو فاشل ونٽ آهي. گوروش کي ڏيکاريائين ته ڇا پڇيائينس ته هن کي سڃاڻين ٿو؟" پر هن اونداهيءَ ۾ ڏٺو هوس ۽ خط ڏنو هئائينس، تنهنڪري پوريءَ طرح سڃاڻي نه سگهيس، تنهنڪري ميريس کي ڪو بچڙو گمان ڪونه گذريو. چاتائين ته فاشل ونٽ به انهيءَ ساڳئي طرف جو آهي، جنهن طرف پاڻ هو ۽ تنهنڪري شامل ٿيڻ ۽ وڙهڻ لاءِ آيو آهي.

انهيءَ وچ ۾ ٻي به توب اچي نڪتي، ۽ سرڪاري سپاهي توبن ۾ گولا وجهي هڻڻ لڳا ۽ پيادا سپاهي به اتي اچي گڏ ٿيا. هيڏانهن وري بندوقن جا وسڪارا ٿيڻ لڳا، ڪي ماڻهو هڻن جا پئي مٿان ۽ ڪي هيٺن جا. باغين جا ڪارتوس ڪٽڻ لڳا، گوروش هيٺ لهي جيڪي سرڪاري سپاهي بندوقن جي لڳڻ ڪري ڪيري پيا هئا، تن جا ڪارتوس ميڙي گڏ ڪري، توڪرو ڀري ڪٽي آيو. اگرچ مٿانئس بندوقن جا وسڪارا پئي ٿيا. جيڪي سرڪاري سپاهي پاسي وارن گهرن جي ماڙين تي چڙهي هوئل

جي جانچ لاءِ ٽي آيا، تن کي وري جين وليجان لڪي بندوقون هٿي ٽي ماريو.

گورويش وري به همت جهلي ڪارتوسن جي چوريءَ لاءِ ويو. سرڪاري سپاهين کي هن جي جرات تي حيرت به لڳي ٽي، جو رڳو چوڪر ٽي ڏٺو، پر تڏهن به هن کي روڪڻ لاءِ مٿس بندوقون چوڙيائون. هين پيري هن کي بندوق لڳي ۽ هو هوڏل جي ٻاهران ڪيري پيو. ميريس ڊوڙي ڏانهنس ويو، پر هو اڳئي مري ويو. هن کي ڪنهن ٻئي سنگتيءَ جي مدد سان ڪارتوسن جي ٽوڪريءَ سوڌو اندر کڻي آيو. ڏاڍو ارمان ٿيس، جو ڄاتائين ته هو ٽينارڊيئر جو پٽ آهي، جنهن ٽينارڊيئر منهنجي پيءُ کي بچايو هو.

هوڏل کي بچائيندي پهر اچي ٿيا. انجولراس ۽ ميريس اها رٽ ڪئي ته اڏوگابرا ماڻهو رهيلن ڪارتوسن سان بندوقون هٿن، ۽ ٻيا گهٽيءَ مان فرشن جا پهڻ ڦٽي ڪٽي اچن ته آهي جاءِ جي درين تي رکي توبن جي گولين کان بچاءُ ڪجي. ائين ڪيو ويو ۽ گهڻو بچاءُ ٿيو. پوءِ انجولراس اندرئين ڪم جو جوابدار ۽ حڪم ڏيڻ وارو ٽي بيٺو، ۽ ميريس ٻاهرئين ڪم جو.

پوءِ انجولراس آتي آيو، جتي جاورٽ ٻڌو ويٺو هو.

صلاح ڪيائون ته اجهو ٿا سرڪاري سپاهي بندوقن ۽ توبن سان گڏ ٽي هوڏل تي ڪاهه ڪن، بهتر آهي ته جاورٽ کي ماري ڇڏجي، جو هو دشمن جو جاسوس هو. اهو ڪم جين وليجان جي ذمي ڪيائون، ٻاڪ

جين وليجان ڪنڌ ڪري پاڻ تي ڪنيو ۽ هڪڙو تپاچو ڪٽي جاورٽ جي پاسي ۾ اچي بيٺو. انهيءَ وچ ۾ ٻاهر بگل وڄڻ ڪري سڀ ماڻهو انهي جاءِ مان نڪري پاسن تي ڊرين وٽ وڃي تيار ٿي بيٺا، فقط جين وليجان ۽ جاورٽ اڪيلا جاءِ ۾ رهيا.

جين وليجان جاورٽ کي حڪم ڏنو تہ "اٿي ويهہ." جاورٽ ڪلي اٿي ويٺو، جنهن ڪل مان نفرت ۽ ڏڪار ٻئي معلوم ٿي. جين وليجان هن جي ڪمر ٻئي ۾ هٿ وجهي، ڪيس ميز تان ڪٽي ائين اٿي هليو، جيئن ٻلي ڪوئي کي ڪٽي هلي. ٻئي هٿ ۾ تپاچو هوس. پاسي تي نهئي جيئن ٻڌل هو تيئن هن کي بيهاري، تپاچو ڪٽي جين وليجان هن کي چيو تہ "جاورٽ، مون کي سچائندو هوندين؟" هن ورندي ڏني تہ "هائو، پنهنجو ويرِ مون کان ڀلي وٺ." جين وليجان ڪمر مان هڪڙو خنجر ڪڍيو. جاورٽ چيو تہ "تپاچي کان اهو منهنجو زياده لائق آهي. جين وليجان ماٺ ڪري خنجر سان هن جا سڀ رسا وڍي، چيائينس تہ "تون آزاد آهين."

جاورٽ جهڙو بدطبعيت ماڻهو هو تهڙو عجب ۾ پئجي ويو، ۽ وات پٽجي ويس، هو انهي حيرانيءَ ۾ هو، تہ جين وليجان چيس تہ "آءٌ هتان نڪرڻ وارو ناهيان، ڀر تڏهن ٻ تو کي ٻڌائي ٿو ڇڏيان تہ فاشل ونٽ جي نالي سان هوم آرمي واري گهٽيءَ ۾، گهر نمبر ستين ۾ ٿو رهان. هاڻ وڃ هليو." جاورٽ شوخيءَ مان هن کي چيو تہ "انهي احسان کٽڻ کان تنهنجي هٿان

مرڻ مون کي زياده پسند آهي." جين چيس تہ "ماڻ ڪري هليو وڃ." هو ماڻ ڪري هليو ويو ۽ جين موٽي پنهنجي جاءِ تي اچي بيٺو.

انهيءَ وچ ۾ سرڪاري لشڪر بندوقن ۽ توپن سان تيار ٿي هوڏل کي تباهہ ڪرڻ ۽ فسادين کي مارڻ لاءِ سنبري آيو. توپن ۽ بندوقن جا وسڪارا ٿي ويا. هيڏي ويچارا ٿورا ۽ رات جا جاڳيل بڪيا آڇيا، ۽ وڻن ڪارتوس ڪونہ ڏهن. انجولراس ڪان سواءِ ٻيا سڀ کي ماريا ۽ ڪي زخمي ٿيا. ميريس کي بہ ڪيترائي زخم ٿيا هئا، خاص هڪڙو خراب زخم مٿي ۾ هوس، جنهن سان رت نٿي بيٺس ۽ هن روماڻ زور سان ٻڌي ڇڏيو هو. دشمن جا سپاهي ڪاهي اندر آيا. اوچتو گولي لڳيس ۽ ڪيري پيو. اکيون پورجي ويس، ٿورو هوش هوس تہ ڪنهن زبردست هٿ گهلي ڪنيس. چاتائين تہ ڪنهن دشمن مون کي ڪنيو آهي، ۽ ڪٿي ليئي بندوق يا تپاچي سان ماريندو.

پوءِ تہ دشمن هوڏل ۾ ڪاهي پيا. سڀ بغاوت ڪرڻ وارا جي بچيا هئا، سي ڪهاڙين ۽ لٽين سان وڙهندا ماريا ويا، چو جو ڪارتوس ڪونہ بچيو هون. فقط هڪڙو شخص صحيح سالم وچ ۾ بيٺو هو، ۽ اهو هو انجوارراس.

جڏهن انهيءَ کي پڪڙيائون تڏهن سڀاتائون تہ باغين جو سرڪردو هيءُ آهي. هن کي بندوق هڻڻ

جي ڪيائون. هن پاڻ ۾ چيو تہ "پلي سون کي بندوق هڻي ماريو." نيٺ هن کي بندوق هڻي ماريائون ۽ سڄي جاءِ هنن جي قبضي ۾ آئي. مئلن جا لاشا، ڪي اڌ مئل ۽ قتيل جاءِ مان ڪڍي، ٻاهر گهٽيءَ ۾ اڇلائي وڌائون. انهيءَ طرح باغي جوان بهادريءَ سان پڇاڙيءَ تائين وڙهيا، ۽ آخر وڙهي ساهه ڏنائون.

ٻاب ويهون

هينئر ميريس جين وليجان جو سچ ٻچ قيدي هو. جين انهيءَ جنگ فساد ۾ ٻيو گهڻو حصو ڪونه ورتو هو، فقط ٻاڻ ڪي خوف جي هنڌ ظاهر ڪيو هئائين. سارو وقت هن جون اکيون ميريس ۾ هيون. جڏهن گولي لڳڻ ڪري ميريس ڪيري ٻيو، تڏهن هو شينهن وانگي مٿانئس ٽپي ٻيو ۽ ڪيس کڻي ويو. انهيءَ مهل هوٽل ۾ گڙ ٻڙ هئي، ۽ سرڪاري پلٽڻ ڪاهي اچي رهي هئي. انجولراس کان سواءِ ٻيو هن جي سامهون ڪونه هو، ٻئي ڪنهين جين وليجان کي ميريس کي ڪٽي ويندو ڪونه ڏٺو. جڏهن هوٽل جي حد کان ڪڍي ٻاهر ڪيائينس، تڏهن هڪڙي ڀت جي پٺيان، ٿوري تائين هن کي هيٺ رکي، ساهي ڪڍيائين. ٻيو خيال ڪيائين ته جي نڪري ٻاهر ٿيندس ته پلٽڻ وارا سنگينون يا بندوقون هٿندا. پڪيءَ وانگي اتان اڏامڻ کان سواءِ ٻيو بچاءُ نظر نٿي آيو. جيڪي ڪرڻو هو سو هڪ لحظي ۾ ڪرڻو هو. آخر ٻاهر نڪرڻ جو امڪان ڏسي، رٽ ڪيائين ته انهيءَ هنڌان فرش جا ٻڻ ٻڌي، هيٺان جيڪو وڏو نل يا گٽر گندي ٻاڻيءَ جو ٿو وڃي، تنهن مان لنگهي، ٻري ڪنهي هنڌان نڪري ٻاهر ٿيان. اهو نل زمين کان اٽڪل اٺ ڏهه فوٽ هيٺ هو.

اتي ويهي اهو ڪم ڪيائين ۽ ڪن ٿورن منٽن ۾ ديون جهڙو ڪم ڪري گذريو. جهٽ ۾ ميريس کي لاهي اندر ٿيو ۽ گهڙيءَ تائين ويهي آرام ورتائين. پڻس جهڙي شهر جا زيرزمين وارا گندي پاڻيءَ جا نل اهڙا آهن جهڙو وڏو چار، جيتريون گهٽيون، اوترا هيٺيان نل، وڏن مان ننڍا نل نڪتل ۽ هڪڙن مان ٻيا نڪتل هئا. نل جي دري پٽي وري مٿان بند ڪري ڇڏيائين، پوءِ ميريس کي کڻي اتي هليو. هو اڌ مٽل هو ۽ ڪڏهن ته شڪ ٿيس ته مري ويو آهي ۽ هي سندس لاش گهليندو وتان. پهرين اندر گهڙڻ سان اکين اڳيان رڳي اونداهي هيس، پر پوءِ ٿوريءَ ويرم بعد ڪجهه ڏسڻ لڳو. نل جي ٻنهي پاسي پٿرن هٿ سان لڳس ۽ هيٺان به فرش پيرن کي لڳس، ٿوري مٽي ۽ پاڻي به، البت خراب ٻانس به آيس. ڏهن-پندرهن فوٽن تي مٿان ننڍڙي چاري واري دريءَ مان هوا ۽ روشني پئي آئي. اهڙيون دريون نل ۾ ٿوري ٿوري پنڌ تي رکيل هيون. انهن جي ڪري گهٽي مدد مليس، اگرچ ڊپ هوس ته مٿان ڪو انهن درين مان لنگهي اچي ڪيس پڪڙي.

ڪچ پنڌ ڪرڻ کان پوءِ وري منجهي بيهي رهيو، جو ٻيا نل انهيءَ مان ڦٽن لڳا. خيال ڪرڻ لڳو ته سڄي لڙان يا ڪهي لڙان. ايترو سمجهيائين ته ڪهي پاسي وارو نل يا رستو جو زياده لهوارو آهي ۽ نديءَ جي

طرف آهي سو بهتر ٿيندو، جو نيٺ وڃي انهيءَ تي بيهندو. انهيءَ طرح اونداهيءَ ۾ اڳتي هلندو هليو ۽ لهندو ٻڌو هليو. پاڻي جيڪو پئي آيو سو سڀ پٿياس پئي آيو، نہ اڳيان. هڪڙي هنڌ اوچتو پنهنجو پاڇولو اڳيان ڏٺائين. ڪنڌ ورائي ڏسي تہ ٻري ڪان هڪڙي تاري جهڙي شئي چمڪندڙ ڏٺائين ۽ انهيءَ جي ٻنيان نوَ ڏهہ آيون شڪليون ڏٺائين. ٻڪ ٿيس تہ پلٽ وارا يا پوٽيس وارا آهن، جي باغين جي ڳولا ۾ لڪيا آهن تہ متان لڪا هجن، ٻاڻ پري ڪان ڇو ڏسي ٿي سگهيو، مگر هو ڪيس ڇو ڏسي نٿي سگهيا، جو هي اونداهي ۾ هو، ۽ هو سوجهري ۾ هئا. تنهنڪري في الحال هو نل جي پاسي سان لڳي بيهي رهيو. هن جي بيهڻ ڪري هنن ڪي ٻ ڪين ڏٺو ۽ پيرن جو ديکو پري ڪان ٻ ڪين پڌو، تنهنڪري هو ٻ ڀلجي بيهي رهيا. شڪ لاهڻ لاءِ هنن انهيءَ پاسي نل ۾ هڪڙي بندوق ڇوڙي. ڌاڌو نڪاءِ ٿيو، نل جي پهڻ واريءَ پٽ کي گولي اچي لڳي، ۽ جن وليجان جي ويجهڙائيءَ ۾ گج ۽ پهڻ جا ٽڪر ٻ ڪيري پيا. تنهن ڪان پوءِ درجي بدرجي روشنائي گم ٿي ۽ ماڻهو نڪري ويا. تڏهن هو مريس کي ڪٽي اڳني هلڻ لڳو. ڊپ هرس تہ متان گهٽي رت وهڻ ڪري هو مري وڃي، تنهنڪري تڪڙو تڪڙو هلڻ لڳو. اگرچ ساهي ڪٽندو هليو تہ ٻ ٿيٺ اچي ٿڪو، ۽ آج

ٻڪ ۾ لڳيس. ڪٿي ڪٿي پاڻيءَ گهٽو ٿي ٿيس، ۽ ڪٿي ڪٿي وڏن وڏن ڪوٽن ڇڪ ئي هنيس.

ٿي بجي ڌاري هو وڏي نل جي ٻئي منهن وٽ آيو، جتي نل تمام ڪشادو هو. اٽڪل مت-اٽ اوٽ ويڪرو ۽ اونچو هو. اتي ٻيا چار وڏا نل اچي گڏيا هئا. هن جيڪو سڀ ڪان ڪشادو نل هو سو ورتو ۽ وري ورتائين ۽ اهو جو لهوارو هو. اڳيرو هلي هڪڙي چاريءَ واري دريءَ جي سوجهري تي هن ميريس کي لاهي هيٺ رکيو، ۽ سندس چڪاس وٺڻ لڳو. منهن ۽ ڪپڙا سڀ رت سان ڀريا پيا هئس، بلڪل بيهوش ۽ اڌ مئل هو، مگر اڃا ساهه ٻئي ڪنيائين. جين وليجان جا ڪپڙا ۽ رت سان ڀريا پيا هئا. پنهنجي پهراڻ سان ڪپڙي جا ٽڪر ڦاڙي انهن سان هن کي اگهي، جميل رت جا ٽڪر پاسي ڪيائين. ميريس جي ڪوٽ جي ڪيسي ۾ روڻي پيل ۽ ڏٺائين جا شايد هن ساڻ کنئي هئي ۽ سندس پاڪيٽ بڪ ۽ روڻي هن ويهي ڪاڌي جو ٻڪ لڳي هيس، ۽ پاڪيٽ بڪ کڻي پڙهيائين. پوئين ئي صفحي تي لکيل هو ته "منهنجو نالو ميريس پانٽرسي آهي. منهنجي لاش منهنجي نالي گلي نارمنڊ وٽ نمبر ڇهين ڪلوئيز مڪان ۾ پهچي."

اگرچه پهرين ميريس ۾ تمام ڏڪار سان نظر ٿي ڪيائين، ۽ مٿس ڪاوڙ هيس، پر هاڻ جيڪي پڙهيائين

تنهن ٿي خيال ڪرڻ لڳو. پاڪيٽ بڪ ۾ ٻيو ڪي لکيل نه هو، سو وري هن جي ڪيسي ۾ وڌائين. هيستائين ٽڪر ڪائي، ساهي ڪٽي تازو ٻه ٿيو، ۽ وري هن کي ڪٽي اٿي هليو. اهو سماڻ بلڪل ڪونه ٿي پيس ته، شهر جي ڪڙي پاڳي، مڪان يا گهٽي ۾ آهيان. ايترو سو چاتائين ٿي ته سج لڙندو وڃي ۽ شام ٿيندي وڃي ۽ مقانئس ڊوڙندڙ گاڏين جي گوڙ پئي آئي.

هلندي هلندي نيٺ هو گپ ۾ اچي ٻهو، جا نل جي پچاڙي تي ڳڏ ٿي هئي. گپ ۾ چور- گپ ٿي ڏٺي، جا اڪثر درياءَ جي ڪنارن تي واريءَ سان ڍڪل ٿيندي آهي، جنهن ۾ سڄا سڄا ماڻهو ۽ گهوڙا گهڙي وڃن. پاڻيءَ ۾ وري ٻه ماڻهو هڪدم ٻڏي مري وڃي ٿو، ۽ چور- گپ ۾، وڃي هيٺ گهڙندو ۽ آهستو آهستو گهٽجي عذاب ڪائي مري ٿو. جين کي ڏاڍو ڊپ ٿيو. پيرن کي مٿان پاڻي ۽ هيٺان گپ لڳيس جا ويٺي وڌندي. اونداهي زياده ٿيندي وئي. ميريس ٻونين پساهن تي ٿي ڏٺو، ۽ هي پاڻ جدا ٿڪل. ڪٿي ته گوڏن تائين گپي ٿي ويو ۽ ڏاڍي مشڪلات سان پاڻ چڏائي مٿي ٿي ٿيو. ميريس جيئن پوءِ تيئن ويو ڊرڪندو ۽ مٿس بوجو ٿيندو.

اوچتو پيرن کي ڪا سخت شئي ڇپ جهڙي لڳيس. مٿو هٿي انهيءَ تي چڙهي ذري تائين ساهي ڪڍ

لڳو. پوءِ معلوم ڪيائين تہ اڳيان مٿي چڙهڻ جي جاءِ آهي ۽ شايد ڪا ڏاڪڻ آهي، جا مٿيءَ ۾ پورجي ويئي آهي. همت ڪري اٿو ۽ تڪڙو تڪڙو هلڻ لڳو. اتي ٿڌ ۾ پوڻ لڳي. ٻري ڪان زياده سوجهرو ڏسڻ ۾ آيس، جو ڪنهن بتيءَ جو نہ هو، پر لهندڙ ڏينهن جو هو. اتي سمجهيائين تہ نل پورو ٿو ٿئي. ۽ ٻاهر نڪرڻ جي جاءِ آهي. مگر اتي ۾ چاري ڏنل هئي. جنهن مان ڏسي سگهيو تہ درياءَ جو ڪنارو آهي، ۽ شهر ڪان ٻري آهي ۽ چوڌاري اڪيلائي آهي. ميريس کي لاهي رکي، ڪوشش ڪرڻ لڳو، تہ چاري کي ڇني يا کي گز ڪڍي نڪرڻ جي جاءِ ڪري، پر ائين ڪري نہ سگهيو. ڏاڍو نا اميد ٿيڻ لڳو. هوڏي ميريس جو حال ڏٺائين تہ ڪنڌ لڙي پيو هوس، بلڪل ٻولين ٻساهن تي آهي. ڏاڍي ڪٺتيءَ ۾ ذري تائين ويهي خيال ڪرڻ لڳو، تہ اوچتو ڪنهن ماڻهو هٿ آڙي ڪلهي تي رکيس، ۽ چيائينس تہ "اڏ منهنجو آهي."

جن وليجان چرڪ ڀري هن کي ڏسڻ لڳو. پاڻ دريءَ جي سوجهري ڪان ڀڻيرو هو ۽ هو ماڻهو سوجهري جي سامهون هو. سچانائينس تہ ٽينارڊ ڀڻر آهي، مگر هُن نہ سچاتس جو هن جي منهن تي سوجهرو نٿي ٻيو، ۽ رت ۽ گپ سان ڀريل هو. ٽينارڊ ڀڻر جا ٻيو اگهاڙا هٿا ۽ جُتي هٿ ۾ هيس. اهڙي جب ماري اتي آيو هو جو جين وليجان کي هن جي اڃڻ جو

سماءُ ئي ان ٻيو. ٽينارڊيئر ٽوري ماڻ ڪان پوءِ پهرين ڳالهايو، ۽ هن کي چيائين ته "هاڻ ڪيئن نڪربو؟ دريءَ کي چاريءَ جو در آهي ۽ ڪاف به لڳل اٿس. لڪرڻ به ضرور هتان گهرجي." جين چيو ته "خبر ناهي ته چاٽو چوبن!". هن چيو ته "تو ماڻهو ماريو آهي. آءٌ توکي لڏو سيجاڻان، مگر توکي مدد ڏيڻ ٿو گهران. ڪنجي مون وٽ آهي. هن کي ماري جيڪي هن جي ڪيسن مان ڪڍيو اٿئي، تنهن جو اڌ مون کي ملڻ گهرجي ته پوءِ اڌ دري پٽيان."

ائين چئي، هن ڪيسي مان هڪڙي وڏي ڪنجي ڪڍي، ۽ ٻئي ڪيسي مان هڪڙي رسي ڪڍي جين وليجان کي ڏنائين. هن پڇيو ته "هن کي ڇا ڪريان؟" هن چيس ته "بيعقل ٿو ڏسجين. هيءَ لاش درياءَ ۾ ڪين اڇلائيندين ڇا؟ ڪنجيءَ سان در ٿو پٽيان، هن رسيءَ ۾ اهو لاش ٻڌي، انهيءَ سان گڏ ڪناري تان ڪو وڏو پهڻ ٻڌي پاڻيءَ ۾ اڇلائي وجهه، ته ته لاش پاڻيءَ جي مٿان ٻيو ترندو." جين وليجان ماڻ ڪري رسي ورتي. هن چيس ته "تو منهنجي ڪنجي ڏني. هاڻ مون کي پنهنجا پئسا ڏيڪار!" جين وليجان پنهنجي ڪيسي ۾ هٿ وڌو. پاڻ سان هميشه کي پئسا ڪٽندو هو. گپ اڳيان پاڪيٽ مان هڪڙي سوني مهر ۽ ڪي ٻرينچ رپيا ۽ آڌيا نڪتا. ٽينارڊيئر اهي وٺي ڪٽي پنهنجي ڪيسي ۾ وڌا. پوءِ چيائين ته "هن ويچاري کي ايترن پئسن لاءِ ناحق ماريئم؟"

اٿين چئي جين وليجان ۽ ميريس جي ڪيسن ۾ هٿ وجهي ڏسڻ لڳو. جين کي ڳڻتي هئي ته سندس منهن تي سوجهرو نه ٿيو ته هو سڃاڻيس نه. تنهنڪري هن کي ڪيسا ڦوليون ڏنائين. جادوگرن وانگر هن ميريس جي اندرين صدريءَ جي استر ۾ لڪل ٿيهه رپيا ڪڍيا. ٻوءِ اڌ وٺڻ جي بدران سڄي آهه رقم پاڻ رکي ڇڏيائين.

ٻوءِ چوڻ لڳو ته "ادا، هاڻ نڪرڻ جي رٽ ڪجي. هاڻ تو پٽ ڏٺو، هاڻ لنگهي پار پؤ". ٻوءِ جين وليجان کي مدد ڪري ميريس سندس پٺن تي رکيائين، ۽ پاڻ اڳ ۾ تي دري ڏي هليو، ۽ ڪنجيءَ سان ڪلف کولي دري ٻڌيائين. جين لنگهي ٻاهر ٿيو، ته هن وري اندران دري بند ڪري ڪلف ڏئي ڇڏيو، ۽ پاڻ اونداهيءَ ۾ گم ٿي ويو.

نلن ۾ اڪثر چور چوري ڪرڻ لاءِ يا چوري ڪرڻ کان ٻوءِ لڪندا هئا ۽ ڀڄي ويندا هئا. ۽ انهيءَ ڪم لاءِ درين جي ڪنجي پاڻ وٽ رکندا هئا. ٽينارڊيئر ۽ اهڙي ڪم جي پٽيان هو، تنهنڪري هو ۽ انهيءَ نل ۾ اچي گهڙيو هو، ۽ ڪنهن شڪار جي پٽيان هو.

جين وليجان ڪليل هوا ۾ نڪري ساهه ڀريو. درياهه جي ڪناري تي ميريس کي ليٽائي ڇڏيائين ۽ پاڻ ويهي ٿورو ساهه کڻڻ لڳو. اهو درياهه سين ندي هو. پاڻ درياهه ۾ وڃي وهنتو ۽ صاف ٿيو، ۽ پڪن ۾ پاڻي آڻي ميريس جي وات ۾ ۽ منهن تي وڌائين. هن

اڃا ساهه پئي ڪنيو، پر اکيون بند هيس. جين اڃا انهيءَ ڪم ۾ هو ته اوچتو پنهنجي پٺيان ٻيو ماڻهو ٻڌل ڏٺائين. ڏاڍو ڊپ ۽ خفو ٿيس. اگرچه رات هئي ته به سڃاتائين ته جاورٿ السيڪڙ آهي. اهو شايد ٽينارڊيئر جي پٺيان هو، پر انهيءَ هنڌ تي هو ڪالهه نڪري گهر ٿي ويو ۽ اتي اڃي نڪتو هو. جين وليجان اڃا به بچڙن حالن ۾ هو، تنهنڪري جاورٿ ڪين سڃاتس. ڏنڊي ڪڍي پڇڻ لڳس ته "ڪير آهين؟" هن ورندي ڏني ته "آءٌ جين وليجان آهيان." جاورٿ ويجهو ٿي هٿ هن جي ڪلهن تي رکي، منهن ڏسي سڃاتس. جاورٿ جي منهن ۾ گهنڊ ڏسي جين وليجان چيس ته "السيڪڙ جاورٿ، تو مون کي برابر اڃي جهليو آهي، پر مون توکان پاڻ ڪونه ٿي لڪايو. مون توکي پنهنجي رهڻ جي هنڌ جو به ڏس ڏئي ڇڏيو هو، تنهنڪري جي مون کي جهلين ته ڀلي جهل، مگر هڪڙي مهرباني ڪر."

تنهن تي جاورٿ هن جي ڪلهن مان هٿ ڪڍي هن کان شوخيءَ سان پڇڻ لڳو ته "ڇا تو چوين، اهو ماڻهو ڪير آهي؟" جين چيو ته "مون به انهيءَ ماڻهوءَ جي بنسبت ۾ توکان مهرباني ٿي گهري. مدد ڪر ته هن کي ڪٿي گهر پهچايون." جاورٿ پنهنجو رومال پاڻيءَ ۾ ڀڄائي، ميريس جو منهن چڱيءَ طرح صاف ڪري، آهستي چوڻ لڳو ته "هي ماڻهو ته هوڏل ۾ هو ۽ فسادين سان گڏ پئي وڙهيو. هن جو نالو

ميريس ٽي ورتائون." جين وليجان چيو تہ "هائو، ۾ هو زخمي ٿي پيو آهي، اچا مئو نہ آهي، ليڪن مرڻ ٽي آهي. هن جي گهر جو پتو مون کي معلوم آهي، پنهنجي ناني سان ٿو رهي.

ائين چئي هن ميريس جي ڪيسي سان سندس پاڪيٽ بڪ ڪڍيو، ۽ جيڪي انهيءَ ني لکيل هو سو جاورٽ کي ڏيکاريائين. رات پئي هئي، مگر اچا ايترو سوجهرو هو جنهن ۾ هن اهي اکر پڙهي ڏنا. پوءِ هڪ وڏو سڏ ڪري هڪڙي گاڏيءَ واري کي سڏيائين، جنهن کي انهيءَ هنڌ حاضر رهڻ لاءِ چيو هئائين. گاڏي آئي، ميريس کي کڻائي پئين خاني ۾ رکيائين، ۽ پاڻ جين وليجان سان گڏ اڳئين خاني ۾ ويٺو.

ٿوريءَ رات گذرڻ کان پوءِ هو ڪلوير مڪان ۾، گهر نمبر چهين وٽ پهتا. جاورٽ لهي درپٽائي دربان کان گلي نارمنڊ جي پڇا ڪئي. هن چيو تہ "هو هتي ٿو رهي. جاورٽ چيس تہ "وڃي پڌائينس تہ تنهنجو ٻٽ، جو باغين سان گڏ ٽي وڙهيو، تنهن کي ڪٽي آيا آهيون." پڇو تہ پاڻ ننڊ ۾ هو، تنهن کي ڪين جاڳايائون. ڏيڪس ميريس کي لاهرايو ۽ هڪدم هڪڙي ڊاڪٽر ڏي ماڻهو موڪليائين. پوءِ جاورٽ جين وليجان کي پاڻ سان وٺي موڪلائي نڪري آيا، ۽ اچي وري گاڏيءَ تي چڙهيا.

اتي جين وليجان چيو تہ "جاورٽ السپيڪٽر، هڪڙي ٻي ڀ مون تي مهرباني ڪر. پهرين مون سان منهنجي

گهر هل. اتي ٿورو ڪم لاهڻو آهي، سو لاهي پوءِ توسان گڏجي ٿو هلان. پوءِ جيڏي وٺيئي اوڏي هل.“ جاورٽ اعتراض ڪونہ آندو. گاڏيءَ واري کي چيائون تہ هوم آرمي واري گهٽيءَ ۾، گهر نمبر ستين تي هلي. گاڏي اتي هلي. جيستائين اتي پهتا، تيستائين هنن ٻاڻ ۾ ڪي بہ ڪين ڳالهايو. پيئي پنهنجن خيالن ۾ محو هئا. جڏهن گاڏي انهيءَ جي در وٽ اچي بيٺي، تڏهن هو پيئي لٿا. جاورٽ گاڏيءَ واري کي پاڙو ڏئي روانو ڪري ڇڏيو. جين در کڙڪايو تہ اندران دروازو کليو. جاورٽ جين کي چيو تہ ”چڱو، آءٌ هتي بيٺو آهيان، تون وڃي گهران ڪم لاهي اچ.“

جين وليجان هيٺينءَ جاءِ مان ٽي ڏاڪڻ تان مٿي چڙهيو. دريءَ مان منهن ڪڍي گهٽيءَ ۾ نظر ڪيائين. سرڪاري بتي ٻئي ٻري. جاورٽ ڏسڻ ۾ ڪونہ آيو، ڪنهن پاسي هليو ويو هو.

جاورٽ خيال ڪيو تہ هن مون سان ڀلائي ڪئي آهي، پر هڪڙي بدمعاش جو احسان هن ڪٿڻ نٿي گهريو. قاعدو ڀڄي هن سان ڀلائي ڪرڻ بہ هن نٿي گهري. انهيءَ خيال ۾ نڪري درياءَ جي ڪناري تي پسار ڪرڻ لڳو. ستت ئي پري ڪان ڏٺائين تہ ڪو ماڻهو ڪنان مٿان ٻاڻيءَ ۾ اچي ڪڍيو، ۽ ٻاڻيءَ جو آواز ٻڌو.

باب ايڪيهون

ميريس کي وڃي هنڌ تي سمهاريائون. سگهو ئي ڊاڪٽر آيو، تنهن جانچي ڏٺو ته هن جي نبض چڱي پئي هلي ۽ وات تي جيڪو رت لڳل اٿس، سو نڪ مان ٿو اچيس، ۽ ڳولي، جا چاتيءَ تي لڳي هيس سا ڪيسي ۾ ٻيل پاڪيٽ ۾ تي لڳي، ٽيڙ ڪائي، پاسي ۾ زخم ڪري هلي وئي آهي، ۽ اهو زخم اونهون ۽ خوفناڪ ناهي. ضروري مرهم پٽي ڪري، سنئون سمهاري ڇڏيائينس. بيهوشي جيڪا هيس سا مٽي تي ڏڪ لڳڻ ڪري، جتي ٻڻ زخم هوس، ۽ گهڻي رت وهڻ ڪان به ساڻو ئي پيو هو.

ميريس جي ماسي ڊاڪٽر وٽ حاضر هئي ۽ هن جو رت وهندو ڏسي، ڏاڍي بي آرام هئي. نانئس ڏينهن جو اسادن جي خبر پڇڻ ڪري ڏاڍي ڪٿيءَ ۾ هو ۽ گهڻو هلاڪ ٿيو هو، تنهنڪري سوير سمهي پيو هو. منع ڪري ڇڏي هئائين ته ڪيس ڪوبه نه جاڳائي، پر پوءِ پاڻهي اٿيو ۽ اُتي آيو. ميريس جو اهڙو حال ڏسي ڏڪي ويو، چرين وانگي هن جو نالو وٺي سڏڻ لڳو. چوڻ لڳو ته "مري ويو آهي، مري ويو آهي. مون ڪان بيزار ٿي نڪري ويو، ۽ وڃي اساد ۾ شامل ٿي پاڻ کي مارايائين. رڳو مون کي سزا ڏيڻ لاءِ اٿين ڪيو اٿس. اجهو هيڏي حال ۾ مٽي ڪان پوءِ مون وٽ موٽي آيو آهي." انهيءَ طرح گهڻي وقت تائين چرين وانگي ڳالهائي ڳالهائي نيٺ ماٺ ڪيائين.

اني ميريس به آهستو آهستو اکيون پڻيون. هن کي جيئرو ڏسي ٻيو گلي نارمنڊ ڏاڍو خوش ٿيو. هن کي ڏاڍو پيار ڏنائين ۽ پيار جي نالن سان سڏ ڏيائين. تنهن کان پوءِ هن تي مهربان رهندو آيو ۽ هن جي ڏاڍي سنڀال ڪندو هو. ڪيترن هفتن تائين تہ ميريس نہ مٿن سان گڏ هو نہ جيئرن سان. زخمن ۽ هلاڪي جي ڪري تپ به اچي ٿيس. ڪڏهن ڪڏهن بيهوشيءَ ۾ بڪ به ڪندو هو ۽ وڦلندو به هو. نيٺ آهستي آهستي ٿي بهتر ٿيندو ويو، ۽ چئن مهينن کان پوءِ ڊاڪٽر چيو تہ هاڻ ڊپ ڪونہ اٿس، مگر ٻيا ٻہ مهينا اڃا بستر نشين رهندو.

جڏهنڪہ ميريس هوش ۾ اچڻ لڳو، تڏهنڪہ ڪاسيٽ کان سواءِ ٻئي ڪنهن جو خيال ڪونہ هوس وڻڻ ۾ هن جو نالو ٻيو وٺندو هو، پر جڏهن هوش ۾ آيو، تڏهن کان وٺي هن جو نالو وٺڻ بند ڪيائين. گهر جي ڀاتين سمجهيو تہ هاڻ آها وسري ويئي اٿس پر ائين ڪين هو. سارو خيال انهيءَ بابت هوس. خبر نہ هيس تہ هوءَ ڪيڏي ويئي. اکيون ڳالهيون ياد ٻئي پيس ۽ ڀانيائين ٿي تہ اهو سڀ خواب هو ڪابہ خبر ڪانہ هيس تہ مون کي مرڻ ڪان ڪنهن بچايو، ۽ ڪير هتي کڻي آيو. گهر وارن رڳو ايترو ٻڌايس تہ رات جو ڪي ماڻهو گاڏيءَ ۾ آڻي ڪيس انهي چڏي ويا. پر انهن سڀني خوابن ۽ خيالن ۾ هڪڙي ڳالهہ سندس دل ۾ صاف هئي: هن کي اميد

هئي ٻاڪ پڪو ارادو هو تہ نيٽ ڪاميٽ کي ڳولي لهندس. نانس دلاسو ڏيندو هوس تہ جنهن سان تنهنجي دل آهي، تنهن سان شادي ڪندين. هن کي اهي ڳالهيون ٻڌي حيرت لڳندي هئي. نانس چوندو هو تہ "هن جي ۽ توسان دل آهي-- هوءَ ۽ ڏهاڙي هڪڙي ٻڌي ماڻهوءَ جي صورت ۾ تنهنجي خيرعافيت پڇڻ ايندي آهي. مون پڇا ڪئي آهي. هوءَ هوم آرمي واريءَ گهٽيءَ ۾، گهر نمبر ستين ۾ ٿي رهي. آها نيٽ توکي ملندي، دلجاءَ ڪر! انهيءَ جي خاطر تون مون کي پيار نہ ڪندو هئين. هاڻ ڀلي انهيءَ سان شادي ڪري خوش ٿيءُ."

اهڙن پيار جي لفظن سان هن ميريس کي ڀاڪر پاتا ۽ چمين ڏنائينس. ميريس ۽ پيار ڏيکاريس ۽ خاطري ڏنائينس تہ "نانا، منهنجو ٻيءُ ۽ تون آهين، نانو ۽ تون آهين. تون منهنجي اهڙي سنڀال نہ ڪندين تہ ٻيو ڪير ڪندو!" هي لفظ ٻڌي ٻيو خوش ٿيو تہ هي هاڻ مون کي پيار ڪري ٿو ۽ ڏڪاري نٿو.

آخر ميريس چوڻ لڳس تہ "نانا، هاڻ آءٌ بهتر ٿيو آهيان، مون کي آهو ماڻهو ڏيکاريو". نانس چيو تہ چڱو. سگهوئي سيني گهر جي ڀاتين جي هوندي ڪاميٽ ميريس جي جاءِ جي در مان لنگهي آئي، هو ڏاڍي پيار مان هڪٻئي کي گڏيا. ٻيانئس هڪڙواڇن وارن وارو ٻير مرد لنگهي آيو. اهو هو فاشل ونٽ يعني جين وليجان. هو ڪپڙين گندين لهول هو. انهيءَ جي ڪچ ۾ هڪڙي

ڪنڊيڙي هئي. ائين پئي پانيو تہ ڪو ڪتاب جهوني ڪاغذ ۾ ويڙهيل اٿس. انهيءَ ڪي ڏسي ٻڌي گلي نارمنڊ چيس تہ "سائين، آءٌ پنهنجي ڏوهٽي ٻرن ميريس پانٽمرسي جي لاءِ هن جوان زال جي پانهن ٿو گهران. مهرباني ڪري منهنجو عرض قبول ڪريو." ٻڌي ڪنڊ جهڪائي ڳالهہ قبول ڪئي. تڏهن گلي نارمنڊ، ميريس ۽ ڪاسيٽ کي چيو تہ "هاڻ اوهان کي موڪل آهي تہ پاڻ ۾ ملو ۽ هڪٻئي کي پيار ڪريو!"

انهيءَ حڪم ٻڌڻ تي هو پاڻ ۾ هڪٻئي سان پيار جون ڳالهيون ڪرڻ لڳا. ڪاسيٽ چيس تہ "خدا جا شڪرانا آهن جو مون توکي ڏٺو آهي. چار مهينا الاجي ڪيئن گذريا آهن، مون توکي ڇا ڪيو هو جو تون وڃي لڙائيءَ ۾ شامل ٿئين؟" هن ورندي ڏني تہ "تون منهنجي لاءِ ملائڪ آهين، جيئن چولدينءَ تيئن ڪندس."

ٻيو گلي نارمنڊ ٻہ ڪاسيٽ جي تعريف ڪرڻ لڳو. ڏيءَ کي چيائين تہ "هيءَ چوڪري مون کي ڏاڍي وٺي ٿي. تون ٻہ پيار ڪندي رهجئينس. هينئر تہ فقط هڪڙي ٻرن جي زال آهي، پر آءٌ پانيان ٿو تہ اڃا وڏي درجي کي پهچندي. پر افسوس آهي تہ منهنجي اڌ ملڪيت اڳئي ساليان لوازمن ۾ ڏنل آهي. جيسين آءٌ جيئرو آهيان، تيسين حرڪت ڪانهي، مگر پوءِ سو اوهان کي ڪي ٻہ ڪين اچندو."

اڻي جين وليجان، جو هيستائين ماڻ ڪيو بيٺو هو، تنهن چيو ته "منهنجي ڏيءَ وٽ چهه لک رپيا آهن. اٿين چئي، جيڪو ڪتاب ڪيچ ۾ هوس، سو ڪڍي ميز تي رکي ڪوليائين. آهي چهن لکن جا نوٽ هئا. جهڙو گلي نارنڊ تهڙي سندس ڏيءَ، پئي حيران ٿي ويا.

پڙهندڙن سهي ڪيو هوندو ته جين وليجان جيڪو واري خساري ڪان پوءِ پڇي پڙس آيو هو، ۽ اتي بئنڪ ۾ جيڪي پئسا رکيل هئس، سي ڪڍرايائين. اهي پئسا ايمسرائيم جي ڪارخاني مان مڊيلين جي ڏلي هيٺ ڪمايا هئائين. اهي پئسا هن مانٽفرميل جي پيلي ۾ ڪٽي وڃي پوريا هئا، جو ڊب هوس ته متان وري جهلجي پوان. ڪل چهن لکن ۽ ٽيهن هزارن جا نوٽ هئا ۽ هڪڙي صندوقڙيءَ ۾ بند ٿيل هئا. انهيءَ کي گهيم ۽ آڏوهيءَ کان بچائڻ لاءِ وري ٻي هڪڙي پيٽيءَ ۾ رکيائين، جنهن ۾ ٻاڦريءَ واريون شمعن جون بتيون به رکيائين، جن کي ساهه سان سانڍيندو وتيو. هاڻ اهي وڃي اسان ڪڍي آيو هو، ۽ ڪاميٽ کي ڏاج ۾ ڪري ڏنائين.

شاديءَ جي تياري ٿيڻ لڳي. ڊاڪٽر جي صلاح ورتائون. تنهن چيو ته مهيني-ڏيڍ کن پوءِ ڪبي ته حرڪت ڪانهي. اهو عرصو انهن پنهي محبت وارن ڏاڍيءَ خوشيءَ ۾ گذاريو. جاتائون ٿي ته اسين زمين تي ناهيون، بهشت ۾ آهيون. جين وليجان عقل جي تجويز ڪري ڪاميٽ جي حالت بهتر ڪرائي، جي

هن جو اصل نسل ظاهر ڪري ها تہ ڪاميت پاڻ بہ شرمندي ٿئي ها ۽ هڪڙي جوان ٻرن يا امير جي زال ٿي ڪين سگهي ها ۽ اهڙي شادي بہ ٿي ڪين سگهي ها. هوءَ سندس ڏيءَ نہ هئي پر ٻئي فاشل ونٽ جي ڏيءَ جي نالي سان پڪس جي مڙهيءَ ۾ داخل ٿي هئي. يوفريسي پنهنجو نالو ڏنو هئائين ۽ فاشل ونٽ انهي مڙهيءَ جو باغائي هو، جنهن جو جين وليجان پاڻ کي ڀاءُ سڏايو هو. جڏهن مڙهيءَ سان نڪتا، تڏهن ڪاميت کي انهيءَ نالي جو قانون موجب سرٽيفڪيٽ وٺي ڏنو هئائين، جنهن ۾ ڏيکاربل هو تہ هوءَ يتيم ڇوڪري آهي، ۽ ٻيءَ ماءُ مري ويا آس. جين وليجان پاڻ کي فاشل ونٽ جي نالي انهيءَ يتيم ڇوڪريءَ جو سنڀاليندڙ ڇوارايو هو، ۽ هاڻ گلي لارسنڊ انهيءَ جو ٻيو سنڀاليندڙ مقرر ٿيو. اهي پئسا قانوني ڪاغذن ۾ ڪنهن گمنام فوتي مائٽ جي ميراث ڏيکاري وٺي هئي. اهي هن کي بالغ ٿيڻ تي ۽ شادي ڪرڻ تي ملڻا هئا.

ڪاميت کي پهريون ڀيرو معلوم ٿيو تہ هوءَ هن فاشل ونٽ جي ڏيءَ نہ هئي، پر ٻئي فاشل ونٽ جي، هي سندس مائٽ هو، جنهن سندس سنڀال ٿي ڪئي. انهيءَ خبر معلوم هئڻ ڪري هن کي گهڻو ڏک ٿيو، جو هميشہ هوءَ هن کي ٻيءَ وانگي پيار ڪندي هئي. پر هاڻ ميريس جي خوشيءَ ۾ اهو ڏک لهي ويس.

الهيءَ هولدي پوءِ بہ هوءَ جين کي باهو ڪري سڏيندي آئي.

ميريس جي ماسي بہ دولتمند زال هئي، تنهن بہ پنهنجو ورثو هن جوان مڙس ۽ زال کي لکي ڏنو، جن کي ڪيل شرط موجب اتي رهڻو هو. ٻيءَ پنهنجي گهر جو پاڳو هنن کي رهڻ لاءِ ڏنو، جنهن ۾ عمدو سامان پيل هو ۽ ٻيو تازو آڻي وڌائون. ميريس کي ٻيءَ فاشل وقت جون گذريلو ڳالهيون ياد پوڻديون هيون تہ چاڻندو هو تہ اڳي ڏاڍو سخت هو، هو برو هو ۽ هاڻ انهيءَ جي برخلاف نهايت نرمدل ماڻهو آهي. ميريس کي انهي خوشيءَ جي وقت ۾ بہ ان ماڻهن جي هٿ ڪرڻ جو انتظار رهندو هو، جن کي پنهنجي شاديءَ ۾ حاضر ڪرڻ جو گهڻو شوق رهندو هوس. هڪڙو ٽينارڊيئر جو، جنهن پٽس سان پلائي ڪئي هئي ۽ ٻيو اهو نيڪ نيت ۽ خيرخواهہ جنهن ڪيس زخميل ۽ بيهوشيءَ جي حالت ۾ ڪٽي نانس جي گهر آندو. ٽينارڊيئر تہ مشهور چور بدمعاش هو، پر تڏهن بہ ميريس جي نظر ۾ چڱو هو. انهيءَ جي هٿ ڪرڻ لاءِ ميريس گهڻا مٿا هنيا، پر اهو هٿ نہ آيس ۽ آخر انهيءَ جو آسرو لاهي ويهي رهيو. باقي ڪيس ڪٽي آڻيندڙ واري لاءِ هن اها گاڏي هٿ ڪئي، جنهن ۾ اتي آيو هو. گاڏيءَ واري چيو تہ انهيءَ رات هڪڙي پوليس انسپيڪٽر ڪيس سڏي، گاڏي ڀاڙي تي ڪئي هئي، جنهن درياءَ

جي ڪناري واري زير زمين جي وڏي نل جي منهن وٽان، هڪڙي ماڻهوءَ کي گرفتار ڪري ساڻ ڪنيو، جنهن هڪڙي ٻئي ماڻهوءَ کي نل مان ڪڍيو هو. گڏيءَ واري سڄاڻو تہ اهو مئل ماڻهو ميريس هو، باقي هنن ٻن ماڻهن جي نالي چيائين تہ "هو ٻئي هڪڙي هنڌ گاڏي ٻاري اهي پيا، ۽ انسپيڪٽر مون کي ڀاڙو ڏئي روانو ڪيو."

ميريس خود کي تہ ڪابہ خبر ڪانہ هئي، جو هوٽل ۾ ڏڪ لڳڻ ڪري بيهوش ٿي ڪري پيو هو، پوءِ ڪنهن آڻان ڪيو، تنهن جو هو ٻاڻ ڪولائو هو. پوليس آفيس مان بہ پڇا ڪرايائين، پر اتان بہ خبر ڪانہ پيس. نانس جي دربان رڳو ايترو چيو تہ اهو ماڻهو خوفناڪ شڪل ۾ هو. ميريس کي انهي ماڻهوءَ جي نالي نشان معلوم ڪرڻ جو اهڙو شوق هو، جو هڪڙي ڀيري خود جين وليجان جي اڳيان چيائين تہ "آءٌ جيڪر اهي ملي لڳي ۽ هزار روپيا انعام ڏئي بہ انهي ماڻهوءَ کي هٿ ڪريان، جنهن فقط مون کي بچائڻ ۽ سکئي ڪرڻ جي لاءِ مفت ايتري تڪليف ورتي، هو ضرور نيڪ، خلق جو خيرخواهہ ۽ ٻين کي فيض رسائيندڙ ماڻهو هوندو." پر جين وليجان، جنهن جي اهيءَ ذلي نشان، ۽ ٽينارڊيئر جهڙي اصل نامي گرامي بدمعاش هئڻ جي اتي ڪنهن کي خبر ڪانہ هئي، تنهن مان ڪيو ٻئي ٻڌي، ۾ ڪجهو ڪي بہ ڪين ٿي.

ليٽ شاديءَ جو لهرايل ڏينهن آيو ۽ شادي ٿي. ڪهڙا خوشيءَ جا بندوبست ٿيا ۽ گهوٽ ڪنڌار ڪيئن خوشيءَ کان ڪپڙن ۾ ٿي نٿي ماهيا، تنهن جو بيان ڪرڻ اجايو آهي. جين وليجان گلي نارمنڊ جي روبرو ميريس کي ڇهه لک رپين جا نوٽ ڏنا. ٻڌيءَ نوڪرياڻيءَ جي جين وليجان کي ته هاڻ گهرج ڪانه هئي، تنهن کي ڪاسيٽ پنهنجي خدمتگار ڪري رکيو. جين وليجان جي لاءِ هڪڙي عمدي جاءِ، مناسب سامان وجهي تيار ڪري ڇڏيائون. جتي هو رهندو هو ۽ جتي ڪيس ڪاسيٽ اوير سوير پئي ملندي هئي، ۽ خدمت چاڪري ڪندي هئي.

ديول ۾ دستور موجب جيڪو انهن جو نڪاح پڙهيو ويو ۽ جيڪي شاهديون رجسٽر ۾ وڏيون ويون، تن ۾ جين وليجان شاهديءَ جي صحيح وجهي نه سگهيو، جو انهيءَ ڏينهن صبح جو سندس سڄي هٿ کي ڪو زخم رسيو هو ۽ هن انهيءَ کي پوائس ٻڌي ڇڏيو هو. گاڏين ۾ چڙهي ديول تائين ويا ۽ وري مولي آيا. وڃڻ وقت دستور موجب گهوٽ ٻي گاڏيءَ ۾ هو، ۽ ڪنڌار سان گڏ ميريس جي ماسيي، نانو ۽ جين وليجان هئا، ۽ موٽندي ميريس پنهنجي ڪنڌر سان گڏ ويٺو ۽ ماسيءَ ڌار ٻيءَ گاڏيءَ ۾ ويٺي. شاديءَ کان پوءِ هو وڏي ڪاني جي تياري ڪرڻ لڳا. ٻڌي گلي نارمنڊ ۽ جين وليجان يا فاشل ونٽ جي لاءِ ۽ وڏيرن ڪرسيون رکون ويون هيون. جڏهن ماني رکي ويا

۽ ڪائڻ وارن کي سڏ ٿيو، تڏهن سڀ اڇي پنهنجون جايون ولي ويهي رهيا. گلي نارمنڊ جي پاسي واري وڏي ڪرسي، جنهن تي فاشل‌ونٽ ويهڻو هو، سا خالي ڏسڻ ۾ آئي. هيڏي هوڏي ڪوليائونس، پر نہ لڌو. هڪڙي نوڪر ظاهر ڪيو تہ "فاشل‌ونٽ صاحب اڪهڻو مون کي چيو هو تہ منهنجو هٿ ٿو سور ڪري، آءٌ ماني کائي ڪين سگهندس. آءٌ ڪيڏي وڃان ٿو، سڀاڻي آءٌ وري ايندس. تيسين سڀني کي ڇڏجئين تہ مون کي معاف ڪن."

اگرچ فاشل‌ونٽ، جو ڪنئار جي پيءُ جي بجاءِ هو، تنهن جي غيرحاضريءَ ڪري خوشيءَ ۾ البٽ خندق ٿيو، تہ بہ ماني‌ءَ جو وقت خير ۽ خوشيءَ سان گذريو.

هاڻ ڏسون تہ جين وليجان ڪيڏي ويو هو. هو انان نڪري پنهنجي گهر آيو. گهر سڄو خالي هو. پنهنجي جاءِ ۾ آيو ۽ رات هئڻ ڪري بتي ٻاري رکيائين. پوءِ ڪنجي کڻي پنهنجو ٿيلهو کوليائين، جنهن سميت پهرين اٺ مهينا اڳي اتي اچي رهيو هو. انهيءَ مان ڪاميٽ جا اصلوڪا غريباڻا ڪپڙا ڪڍيائين، جن ڪپڙن ۾ ڏهہ ورهيہ اڳي مانٽفرميل مان ساڻس لڪتي هئي ۽ جڏهن اڃا ننڍڙي ڇوڪري هئي. ڪپڙن سان گڏ سندس ننڍڙي جٽي، جوراب، ٽوپي ۽ روماڻ بہ هو. اهي سڀ ڪارا ۽ سادا هئا. انهن کي ڏسي اکيلائي ۾ ننڍڙي ٻار وانگي سڏڪا ڀري روئڻ لڳو. اهو خيال ڪري خوش ٿيو تہ مون ڪاميٽ کي پالي وڏو ڪيو ۽ پرڻايو، هاڻ هوءَ هڪڙي بئرن جي زال آهي،

دولتمند ۽ آسودي آهي. هينئر هوءَ پنهنجي مڙس سان خوش آهي، مون کان انهيءَ جي ڳٺتي زياده رهنديس. اهو سوچي، هن فيصلو ڪيو تہ هاڻي مات ڪري گنگو ٽي اتي ڪين گذاريو. تنهن کان سواءِ هنن کي اها خبر ڪانهي تہ آءٌ ڪو وڏو چور ۽ بدمعاش شمار ٿيل آهيان، ۽ پوليس منهنجي پٺيان آهي. جي مون کي هنن جي گهر ۾ اچي پڪڙين تہ ڏاڍا ٿڪا ٿيندا، ۽ سندن بدنامي ٿيندي. ساري رات انهيءَ بابت ئي خيال پچايائيون.

باب ڀاويهون

شاديءَ جي رات گذري، ٻيو ڏينهن ٿيو. گهر جا ڀاتي جي ساري رات جاڳيا هئا، سي ٻئي ڏينهن ٻنهرن ڌاري مس اٿيا. نوڪر ياڻي اڳيري اٿي هئي، تنهن جاءِ جو سامان ٻئي صفا ڪيو تہ در ڪڙڪيو ۽ فاضل ونت اندر لنگهي آيو. پڇيائين تہ "ٻئرن پانڌرسي جاڳي نو يا نہ؟" نوڪر ياڻيءَ چيو تہ "اڄ وڃي ٿي ڏسان ۽ ٻڌايانس." جين وليجان چيس تہ "منهنجو نالو نہ وٺجئين، چنڊئين تہ ڪو ماڻهو توکي ڏسڻ ٿو گهري." هوءَ ويئي، تيستائين جين انهيءَ ساڳيءَ جاءِ تي ٻيٺو رهيو. رات جو ننڊ نہ آئي هيس. تنهنڪري اکين ۾ ڪڏون ٻڌي ويون هيس، سگهوئي ميريس لنگهي آيو ۽ ڪينڪاري چيائينس تہ "اوهين سوير آيا آهيو اچا، ساڌا ٻارهن مس ٿيا آهن. ڪاسيٽ تہ اچا ستي ٻئي آهي. رات اوهين مانيءَ تي حاضر نہ هئا تنهنڪري سيني کي ارمان هو. هينئر اوهان جو هٿ ڪيئن آهي؟" هن چيو تہ "هاڻ بهتر آهي." وري چيائينس تہ "اوهان جي ٻاٻت اسان ڀاڻ ۾ ذڪر ڪيو هو. اوهان جي جاءِ هتي خلاصي آهي، اڳتي اصل رهوئي هتي. ٻئي ڪنهن هنڌ سوار جي جاءِ رکڻ جو ڪهڙو ضرور آهي. نالي کي ٻہ اوهان جي صحبت موهي

وڏو آهي. انهيءَ سان ڪجهه وقت گذاريو. جڏهن آءٌ ڪورٽن ڏي وڃان، تڏهن ڪاميٽ کي ڪنهن پاسي هوا ڪائڻ لاءِ وٺي ويندا وڃو. پلا اڄ تہ ماني اسان وٽ ڪائيندؤ؟"

جين وليجان چيس تہ "سائين، سون کي هڪڙي ڳالهہ اوهان کي ٻڌائڻي آهي. آءٌ اڳ سزا ڪاڌل ۽ وڏي قيد مان نڪتل آهيان. فاشل ونٽ جي واتان اهي لفظ ٻڌي، ميريس جي اکين اڳيان اونداهي اچي وئي. ڀانيائين تہ برابر ڪين ٻڌو اٿم يا ٻوڙو ٿيو آهيان. ايتري ۾ جين وليجان هٿ تي ٻڌل پٽي کولي چيس تہ "ڏسو، منهنجو هٿ زخميل ناهي، چڱو ڀلو آهي. مون بهانو ڪيو هو تہ آءٌ غيرحاضر رهان ۽ شاديءَ جي رجسٽر تي ڪوڙي صحيح نہ وجهان، جنهنڪري متان ڪڏهن نڪاح ناجائز ٿي پوي."

ميريس چيو تہ "منهنجو تہ مغز ٿو ڦري، آءٌ سمجهي نٿو سگهان." جين وليجان چيو تہ "حقيقت هيءَ آهي تہ چوري ۽ ڦرجي ڏوهہ ۾ آءٌ اوٽيهہ ورهيہ ٽولون جي وڏي جيل ۾ هوس. وري ٻئي ڀيري چوري ڪرڻ جي ڏوهہ ۾ جنم قيد مليم. اتان ڀڄي نڪتس ۽ هاڻ آءٌ ڀڳل ۽ اشتهاري قيدي آهيان."

جيتوڻيڪ ميريس کي انهيءَ ڳالهہ تي اعتبار نٿي آيو، تڏهن بہ سچ نيٺ سچ ٿو ٿئي. خيال ۾ اچڻ لڳس تہ انهيءَ مان سندس لاءِ آئيندي جي ڪيتري خرابي نظر ٿي آئي. چوڻ ۾ لڳس تہ "جيڪي چوٽو

اٿوَ سو سڀ چئو- اوهين ڪاميٽ جا پيءُ آهيو."
جين وليجان چيو تہ "اگرچ اسان جهڙا ماڻهو قسم ڪٽڻ ۽ ويساهہ ڪرڻ جا لائق نہ آهن، تڏهن بہ اوهان کي منهنجي ڳالهہ تي پت ڪرڻ گهرجي. آءٌ هرگز ڪاميٽ جو پيءُ ناهيان. خدا مٿان ڏسڻ وارو آهي تہ آءٌ هاري ماڻهو آهيان، ۽ وڻ چانگي گذران ڪندو هوس. منهنجو ٻالو فاشل ونٽ ناهي، پر جين وليجان آهي."
ڪاميٽ جو آءٌ ڪي ٻہ ڪين ٿيان. انهيءَ جي پڪ ڇاڙ."
ميريس کي هن جي مٿهن ڏسڻ سان يقين ٿيو تہ سچ ٿو ڳالهائي. جين وري چوڻ لڳو تہ "ڪاميٽ سان منهنجو هيترو واسطو آهي: هوءَ چوري هئي. پيءُ ماءُ ڪونہ هوس، مون ٻالي وڏي ڪيس. انهيءَ ڪري آءٌ هن کي پيءُ وانگي پيار ٿو ڪريان، نہ تہ ڏهہ ورهيہ اڳي آءٌ هن کي سڃاڻندو ٻہ ڪين هوس. هاڻ منهنجو هن سان واسطو ٿنو. هاڻ هوءَ اوهان جي ٿي. باقي اهي ڇهہ لک رپيا مون وٽ امانت هئا، سي مون پهچائي ڏنا. مون مناسب ڄاتو تہ اوهان کي منهنجي سڄي حال جي خبر پوي."
ميريس ٿوري حيرانيءَ کان پوءِ هن کي چيو تہ "اها ڳالهہ اوهين مون سان ڇو ٿا ڪريو؟ اوهان کي ڪنهن زور تہ ڪونہ ڪيو آهي. ڇو نہ اها پنهنجي دل ۾ رکيو اچو ها؟" هن چيو تہ برابر مون کي ٻئي ڪنهن زور ڪونہ ڪيو آهي، پر منهنجو اندر مون کي زور ڪري ٿو تہ اها ڳالهہ لڪاءِ نہ، جيڪا سچي

ڳالهه آهي سا ظاهر ڪر، ڪوڙ ۽ ٺڳي نه ڪر. اندر جي چڪن کان ڇڻڻ لاءِ ائين ٿو ڪريان. اگرچ اصل آءٌ قيدي آهيان، تہ بہ هاڻ ايماندار آهيان ۽ اندر جي قاضيءَ جو تابعدار آهيان. ڪوڙ ۽ ٺڳي ڪرڻ کان نقصان ۽ سزا سهڻ بهتر آهي. پنهنجي فائدي لاءِ ڇو ٻين کي نقصان ۾ وجهان. ڪوڙي نالي هيٺ اوهان سان گڏ رهندي ڪڏهن ڇهلجي پوان، تہ ٻوءِ اوهين بہ بدنام ۽ آءٌ بہ شرمندو، تنهن کان پلي تہ اوهين سڀ خوش رهو، باقي آءٌ پنهنجا ٿورا حياتيءَ جا ڏينهن ڪيئن بہ گذاري ويندس، پر اندر جي چڪن کان آزاد هوندس."

ميريس ڏٺو تہ هي شخص اصل ۾ ڪٽي ڪير بہ هو، پر هاڻ تہ بلڪل ايماندار ۽ سچو، خدا ترس ۽ خدا پرست مانهو آهي! پنهنجي پلي کان ٻين جي زياده ڳٽتي انس، تنهنڪري هن کي پاڻ زياده تعظيم جو لائق سمجهائين. ڇوڻ لڳس تہ اوهين هتي رهڻ سان ڪنهن جو بہ ڊپ ڪونہ رکو. ٺاني جي معرفت اسان جي هلندي پڇندي گهٽي آهي. آئيسرن کان اوهان کي معافي وٺائي ڏئي سگهندو." حين وليجان ورندي ڏني تہ "انهيءَ معافيءَ جي ضرورت بلڪل ڪانهي، ڇا لاءِ جو سرڪار کي توڙي خلق کي خبر آهي تہ آءٌ مري ويو آهيان، جيئرو ناهيان، اهو موت بہ منهنجي لاءِ پوري معافي آهي، پر مون کي پنهنجي اندر جي معافي گهرجي."

ائين ڪندي اوچتو پاسي واريءَ جاءِ جو در ٻڌيو، ۽ ڪاميت لنگهي آئي. تازي ننڊ مان اٿي هئي. ٻيءَ کي ڏسي سلام ڪري وٽس آئي ۽ سندس شڪل ڏسي، ڊڄي چوڻ لڳي ته "بابا، ڇو اهڙي صورت ۾ حيران ۽ پريشان بيٺا آهيو. ننڊ ڪانه ڪئي اٿو چا؟ هٿ سور ٿو ڪريو چا؟ ڇو مون کي پيار ڪونه ٿا ڪريو؟" ائين چئي وڃي هن کي پاڪر وڌائين، ۽ هن پيشانيءَ تي چميون ڏنيس. پوءِ موڪلائي هلي ويئي ۽ چيائين ته "آءٌ وڃي ڪپڙا ڪري ٿاني کي وٺي ٿي اچان ته اهو اچي حقيقت معلوم ڪري ته ڪهڙيون خوف جهڙيون ڳالهيون ٻيا ڪريو، جنهنڪري اوهان ٻنهي جو چهرو ئي زرد ٿي ويو آهي؟"

ڪاميت جي وڃڻ کان پوءِ ميريس جون وليجان جو ارادو ڏسي، هن کي منع ڪئي ته "پلائي ڪري اها ڳالهه ڪاميت سان نه ڪجو، ۽ نه ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ سان. اهو ڪجهه مون وٽ قابو هوندو ۽ انهيءَ جو آءٌ ڪنهن سان به ذڪر ڪين ڪندس. باقي پئسن امانت رکڻ ۽ صحيح سلامت پهچائڻ ۾ جيڪا سچائي ۽ ايمانداري اوهان ڏيکاري آهي، تنهن جو انعام اوهان کي ضرور ملڻ گهرجي. اهو جيڪو اوهين ٺهرائيندؤ اهو ڏيو." ۾ جون وليجان سندس شڪر گذاري ڪري ڪانئس موڪلايو. ميريس جي زور ڪرڻ تي انجام ڪيائين ته اڪتي رات جي

وقت اچي ڪاسيٽ کي ڏسيو پيو ويندو. ائين ڇئي موڪلائي هليو ويو. شاديءَ جي خوشيءَ کان پوءِ، هن نئين ڳالهه معلوم ڪرڻ ڪري هن جو اهڙو حال هو، جهڙو ڪبوترن جي آڪيري ۾ وڇونءَ ڏسڻ ڪري ٿيندو آهي- دل ۾ اهڙو ڪنڊو ٿي چڀيس.

ٻئي ڏينهن سج لٿي کان پوءِ، جين وليجان وري اتي آيو. لوڪر در ٻڌي ڏنس ۽ مٿي نيڻ جي ڪيائينس، پر هن چيس ته "آءٌ هيٺ ٿو ترسان تون گهر جي ڏياڻيءَ کي، يعني ڪاسيٽ کي وڃي خبر ڏي." جهٽ ۾ هوءَ آئي، ۽ ٻيئي بخاري جي ڀرسان ڪرسيون وجهي ويهي رهيا. پهرين ڪاسيٽ زور ڪيس ته مٿي هلي ملاقات واري جاءِ ۾ ويهي، پر هن اتي ترسڻ پسند نه ڪيو. پوءِ آهستي ڳالهه چوريائين ۽ ڪاسيٽ کي چوڻ لڳو ته "بابا، اڳتي مون کي بابا، بابا ڪري نه سڏيندي وڃ، مون کي جين ڪري سڏيندي وڃ، جو منهنجو سچو نالو اهو آهي." ڪاسيٽ حيران ٿي پڇيو ته "انهيءَ جو سبب ڪهڙو، ۽ مطلب ڇا آهي؟" هن چيو ته "جڏهن تون ٻئرن پانڌمرسيءَ جي زال ٿينءَ، تڏهن جي مون ۾ پنهنجو نالو ڦيرائي جين ڪيو ته ڇا ٿيو؟ توکي هاڻ مڙس آهي، ٻيءَ جي هاڻ ڪابه گهرج ڪانهي." پوءِ هن کي پيار ڪري چيائين ته "هاڻ آءٌ ڪنهن ٻاسي وڃان ٿو، وري ٻئي وقت گڏ باسين. ڪاسيٽ کي

ڏک گهٽوئي ٿيو، مگر لاچار هن کان پيار سان موڪلا يائين ۽ پوءِ هو هليو ويو.

انهيءَ کان پوءِ ڪيترائي هفتا لنگهيا. ڪاميت ڏاڍين خوشين ۾ وقت گذارڻ لڳي. مڙس جا عزيز خويش ملاقات لاءِ وٽس ايندا هئا، ۽ پاڻ مڙس سان گڏ انهن وٽ ويندي هئي. جين وليجان به هرروز شام جو اچي گڏبو هوس، مگر رهندو اچا به هوم آرميءَ واري گهٽيءَ ۾ هو، جتي اڳي رهندو هو. ڪي ڏينهن انهيءَ طرح اچي اچي، پوءِ نه اچڻ لڳو. هنن نوڪر موڪلي پڇا ڪرائي. انهيءَ کي جين ورندي ڏني ته "ڪنهن ڪم هٿ ڪري في الحال نٿو اچي سگهان." مگر حقيقت ڪري هو بيمار هو، ۽ روز بروز زياده بيمار ٿيندو ويو. جيڪا زال ماني جوڙي ڪارائيندي هيس، تنهن کي به انتظار ٿيڻ لڳو ته هُو نڪي گهٽو ڪائي ٿو نڪي پيئي ٿو، پيو آهي، نه پاڻ ڪيڏي وڃي ٿو نه پيو ڪو وٽس اچي ٿو. هفتو ڪن انهيءَ حال ۾ گذريو. جين ڏينهون ڏينهن ضعيف ۽ بيحال ٿيندو ويو- ساهه ڪڻڻ ۾ به مشڪلات ٿي معلوم ٿيس، ۽ نبض به ڊري هوندي ويس، هلڪ ڪڏهن ڪڏهن ته معلوم ئي نه پئي ٿي.

هڪڙي ڏينهن اهڙيءَ ضعيفيءَ جي حال ۾ به همت ڪري آئي ويٺو. ڪپڙا ڍڪيائين، وڏو ڪوٽ پاتائين ۽ پنهنجو ٿيلهو آڻي انهيءَ مان ڪاميت جا ڪپڙا جي سانڍيو وتندو هو، سي ڪڍي هنڌ

ٿي رکيائين. پادريءَ واريون چانديءَ جون ۽ شمعن جون بتيون ۽ ڪڍي بخاري تي رکيائين، ۽ انهن ۾ وٽ وجهي ڀاريائين، اگرچ ڏينهن هو. اهو سڀ ڪم هن اڪيلو، وبهي اڻي ساهيون ڪٽي ڪيو. آرسيءَ ۾ پنهنجي شڪل جا نظر ٻيس، سا سڀاڻ ۾ ٿي نه آيس، ۽ تمام ضعيف ۽ بيحال ٿي ويو هو. آخر اڻي ڪاغذ، قلم ۽ مس آڻي پاڻ وٽ رکيائين، ۽ پاڻ آرام ڪرسيءَ تي ويهندي ماندو ٿي ويو، جڏهن ساهه پٽيائين ۽ پاڻيءَ جو ڍڪ ڀريائين، تڏهن ڏکندي هٿ سان ڪاغذ تي هيٺن لکيائين ـ "پياري ڪاسيٽ ۽ پيارا ميريس، اوهين شل سدائين خوش هجو. هڪٻئي کي محبت ڪندا رهجو. هي ڪاغذ آءٌ لکي ڇڏي ٿو وڃان. پٽسا جيڪي مون اوهان کي ڏنا آهن تن جي بنسبت ۾ متان اوهان کي شڪ گذري ته چوريءَ يا قرسار جا آهن، ۽ متان انهيءَ ڪري ڪم نه آڻيو، تنهن جي شڪ لاهڻ لاءِ لکان ٿو ته اهي سڀ پٽسا حق حلال جا آهن. مون ڪچ جي سامان جو ڪارخانو ڪڍيو هو. اهو هنر مون پنهنجي ـ ل سان ڪڍيو هو ۽ انهن جي ٺاهڻ جو نسخو به پاڻ رٿيو هوم. اچو مصالحو ناروي سان ٿو اچي، ڪارو انگلنڊ مان، ۽ مٺڪا جرمنيءَ مان ٿا اچن. اهو مصالحو البت مهانگو آهي، پر انهيءَ جهڙو هٿراڏو تو مصالحو فرانس ۽ جرمنيءَ ۾ جڙي ٿو: هڪڙو نندو سنداڻ ۽ سورٺ يا شراب جي جوهر جي بتي،

لاڪ ۾ مون جي پڳهارڻ لاءِ ڪم ٿي اچي. انهيءَ سان وري ڙال ۾ ڏِٺي جي ڪارنهن ۾ ڪجل گڏجي ٿو. انهيءَ تي چار رپيا هڪ پائونڊ تور جي پئيان لڳن ٿا. پر مون اها ساڳي شئي لاڪ ۾ تارپين جي تيل گڏڻ سان ٺاهي، جنهن تي هڪڙو رپيو مس لڳو. انهن مان لوهه جي تارن تي جوڙيون ۽ ٻيون شيون جدا جدا رنگ جون ٺاهڻ لڳس. اهو مال اسپين ۽ ٻين ملڪن ڏي موڪليم، جو اڳي اهو گهڻو ڪٽو. انهيءَ مان مون گهڻا پئسا ڪمايا. لڪ گڏ ڪيم. آهي سڀ، پياري ڪاميٽ تنهنجي لاءِ ڇڏيم. هاڻ آءٌ لڪي نٿو سهان. ايترو به ساهيون ڪٽي لڪيو اٿم. هاڻ مون ۾ طاقت ڪانهي. منهنجو وقت پڄي آيو آهي، خدا کي پرتا آهيو. افسوس ته وري اوهان کي ڪين گڏبس." اتي اوچتو سندس در ڪڙڪيو.

باب ڏيويهون

انهيءَ ساڳئي ڏينهن شام جو، ميريس ماني کائي پنهنجي ڪتبخاني ۾ ٽي ويو ته نوڪر هڪڙو خط آڻي ڏنس، ۽ چيائينس ته "انهي، خط جو لکندڙ پاڻ ٻاهر وراندي ۾ بيٺو آهي." ميريس کي خط مان تماڪ جي باس پئي آئي. اکر به دل سان لڳس. ڀڪ ٿيس ته جانڊريٽ جا آهن. پڙهيائين ته هيئن لکيل هو- "ٻرن صاحب، خدا چاهي ها ته آءٌ به ٻرن ٽينارڊ ٻئر ٽي پوان ها، پر اگرچ اڄڙو ناهيان تڏهن به منهنجو نالو ڏسي اوهان کي منهنجي يادگيري ايندي. جي اوهين مون تي مهرباني ڪندؤ ته آءٌ به اوهان تي ڪندس، جو مون کي هڪڙي ماڻهوءَ جي نسبت ۾ ڪجهيءَ ڳالهه جي خبر آهي. اها ڳالهه اوهان جي لاءِ ڪمائتي ۽ فائدي واري آهي. انهيءَ ڳالهه جي معلوم ڪرڻ کان پوءِ، اوهين انهي ماڻهوءَ کي پنهنجي گهران ڪڍي ڇڏيندؤ. حضور جي بيگم وڏي اصل نسل واري آهي، انهيءَ جو اهڙي بدمعاش سان ڪوبه واسطو رهڻ نه گهرجي. آءٌ ٻاهر وراندي ۾ ترسان ٿو- صحيح ٽينارڊ ٻئر."

خط پڙهي ميريس کي پهرين حيرت لڳي، پوءِ خوشي ٿيس. خوشي اها ٿيس ته جنهن ماڻهوءَ جي

ڪولا ۾ هو ۽ جنهن پٽس جو ساهه بچايو هو، سو پاڻهي وڻس اچي نڪتو. نوڪر کي حڪم ڪيائين، سو هن کي اندر وٺي آيو. انهي ماڻهوءَ کي هن اڳي ڪڏهن به ڪونه ڏٺو هو. هو عمر جو پڪو هو ۽ مٿي جا وار سفيد هئس. شڪل خوفناڪ ۽ چورن جهڙي هيس. ڪوٽ جيڪو ٻيل هوس، سو ئي اهڙو ڪشادو ۽ ڊگهو هوس جو معلوم ئي ٿيو ته سندس ناهي، ڪنهن ٻئي جو آهي. شڪ پيس ته هيءَ آهو ناهي جو مون ئي ڪوليو، هيءَ ڪو ٻيو ماڻهو آهي. هن کي ڏسي ٻوءَ ڇيائينس ته "ڇا ٿو چوين؟" هن چيو ته "سائين، منهنجو عرض ٻڌو. آءٌ هن سڌريل ملڪ ۾ ملڪ جي ماڻهن کان بيزار آهيان. منهنجي مرضي آهي ته آمريڪا جي ڪنهن جهنگلي پاڳي ۾ وڃي رهان. مون کي زال ۽ هڪڙي خوبصورت ڌيءَ آهي. مون وٽ هڪڙي ڪڇي ڪالهه آهي، جا وڪڻڻ ٿو گهران ۽ انهيءَ جي ملهه مان امريڪا ڏي وڃڻ ٿو گهران." هن پڇيس ته "ڏاءُ اها ڪهڙي ڪالهه آهي؟" تڏهن چيائين ته "اوهان جي گهر ۾ هڪڙو چور ۽ خوني آهي، آهو ٽڳي ڪري پاڻ کي معتبر چوائي، اوهان جي خاندان سان گڏجي ويو آهي. انهيءَ جو سڄو نالو جين وليجان آهي. اهو اڳي سزا ڪاڌل ۽ وڏو قيد ڪاٽيل آهي. جيڪو مون کي ڪڇهه هٿ آيل آهي، انهيءَ جو ٻڌم صاحب جي مال

مال ملڪيت سان واسطو آهي. اهو ڪجهه آءٌ سستو وڪڻڻ ٿو گهوان - ويهه هزار رپيا.

ميريس گهنڊ وجهي چيس ته "جيڪي ٻڌايئي تنهن جي مون کي اڳيئي خبر آهي، ۽ جيڪو ڪجهه ٻڌائڻو اٿئي تنهن جي به مون کي اڳيئي سڌ آهي." اهو ٻڌي هن ماڻهوءَ کي اليت چڙ لڳي، ۽ چوڻ لڳو ته "انهيءَ هوندي به آءٌ اڄ هتي رهندس ۽ ماني کائيندس ۽ ويهه هزار رپيا وٺندس. منهنجو ڪجهه عجيب قسم جو آهي. اوهان کي انهيءَ جي ڪڏهن به خبر نه هوندي." ميريس چيو ته "انهيءَ جي مون کي خبر آهي، جيئن جين وليجان جي نالي جي مون کي خبر هئي. توکي به سڄڻ ٿو ته جانڊرٻٽ جي نالي سان سانفرسيل ۾ هوٽل رکندو هئين. اها به خبر اٿم ته ٽيارڊيئر تون آهين ۽ چور بدمعاش به آهين."

اٿين چئي ميريس پنجن سوَن رپين جو هڪڙو نوٽ ڪڍي، هن کي اچلائي ڏنو. ڏاڍي خوشيءَ سان حهٽ ڏئي هن آهو کنيو. اگرچ اڳي هڪهئي جا پاڙيسري هئا، پر تڏهن هڪهئي کي ڏٺو ڪين هئون. هينئر ڏٺائين ته هن ڪيس پوريءَ طرح سچاتو آهي. پنهنجي ڏيءَ ابوڻن کان هڪڙي غريب، ۽ سخي پاڙيسريءَ جو ذڪر برابر ٻڌو هئائين ۽ انهيءَ ڏي خط به لکيو هئائين، پر هينئر هن کي اهڙو خيال ئي اچي نٿي سگهيو ته ڪو اهو ماڻهو ٻئڻ پانعرسي هوندو.

ديول ڏي ويندي هن ۽ سندس ڏيءَ جين وليجان، ميريس ۽ ڪاميٽ کي ڏٺو هو، پوءِ ڏيءَ جي معرفت هن معلوم ڪيو هو ته اها ڪاميٽ چوڪري فنٽائن جي ڏيءَ هئي، جا بي نڪاحي زال هئي ۽ هاڻ انهيءَ جين جي معرفت بئرن پانڌرسيءَ سان پرٽي آهي، تنهنڪري پانيائين ته انهيءَ ڪجهه جو هن کي ڏڙڪو ڏيتي منجهانئس ڪا رقم ڪڍان، تنهنڪري اتي آيو هو.

ميريس چيس ته مون توکي اڳيئي چيو ته تنهنجي ڪجهه جي مون کي خبر آهي، ۽ مون کي خبر آهي ته اهو جين وليجان چور ۽ خوني آهي. چور هن ڪري جو مڊيلين وڏي ڪارخاني واري کي ڦري لٽي هن کي سڄو ڪري ڇڏيائين، ۽ خوني هن ڪري جو انسپيڪٽر جاورٽ کي ماري وڌائين. ٽينارڊيئر چيو ته "سائين، آءٌ سمجهي نٿو سگهان." ميريس چيو ته "ٻڌ، هڪڙو ماڻهو هو جو پهرين وڏي قيدخاني جو قيدي هو. پوءِ اتان ڀڄي نڪتو ۽ وڏي ڪارخاني وارو ٿيو ۽ غريبن مسڪينن سان ڏاڍيون ڀلائيون ڪندو هو. پوءِ سرڪار هن کي ميئر يا مئجسٽريٽ ڪيو، ۽ ڏاڍو انصاف وارو هو. پوءِ ٻئي هڪڙي چنڊل قيديءَ سڃاڻي ورتس، تنهنڪري وري جهلجي پيو. انهيءَ ٻئي چنڊل قيديءَ هن جي جهلجڻ جو وجهه وٺي انهيءَ مڊيلين ميئر جا رڪيل پئسا ٻئنڪ مان ڪوڙي صحيح ڏئي. جعلسازي ڪري ڪڍي ورتا.

اهو پويون قيدي جين وليجان هو. باقي ٻي ڳالهه ته هن جاورٽ انسپيڪٽر کي تپاچي سان ماريو، تنهن جو ته آءٌ پاڻ شاهد آهيان."

ٽيغارڊ ڀڙڪلي چيو ته "ٻرن صاحب، معاف ڪجو. ائين ناهي- حقيقت ٻيءَ طرح آهي. نڪي جين وليجان مڊيلين کي ڦريو، نڪي هن انسپيڪٽر کي ماريو."

ميريس چيو ته "سو ڪيئن؟ انهيءَ جا دليل؟" هن چيو ته "پهريون دليل هي آهي ته هن مڊيلين کي نه ڦريو، ڇالاءِ جو هو پاڻ مڊيلين هو. ٻيو هي ته هن جاورٽ کي نه ماريو، ڇالاءِ جو جاورٽ پاڻ کي پاڻهي ماري وڌو."

ميريس حيران ٿي پڇڻ لڳو ته "انهيءَ جي ثابتي ڪهڙي آهي؟" هن ورندي ڏني ته جاورٽ وڏيءَ ڊنڊي ۾ هڪڙيءَ ٻيڙيءَ جي هيٺان ٻڌل ۽ مئل لڌو."

ائين چئي ڪيسي مان ٻه اخبارون ڪڍيائين. هڪڙي اها جنهن جو اشارو اسان مٿي ڏنو آهي جنهن ۾ ڏيکاريل هو ته ميئر مڊيلين ۽ جين وليجان ساڳيو هڪڙو ماڻهو هو، ۽ ٻي اخبار پوءِ جي هئي، جنهن ۾ لکيل هو ته جاورٽ انسپيڪٽر فساد ين وٽ جهلجي ٻيو هو ۽ انهيءَ کي هڪڙي فسادي آزاد ڪيو، جو مارڻ جي بدران هوا ۾ تپاچو ڇوڙي ٻنهنجن سنگتين کي خوش ڪيائين، ۽ هن تي به احسان ڪيائين. اهو به لکيل هو ته جاورٽ اها ڳانهه پاڻ ٻنهنجي ٻالا آفيسرن سان به ڪئي هئي.

ميريس کي اخبارون ڏسي ۽ پڙهي خاطري ٿي ته جيڪي هو چوي ٿو سو سچ آهي. خوشيءَ مان دانهن ڪري چيائين ته "هي ڇا؟ هي ويچارو عجب جهڙو انسان هو. انسان نه هو ملائڪ هو. هو پاڻ مڙيلين هو، جو ساري ڪارخاني جو بلڪ ساري ڳوٺ جو مالڪ. اهوئي ميئر به هو ۽ اهو ٻيو ڪونه هو جين وليجان هو! هو ڪو وڏو اولياءَ آهي، وڏو خدا پرست ماڻهو آهي؟"

ٽينارڊ ٻئر چيو ته "نڪي هو اولياءَ آهي، نڪي خدا پرست ماڻهو آهي. هو خوني آهي ۽ چور بدمعاش. ميريس چيو ته "سو ڪهڙيءَ طرح؟" هن چيو ته "ٻئرن صاحب، سال کن ٿيندو، جنهن ڏينهن شهر جي ماڻهن فساد ڪيو هو انهيءَ ڏينهن هڪڙو ماڻهو شهر جي زير زمين واري خراب پاڻيءَ جي وڏي نل ۾ گهڙيو ۽ سين نديءَ جي ويجهو جيڪو نل جو منهن آهي اني آيو. آهو آءٌ هوس، ڪنهن سبب جي ڪري نل ۾ گهڙيو هوس. نل جي درين جي ڪنجي سون سان هئي. مون هڪڙي ماڻهوءَ کي اوچتو ڏٺو جو هڪڙي ٻئي جوان ماڻهوءَ کي ماري انهيءَ جا ٻئسا ڦري، انهيءَ جو لاش مٿي تي کڻي، دريءَ مان نڪري وڃي درياءَ ۾ ٽي اڇلا يائين. جوان ماڻهوءَ جو رت ٻئي وهيو. هو ماڻهو ڏاڍو زبردست ۽ خوفناڪ هو. آءٌ وڃي هن سان گڏيس، پر ڊپ کان هن کي ڪجهه چئي نٿي سگهيس. هن منهن

پاسي ڪو ته مون تجويز سان مثل ماڻهوءَ جي اندران پهراڻ جي دامن جو ٽڪر ڦاڙي ڪڍي ورتو، انهيءَ لاءِ ته پوءِ انهي خونيءَ تي ثابتي ڏيڻ سولي ٿئي. پوءِ هن کي دري پٽي ڏنيم، جو هن مون کي زور ڪيو. پوءِ هو نڪري ويو ۽ مون وري دري بند ڪري ڇڏي. آءُ جور بدمعاش، اهو جين وليجان هو ۽ اهو پهراڻ جي دامن جو ٽڪر اجهو هي آهي."

ائين چئي ڪيسي مان هڪڙو ڦاٽل ڪاري ڪپڙي جو ٽڪر ڪڍي ڏيکاريائين.

مهريس هيءَ ساري ڳالهه ٻڌي، ۽ اڳڙيءَ جو ٽڪر ڏسي حيران ٿي ويو. ذري گهٽ بيهوش ٿيڻ تي هو. آخر اٿيو، ڪنجي کڻي هڪڙو ڪٻٽ کولي هڪڙو پهراڻ ڪڍيائين، جو رت سان ڀريل هو ۽ جنهن جو ٽڪر ڦاٽل هو. اهو ٽڪر انهيءَ ڦاٽل جاءِ تي رکي ڏٺائين ته ملي آيو، ۽ ساڳئي رنگ جو هو. تڏهن هن کي چيائين ته "اهو جوان ماڻهو آءٌ هوس ۽ اهو پهراڻ هي آهي."

باب چوويهون

ٽينارڊ يئر هي ٻڌي اڌ-سئو ٽي ويو. ميريس ڪيسي ۾ هٿ وجهي ٻيو هڪڙو پنجن سوَن رپين جو نوٽ ۽ هزار رپين جو ٻيو نوٽ ڪڍي، چڙ مان اڇلائي، هُن جي منهن ۾ هنيو، ۽ چيائينس ته، ”هاڻ وڃ، هي ويهه هزار جي تون گهرين ٿو. تون تمام خراب، گلاخور ۽ ڪوڙو ماڻهو آهين، تو هڪڙي نيڪ ۽ اشراف ماڻهوءَ کي چور بدمعاش ۽ خوني ثابت ڪرڻ ٿي گهريو، پر آهو نيڪ ۽ اشراف ثابت ٿي پيو ۽ تون سچو ٻچو چور، بدمعاش ۽ خوني آهين. آءٌ توکي چڱيءَ طرح سڃاڻان. تون ٽينارڊ يئر جانڊريٽ هوٽل وارو آهين، تنهنجون گهڻيون بدمعاشيون مون کي معلوم آهن. جي چاهيان ته توکي جهلائي سخت سزا ڏياري سگهان. پر واڙلو واري ڪالهه توکي ڇڏائي ٿي. هاڻ وڃ، وڃي انهن ٻئسن مان بهتر حياتي گذار ۽ سبق سيک سياڻڪي ڏينهن امريڪا روانو ٿي ۽ پنهنجي ڏيءَ به وٺيو وڃ. تنهنجي زال جي خبر اٿم ته مري ويئي آهي.“

ٽينارڊ يئر ٻيو ڪي به ڪين ڪڍيو ٻاڦي ڪنڌ جهڪائي، سلام ڪري، نوٽ ڪيسي ۾ وجهي نڪري ويو. انهيءَ ڪان ٻه ڏينهن پوءِ هو پنهنجي ڏيءَ وٺي ڪوڙي نالي سان آمريڪا ڏي روانو ٿيو. اتي پهچڻ

گان پوءِ ۽ جهڙو يورپ ۾ خراب ماڻهو هو. اهڙو آئي ٿيو. انهن پئسن مان پانهن جو واپار شروع ڪيائين.

ٽينارڊ پئر جي ٽڪرڻ شرط ميريس ڊوڙي زال وٽ آيو. ڪاسيٽ انهيءَ مهل باغ ۾ پئي گهمي. جيائينس ته "ڪاسيٽ! جلدي ڪر، ڪپڙا ڍڪ تيار ٿيءَ ته هلون. انهيءَ منهنجي حياتي بچائي هئي، جلدي ڪر ته دير نه ٿئي." نوڪر کي سوڪلياڻين سو پاڙي جي گاڏي وٺي آيو. ڪاسيٽ پهرين ته حيران ٿي ويئي ته هي الائي ڇا ٿو چوي ۽ ڪهڙي تڪڙ ٿو ڪري. هڪدم گاڏيءَ ۾ چڙهي ويٺا ۽ هوم آرمي واري گهٽيءَ ۾ جين وليجان واري گهر نمبر ستين تي اچي بيٺا. پيئي خوش هئا ته اسين هن کي ڏسنداسين ۽ خوشيءَ جي خبر پڌائينداسين. رستي ۾ ميريس ڪاسيٽ کي پڌايو ته "جيڪو خط مون توڏي گوروش جي هٿان موڪليو هو، سو شايد تنهنجي پيءُ جي هٿ آيو. هن مون کي بچائي ته وٽ آڻڻ گهريو ۽ مون کي ڪني پاڻيءَ جي نل مان لنگهائي، ڏاڍيءَ مشڪلات سان گپن چڪن مان ڪڍي، باهر آندائين. هن کي ضرور زور ڪري وٺي پنهنجي گهر آئي رهائينداسين، ۽ وري ڪنهين پاسي نه چڏينداسين. آءٌ ساري عمر هن کي تعظيم ڏيندس، ۽ هن جي خدمت چاڪري ڪندس.

هي پيئي در ڪڙڪائي اندر لنگهي ويا. جين وليجان، جو آرام ڪرسيءَ تي ليٽيو پيو هو سو آئي ويٺو ۽

ڪاسيٽ ڊوڙي اچي ڀاڪر وڌس. جين تمام ضعيف هو، سو ڏاڍو خوش ٿيو. ڳالهائڻ جي طاقت ڪانه هيس. رڳو "ڪاسيٽ - تون! خدا جو شڪرانو-" اهي لفظ چئي ٿي سگهيو. ميريس تہ هن جو حال ڏسي روئندو اچي اکيان گوڏا ڀڃي ويٺس. ان کي بہ ڏسي چوڻ لڳو تہ "تون بہ - مون کي معاف ڪندين نہ؟" پوءِ جين وليجان بيهوشي جهڙيءَ حالت ۾ اچي ڳالهائڻ ۾ پيو. چوڻ لڳو تہ "ڀلي آيو- آءٌ بلڪل مرڻ تي هوس. ڪاسيٽ کي وري نہ ڏسندس. هيءَ اجها تنهجي ننڍي هوندي جي پوشاڪ. بئرن پاتمرسي، تون مون کي معاف ڪندينءَ نہ؟"

جهڙي ڪاسيٽ، تهڙو ميريس پنهي هن کي ڏاڍو پيار ڪيو ۽ ڏوراپا ڏاڻونس تہ چو اسان کي چڏي هليو وئين. ميريس خاطري ڏئي چيس تہ "اوهان منهنجي حياتي بچائي، ٻاڻ کي تڪليف ۽ جوکي ۾ وڌو! اوهين مون کي معاف ڪريو. آءٌ توڙي منهنجي زل اوهان جا دل وجان سان شڪرگذار آهيون. اوهان ماڻهن سان ڀلايون پئي ڪيون، ماڻهن جون حياتيون پئي بچايون ۽ آهي هنن کن پئي لڪايوَ ۽ انهن سان ڪاهہ ڳالهہ نٿي ڪيوَ. پنهنجا سڀ عيب ظاهر پئي ڪيوَ ۽ ٻين کي تهمت کان پئي چڏايوَ ۽ ڪنهن جي بہ گلا ڪرڻ نٿي گهريوَ. اوهين ٻاڻ مبڊيلين هئو. اوهان جاورٽ کي بچايو، اوهان مون کي بچايو، چو نہ اوهان اهي ڳالهون ظاهر ڪيون؟

اسين اوهان کي لحظو ۽ هتي نہ ڇڏيندا سين ۽ نہ پاڻ کان ڌار ڪندا سون. گاڏي اسان سان آهي، اوهان کي وٺي ليندا سون، هلو."

جين وليجان هي سڀ ڳالهيون ٻڌي ٻڌيون. وچ ۾ هڪ ٻ لفظ نہ ٻڌي ڳالهايائين. هاڻ چوڻ لڳو تہ "منهنجو وقت ازديک آهي. اڄ کان ٻوءِ نڪي آءٌ هتي هوندس، نڪي اوهان وٽ هوندس. خدا جي جيڪا مرضي. انهيءَ گهٽي مهرباني ڪئي. انهيءَ ڪاميٽ سان مون کي ملايو. هاڻ وڃان ٿو."

انهيءَ طرح ڳالهائيندي هو ڊرڪڻ لڳو. ڪاميٽ سهي ڪيو تہ هٿ سرد ٿيندا وڃن. ميريس ۽ ڪاميٽ ڏک ۽ ڊپ ۾ ڏکڻ لڳا. هوءَ ٻيءَ جو ابتڙ حال ڏسي رڙيون ڪري روئڻ لڳي. اوچتو ڊاڪٽر به اچي نڪتو، جو جين وليجان جي دوا ڪندو هو. انهيءَ نبض ڏسي، ميريس کي پاسي تي نيئي چيو تہ "هو شايد اوهان جي لاءِ ترسيل هو. هينئر هن جو وقت پورو ٿيو آهي. اوهين تمام ڊيرسان آيا. آهيو."

ائين ڪندي، جين وليجان ٽپ ڏئي اٿيو، جڻ تہ مئل ماڻهو اٿيو آهي. ڏاڍي همت سان اٿيو. هڪڙي هنڌ جاءِ ۾ صاحب رڪيل هو، انهيءَ کي وڃي چمي ڏنائين. ٻوءِ وڃي هنڌ تي ويٺو. ميريس ۽ ڪاميٽ ڊوڙي ٽيڪ ڏنيس تہ متان هاندي ڪيري پوي. هنڌ تي ويهي چوڻ لڳو تہ "اوهين ٻيئي چڱا آهيو، شال خوش هجو! ٻئرن پانڌرسي، اهي ٻئما حلال جا آهن.

تنهنجي زال جو حق آهي. ڪَچ ٿاهڻ جو مون نئون هنر ڪڍيو هو ۽ انهيءَ مان ڪمايا هئم. اهي حق حلال جا آهن ۽ ڪاسيٽ جا آهن."

پوءِ هو آهستي آهستي ڊرڪندو ويو، ۽ سنئون ٽي ليٽي ٻيو. ستي پٽي هنن کي چيائين ته "منهنجي لاءِ گهڻو روئجو نه. مون کي وساري ڇڏجو. مون اوهان لاءِ ڪي به ڪين ڪيو آهي. ڪاسيٽ توڏي خط ٽي لکيم. اجهو هو ٻيو آهي، پڙهي ڏس. هو بخاري تي پادريءَ واريون چانديءَ جون بتيون آهن. انهن کي مون ساهه سان ٽي سانڍيو. انهيءَ پادريءَ مون کي جانور مان ماڻهو ڪيو. ٽينارڊ ڀيئر خراب ماڻهو هو، پر انهيءَ کي به معاف ڪرڻ گهرجي. ڪاسيٽ ٻڌ! تنهنجي ماءُ جو نالو فنٽائن هو. انهيءَ جي حق ۾ دعا گهرندي رهج. هن جو توسان حد ڪان وڌيڪ پيار هو. هن تنهنجي لاءِ گهڻا ڪشالا ڪڍيا ۽ سختيون سٺيون. هاڻ خدا کي پرتا آهيو. منهنجي زبان هلي نٿي سگهي. منهنجي اکين جي اڳيان انڌارو ايندو ٿو وڃي. اوري ٿيو ته اوهان تي هٿ رکان آءُ وڃان ٿو، پر خوش وڃان ٿو- يا خدا!"

ميربس ۽ ڪاسيٽ ڊوڙي وڃي سندس هنڌ وٽ گوڏا ڀڃي ويٺا. هن پنهنجو هٿ هنن جي پٺيءَ تي گهمايو، ۽ پوءِ هٿ کڻي سنوان ڪيائين، ۽ اکيون بند ڪيائين. انهن ٻن پرندڙ شمعن جي روشنائي سندس منهن تي پئي پئي. ائين ٿي هن دم ڏنو، ۽ هو پيئي سڏڪا ڀري روئڻ ۽ رڙڻ لڳا. جين وليجان جو روح ملائڪن وانگي آسمان ڏي اڏامي ويو، ۽ هو زمين تي رهجي ويا.

پئرس جي قبرستان جي هڪڙي پاسي ۾، جتي غريبن مسڪينن جون قبرون آهن، اتي هڪڙيءَ ڪنڊ ۾، هڪڙي وڏي درخت هيٺ، گاهه سان ڍڪيل هڪڙو پهڻ ڏسڻ ۾ ايندو. اهو هڪڙيءَ پراڻيءَ قبر جو نشان آهي. جهونائيءَ ڪري انهيءَ تي سينور چڙهي ويو آهي، نڪو انهيءَ تي ڪو اچي، نڪو ڪو انهيءَ تي گل وڃهي. جڏهن ڪو آس جو تڙ ڪو انهيءَ تي ٻوي، تڏهن ڪي ڪرڙيون ۽ ساندبيون اچي ويهنديون آهن. مٿان وڻ تي سوين نندڙا پکي ويهي مٺيون ٻوليون ٻولينديا آهن. انهيءَ پهڻ تي نڪو نالو آهي، ۽ نه وري ڪو نشان. ڪنهن کي به خبر ڪانهي ته اهو ڪنهن جي قبر جو نشان آهي ـ اها آهي جين وليجان جي قبر! اهو شخص، جنهن نندي عمر ۾ غريبيءَ ۽ مسڪينيءَ جي ڪري لاچار ٿي هڪڙي روٽي چورائي، سا به ٻين ٻارن کي کارائڻ لاءِ، ۽ هڪڙي پائلي کنيائين، سا به پاڻهي اچي اڳيان پيش. انهيءَ لاءِ هن ساري عمر پڇتايو، ۽ انهيءَ عيوض پاڻ تڪليفون سهي ٻين سان ڀلايون ڪيائين، ۽ انهن بابت ڪنهن کي به نه ٻڌايائين.

اهڙو ماڻهو هن جهان جي لاءِ ناهي، پر هنن جهان جي لاءِ آهي، اهو مري نٿو، اهو هميشه جيئرو آهي!